
سوڍا چترُ سڄاڻ
ليک
امر رائيسنگھ راجپوت

# سوڊا چترُ سڄاڻ

(خاڪا)

## امر رائيسنگھ راجپوت

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: **سوڍا چترُ سڄاڻ**
ليکڪ: **امر رائيسنگهه راجپوت**
موضوع: خاڪا
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
سال: © **2018** ع
ڪمپوزنگ لي آئوٽ: تيرٿ وسنداڻي
ٽائٽل: پرڪاش ڪرمواڻي
ڇپيندڙ: **سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر**
**قيمت: 200روپيا**

***[Sodha Chatr Sujaan ]***

***By: Amar rai Singh Rajput***

**Edition: First**

**Year: 2018**

**Price: Rs. 200.00**

**ـــــــ اسٽاڪسٽ ـــــــ**

**سمبارا ڪنول ڪتاب هائوس، سيد آرڪيڊ، قاضي محلـــ حيدرآباد**
**پٽائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد ـ ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد ـ**
**شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهـ ڪاٺياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي ـ رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو ـ**
**مهراڻ ڪتاب، ڪپرو ـ العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ ـ المدينہ ڪتاب گهر، ڇاڇرو ـ**
**ٿر ڪتاب گهر، مٺي ـ ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص ـ المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ ـ**
**عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ ـ مرچولال بوڪ ڊيپو، بدين ـ سوجهرو ڪتاب گهر، بدين ـ**
**مهراڻ بوڪ سينٽر، سکر ـ سنڌ ڪتاب گهر ، شڪارپور ـ وسيم ڪتاب گهر شڪارپور ـ**
**سچل ڪتاب گهر، درزا ـ ڪنول ڪتاب گهر، مورو ـ**
**سارنگ ڪتاب گهر. ڪنڊيارو. شعور لائبريري خليفو قاسم، سليم نيوز پيپر ايجنسي ٽنڊوباگو،**

ارپيم

# مها شڪتيءَ ڏيول ماتا
# جي نانءُ

ڪوي شڪتيڏان ڪويا جي هن دوهي سان

ڍاٽ پارڪر ماڙ ڏر، گُٽي ڪڇ گُجــرات
مَـرُوڌر ۾ پوڄي منڪ، ڏيول ني ڏن رات

امر رائيسنگھ راجپوت

**ڪيھر لنڪي گوريان سوڊا چترُ سڄاڻ،**
**ٻڙ جُھڪيا لانٻي ٽٽان آيو گڏ امراڻ.**
(ڪوي بانڪيداس)

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”سوڊا چترُ سجاڻ“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب شاعر ۽ ليکڪ **امر رائيسنگهه راجپوت** جي لکيل خاڪن جو مجموعو آهي جيڪي سنڌ جي سوڍن بابت آهن. هو لکي ٿو:

”هن ڪتاب لکڻ پويان منهنجو مقصد اهو آهي ته ويجهي ماضي ۾ وڪريل سوڍن جي هيرن کي هٿ ڪري، تاريخ جي تاج ۾ سجائي، صدين جي سونهن پيدا ڪجي. مون پنهنجي وس ڪان متي ڪوشش ڪئي آهي ته سوڍن جي تاريخ کي سُني نموني سان سهيڙي سُڌاري لڪان. سوڍن جي ذڪر ڪان سواءِ سنڌ جو اتهاس ئي اڌورو آهي. ان اتهاس جي مڪملتا ڪارڻ مون پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. ماضي ۾ ۽ ويجهي ماضي ۾ ڪجهه اهڙا اهم سوڍا ٿي گُذريا آهن جن جي جيون چريتر تي ڪنهن هڪڙو حرف به ناهي لکيو. ان ڪري مون انهن جي زندگين جا پنا سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون انهن تي به دل کولي لکيو آهي جن جو حال ۾ ڪجهه حال آهي.“

هي ڪتاب **سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر** پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون امر رائيسنگهه راجپوت جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ستاءُ


ليکڪ پاران : امر رائيسنگهہ راجپوت 08

❖ سنڌ جا سوڍا اتهاس جي آئيني ۾ 10

❖ راجپوتن جي رهاڻ 32

**پروفائيل**

❖ راڻا چندر سنگهہ سوڍو 41

❖ راڻا همير سنگهہ سوڍو 47

❖ ڪنور ڪرني سنگهہ سوڍو 56

❖ ٺاڪُر راجوير سنگهہ سوڍو 61

❖ راڻا رتن سنگهہ سوڍو 65

❖ ٽيلات راڻسنگهہ سوڍو 72

❖ پير لڌو سنگهہ سوڍو 77

❖ ڪينئراج سنگهہ سوڍو 81

❖ دليپ سنگهہ سوڍو 83

❖ جهوجهار سنگهہ سوڍو 91

❖ اُڏيسنگهہ سوڍو 98

❖ هانسو سوڍو 105

❖ اُپيسنگهہ سوڍو 110

❖ ڪيسوپاءُ سوڍو 115

❖ پيرڏان سنگهہ سوڍو 121

❖ خانجي سوڍو 125

❖ وڪيل رائسنگهہ سوڍو 129

❖ وينجهراج سنگهہ سوڍو 133

❖ سوائي سنگهہ سوڍو 138

❖ ڏجئہ سنگهہ سوڍو 144

**ليکڪ پاران**

# زندگين جا پنا سهيڙڻ جي ڪوشش

هن ڪتاب لکڻ جو منهنجو مقصد ڪنهن وڏيري جي خوشنودي حاصل ڪرڻ قطئي ناهي، پر منهنجو مقصد آهي تہ ويجهي ماضي ۾ وڪريل سوڍن جي هيرن کي هٿ ڪري، تاريخ جي تاج ۾ سجائي، صدين جي سونهن پيدا ڪجي. ان مقصد ۾ آئون ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان؟ اهو فيصلو توهان پڙهندڙن تي ڇڏيو اٿم. مون پنهنجي وس ڪان مٿي ڪوشش ڪئي آهي تہ سوڍن جي تاريخ کي سُٺي نموني سان سهيڙي سُڌاري لکان. سوڍن جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جو اتهاس ئي اڌُورو آهي. ان اتهاس جي مڪملتا ڪارڻ مون پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. ميان ٿو ڪيئي غلطيون بہ هونديون، پر دلي سچائي سان لکيل هر لفظ پاڻ ڳالهائيندو تہ، امر سوڍن سان انصاف ڪيو آهي يا نہ.؟ ماضي ۾ ۽ ويجهي ماضي ۾ ڪجهہ اهڙا اهم سوڍا ٿي گُذريا آهن جن جي جيون چريتر تي ڪنهن هڪڙو حرف بہ ناهي لکيو. ان ڪري مون انهن جي زندگين جا پنا سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون انهن تي بہ دل کولي لکيو آهي جن جو حال ۾ ڪجهہ حال آهي. اُميد تہ هي ڪتاب بہ منهنجي اڳوڻن ڪتابن وانگي اوهان کي پسند ايندو ۽ اوهين هن مان ڀرپور لاڀ پرائيندا.

آخر ۾ آئون شُڪريو ادا ڪندس منهنجي پياري دوست پرڪاش ڪرمواٽي جو جنهن سامروٽي پبليڪيشن جي پليٽ فارم تان، انتهائي خوبصورتي سان منهنجو هي ڪتاب ڇپائي اوهان جي هٿن تائين پهچايو آهي. آئون ٿورائتو آهيان منهنجن اُنهن گهڻ گهُرن جو جيڪي مون لئہ هر وقت ڏُک جي آرهڙ ۾ ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ بڻيا آهن.

انهن ۾ وڪيل رائسنگھ سوڍو، سانگيڏان سنگھ ساڈُور سوڍو، نرپت سنگھ سوڍو، سورن سنگھ سوڍو، پير ڪيت سنگھ ڪُتاني، راجوبر سنگھ عرف راج سوڍو، نگجي راجپوت، ناٿڙو نگجي ورڻ مچيائو راجا پريم عرف بابُو سوڍو، هيمراج سنگھ گجاڻي، سوائي سنگھ سوڍو آروکي، پوپٽ سنگھ سوڍو، سروپ سنگھ سوڍو، کينئراج سنگھ جاڙيجا، پريم سنگھ پاٿي سردار، چتر سنگھ راٺوڙ، پدم سنگھ پٿي، چندن سنگھ سوڍو، وفا وينجھراج سنگھ، راجا ٺاڪر، گينجي، لالجي پٿي، حاڪم سنگھ راجپوت، هيمراج سنگھ مالڍي، اجئہ سنگھ سوڍو، سردار اڪُو جاني، لکجي مهر، چندن سنگھ پٿي، نرسنگھ سوڍو ڪلارڪ، ڪروجي تپيدرا ڍونديو، نيتسنگھ ڪونپاڻي شامل آهن. انهن سڀني دوستن جا لک احسان

**امر رائيسنگھ راجپوت**

**Cell: 0346-3751610**

**#amarraising_rajput@yahoo.com**

# سنڌ جا سوڍا اتهاس جي آئيني ۾

صدين کان ڏاٽ جي مور پنک جهڙي سنگهاسن تي سُونهندڙ راج مُکٽ راڻا ۽ سنڌڙي جا جونجهار سوڍا "اگني ونس" پرمار راجپوت جو اولاد آهن. پرمار، پنوار، پُوار جنهن جي اُتپتي هندستان جي رياست راجستان ۾ موجود "آبُو جبل" تي ٿي هُئي. اهو آبُو پهاڙ جنهن کي هن وقت هندستان جو مشهور ٽوئريسٽ اسپاٽ" مائونٽ آبو" چيو وڃي ٿو. روايت آهي تہ جڏهن پڳوان پرشرام ايڪهي ڀيرا کترين کي هن دنيا مان ختم ڪيو هو تڏهن برهمڻ کي دئيتن ۽ اسرن (شيطان صفت مخلوقن) ڏاڍو تنگ ڪرڻ شروع ڪيو هو. رُشين ۽ مُنين کي يگيہ ۾ ڀنگ وجهي ڏيندا هُئا. کشترين جي خاتمي کان پوءِ دئيتن سان مقابلو ڪرڻ وارو ڪو ماڻهون رهيو ڪون هو. ان ڪري برهم رشي وشيشٽ مني آبو جبل تي هڪ اگني ڪُن ٺاهي وڏو هَون ڪيو ۽ ان اگني ڪُن ۾ انسان جو اٽي جو پُتلو ٺاهي چار ڀيرا وڏو ۽ منتر شڪتيءَ سان ان مان چار مرد پيدا ڪيا جيڪي ترتيبوار هن طرح هئا. پڙهيار، سولنڪي، چوهاڻ ۽ پرمار. پرمار لفظ جو مفهوم آهي تہ پر=پرايا + مار= ناس ڪر . ڏارين کي ماريندڙ ۽ دشمنن جو سنگهار ڪندڙ کي ئي پرمار چيو وڃي ٿو. اگني ڪُن مطلب باهہ جي جر. باهہ مان پيدا ٿيڻ ڪري اُنهن کي اگني ونس يعني باهہ جو اولاد چوندا آهن.

**پوٽان ساک پينتيس هي وڏ پرماران ونس**
**سوڍ پرماٽي جگ سهي امراٽي اونتس**

پرمار راجپوتن جون پنجٽيهہ شاخون آهن جيڪي تاريخ ريگستان مطابق هن ريت آهن:

**(1)** موريا (چندر گُپت موريا وارا) **(2)** سوڍا (ڍاٽ جا راجا) **(3)** سانکلا (پونگل جا جاگيردار ۽ ٻيا ڪيترائي مارواڙ ۾ رهن ٿا.) **(4)** کير **(5)** اُمرا / سومرا **(6)** وهل (چندراوتي جو راجا) **(7)** ميپاوت (ميواڙ ۾ ٻيجولي جا سردار) **(8)** ٻلهر (اُتر هندستان ۾ آهن.) **(9)** ڪاٻا ( اڳي سوراشٽر ۾ هُئا هاڻي سروهي ۾ آهن. **(10)** اُمٽ (مالوا ۾ اُمتواڙا جو راجا.) **(11)** ريهور **(12)** ڍونڍيا **(13)** سورٽيا **(14)** هرير (مالوا ۾ ننڍيا ننڍيا جاگيردار.) **(15)** چونرا **(16)** کيچڙ **(17)** سوکڙا **(18)** برکوتا **(19)** پوجا **(20)** سمپل **(21)**ٻيپيا **(22)** ڪالنپر **(23)** ڪالموهہ **(24)** ڪوهلا **(25)** پوبا **(26)** ڏونڌ **(27)** ڪهرڙيا **(28)** ڏيوا **(29)** ٻرهر **(30)** جيپرا **(31)** پوسرا **(32)** ڏوٽا **(33)** رکومرا **(34)** ٽيڪا **(35)** اها شاخ هاڻي ناهي

.وقت جي وير پرمارن جي پيدائش جي باري ۾ ڪوي شڪتيڏان ڪويا پنهنجي ڪويتا ۾ هن ريت لکي ٿو تہ:

**مُني وشيشٽ جگ منڊيو آبُو سکر اُتنگ**
**داٽوَ جد ڏيٺو دخل ڍاپڻ ڪيٺو ڍنگ**

**اگن ڪُنب سُون اُوپنا پهہ شتري پرمار**
**سولنکي چوهاڻ سم هُئو وڙي پرتيهار**

پرمار جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ رُشين ۽ مُنين سک جو ساهہ کنيو. دئيتن کان جان آجي ٿي. پرمارن جي راجا شاهي بابت محترم رائچند رانوڙ تاريخ ريگستان ڀاڱي پهرين ۾ لکي ٿو تہ ”راجا چندرسين کان پوءِ چوٿين پيڙهي ۾ راجا ڀيمڪ ٿيو ۽ راجا ڀيمڪ کان پوءِ انين پيڙهي ۾ جيڪو راجا ٿيو ان گادي جو هند ڌار نگري مان ڦيرائي اُجين ۾ ڪيو.“ جڏهن تہ تحقيق ڪرڻ سان پتو پوي ٿو تہ اهو درست ناهي ڇاڪاڻ تہ اُجين ڌار نگري کان پهرين وسايل هُئي. اُجين کي گادي جو هند رٽڏوج جي پرمار ڪيو هو.

ٻي ڳالهه تہ راجا چندرسين وير وڪرماجيت کان پوءِ پيدا ٿيو هو. ڌار نگري گهڻي وقت کان پوءِ راجا ڀوج وسائي هُئي. پرمارن پهرين آبُو جبل تي راج ڪيو پوءِ آبُو کان هيٺ لهي چندراوتيءَ نگري وسائي جتي سنڌُوراج پرمار راجائي ڪئي. چندراوتيءَ کان نڪري رٺڏوج پرمار اُجين نگري وسائي. اُتي ئي راجا ويروڪرماڏتيہ جنم ورتو. پرمار راجائن ۾ راجا وير وڪرمادتيہ چڪرورتيءَ سمراٽ راجا هو جنهن اُجين نگري تي ڇهہ سؤ سال ڇهہ مهينا ويهہ ڏينهن تي گهڙيون ۽ ٽيهہ پل راڄ ڪيو هو. جنهن جي نالي پويان هندو ڌرم جو وڪرمي سنبت وارو ساليانو ڪئلينڊر ٺهيل آهي. وڪرماجيت کان پوءِ مشهور پرمار يشوي راجا ڀوج ٿيو جنهن چندراوتيءَ جي ويجهو ڌار نگري کي پنهنجي راڄڌاني بڻائي ۽ تخت جي ٻتيهہ گُڻن کي سمجهيو. آبو کان پوءِ اجين ۽ ڌار نگري تي راڄ ڪرڻ بابت هڪ پراچين ڪهاوت ملي ٿي تہ:

”ايڪ اُجين ڌار ٻيجو آبُو ٻيسٽُو“

پرمار ڪُل ۾ جتي چڪرورتي راجا وير وڪرمادتيہ ۽ مها دانيشور راجا ڀوج جهڙا ٻاون وير پُرش پيدا ٿيا هئا. اُتي پير پٿوري ۽ پرٿري هري جهڙا هري ڀڳت بہ جنميا هئا. پرمار ڪُل ۾ ڇهہ مشهور مها شڪتيون بہ پيدا ٿيون هيون. جن جا نالا هي آهن. راجا جگديو جي راجڪُماري وانڪل ڏيوي، راجا ڪلنگ پرمار جي راجڪماري سچيا ڏيوي، جانري جي ويرُو پرمار جي پُتريءَ مالهڻ ڏيوي،راجا بدريس جي راجڪماري روپان ڏيوي، راوَ مگيراوَ جي راجڪماري جوگ ماتا ۽ راجا چاهڙراءِ جي پُتريءَ ڪلياڻ ڪنور. پرمارن جي اصل گادي تہ آبُو جبل کي ئي ڄاڻايو ويو آهي پر اُنهن آهستي آهستي عقل ۽ ويرتاهہ سان پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪندي تقريبن سمورو اُتر هندستان هٿ ڪري ورتو هو. اُتر ۾ ڪشمير ۽ ٽهري گڊوال (هماليہ جبل) کان ڏکڻ جي ڪرناٽڪ تائين ۽ اوڀر ۾ بنگال کان اولهہ ۾ رتناڪر ساگر (سنڌ) تائين قبضو ڪري ورتو هو. انهي ڪري اها ڪهاوت مشهور ٿي تہ:

**”پرٿوي پرماران تٽي اني پرٿوي تٽان پرمار“**

تاريخ ريگستان جي ڀاڱي پهرين ۾ محترم رائچند راٺوڙ لکي ٿو تہ ”پرمار راجپوت جو اندر ديوتا جي ڪرپا سان اگني ڪنڊُ مان پيدا ٿيو. تنهن دانوَ ۽ اسرن (سٿين) لوڪن کي ماري، برهمڻن جو بچاءُ ڪيو ۽ هُن پوءِ نہ رڳو آبُو پهاڙ ۽ ان جي آسپاس وارن ملڪن تي حُڪومت ڪئي، پر هُو ساري اُتر هندستان جو راجا ٿيو. ”پرٿوي پرمارن جي آهي“اها مشهور ڪهاوت آهي. انهن جو وڏو راڄ هو. تنهن ڪري هنن جا پويان”راجپوت“ يعني ”راجا جو پُٽ“ سڏجڻ لڳا“.

راجپوتن کي سنڌيءَ ۾ ’’رجپُوت‘‘ بہ چوندا آهن. رج= ڌرتي+پُوت: پُٽ. يعني ڌرتيءَ جو پُٽ (Son of soil)

راجپوتن جي اهم سڃاڻپ آهي تلوار ۽ سخاوت ۽ بليدان.

چون ٿا تہ ڪنهن رجواڙيءَ ۾ هڪڙي کوهہ تي ڪجھ ڇوڪريون پاڻي ڀري رهيون هيون. اُتان هڪڙي پنڊت جو گذر ٿيو. جنهن پاڻي پيئڻ جي تمنا خاطر اُنهن کان تعارف پڇيو.

سيني ڇوڪرين پنهنجي مريادا انوسار پرمپرائن تي ٻڌل تعارف ڪرايو. اتي موجود هڪ راجپوت ڪنيا هن ريت تعارف ڪرايو تہ:

**لنڪا مان هيڙين هٽي گهوڙا آوين همقتا**
**شيش لتي ڌڙ لڙين، اَوپر ڍول نغارا بجتا**
**سورج اوگي ڏان ڪرين اهون تاڄ پوتُري پندتا.**

(لنڪا مان جنگ کٽي ايندڙ سوروير گهوڙن تي سوار آهن ۽ گهوڙا سهڪندا اچن. سر لٿي کان پوءِ ڌڙ بہ يُڌ ڪري ٿو ۽ انهن جي امرپدوي تي شوڪ ڪرڻ بجاءِ ڍول نغارا وڄن ٿا. سَج اُڀرندي ڏندڻ پاڻي ڪرڻ کان اڳ دان پُڄ ڪن ٿا. آئون انهن جي ڌيءَ آهيان.)

پنڊت ان ڪنيا جي مٿي تي هٿ رکي چيو: جيو پُٽري، جَل پيار.‘‘

راجپوتن جا ڇٽيهہ ڪُل ۽ چار ونس آهن. جيئن تہ ڪجهہ مؤرخن راجپوتن جا ڇٽيهہ ونس ڄاڻايا آهن. محترم رائچند هريجن بہ ڇٽيهہ ونس لکيا آهن. اهو درست ناهي .اصل ۾ ڇٽيهہ ڪُل آهن ۽ چار ونس آهن.

1- سوريہ ونس/سورج ونس

2- چندر ونس

3- يادوَ ونس/ يدُو ونس

4- اگني ونس/ اگن ونس

انهن ڇٽيهہ "36" ڪُلن کي چئن ونسن ۾ هن طرح ورهايو ويو آهي. انهي بابت هڪ پراچين دُوهو ملي ٿو تہ:

دس روي سُون دس ششي سُون دُوا دس رشي پرماڻ
چار هُتاسن تي ڀئہ ونس ڇتيس وکاڻ.

(ڏهہ سورج ونس، ڏهہ چندر ونس، ٻارنهن يادو ونس ۽ چار اگني ونس.
اهي ڇٽيهہ ڪُل آهن راجپوت راجا شاهي جا.)

محترم رائچند هريجن جي تاريخ ريگستان ۽ ڪرنل جيمس ٽاڊ جي ٽاڊ راجستان (حالات مارواڙ) ۾ راجپوتن جا ڇٽيهہ ڪُل هن ريت بيان ڪيا ويا آهن.

(1) اکيہ واڪ (2) اندو سُوم (3) گهلوت چوويهہ شاخون (4) يادو/ يدو.چار شاخون (5) تنور. سترنهن شاخون (6) رانوڙ. تيرنهن شاخون (7) ڪشوواهہ/ڪڇاواهہ (8) اگني ونس پرمار. پنجٽيهہ شاخون (9) چوهاڻ. چويهہ شاخون (10) سولنڪي /چالڪيا.سورنهن شاخون (11) پرتيهار پڙهيار. ٻارنهن شاخون (12) چاوڙا.هڪ شاخ (13) ٽانڪ/ تکيہ (14) جوٽ.جيٽي يا جاٽ (15) هُن/هُڻ (16) ڪاٺي (17) بلا (18) جهالا/ موڪواٽا.ٻہ شاخون (19) جيٺو/ ڪامري (20) گوهل(21) سرويا (22) سلار (23) ڏاٻي (24) گوڙ.پنج شاخون (25) ڏوڏا (26) گوهروال (27) ٻڙگوڇر.ٽي شاخون (28) سينگر.هڪ شاخ (29) سيڪروال هڪ شاخ (30) ويس/ ٻئيس. هڪ شاخ (31) ڏاهيا (32) جوهيا (33) موهل (34) نڪومپ (35) راجپالي (36) ڏاهيما.

راجا ڀوڄ ڪان پوءِ جيڪي راجا ٿيا، اُهي راجا جڳديو تائين راجا ئي سڏائيندا آيا. راجا جڳديو مُولي جام نگر گجرات تي راڄ ڪيو. راجا جڳديو ڪانپوءِ راوَ سڏائڻ لڳا.

محترم رائچند راٺوڙ تاريخ ريگستان ڀاڱي پهرين ۾ لکي ٿو تہ” راجپوت اڳي جڏهن اُجين ۾ هُئا تڏهن مهاراجا ۽ راجا سڏبا هئا. مگر ڪيرارو ۾ اچڻ ڪان پوءِ راوَ/ راءِ سڏجڻ لڳا ۽ سنڌ ۾ اچڻ ڪان پوءِ راڻا سڏجڻ لڳا“.

راجا جڳديو جا ٻہ پُٽ ٿيا. هڪ راوَ ڌاراورش جي ۽ ٻيو راوَ ڪاباجي (هن جي پويان ڪاٻا شاخ وجود ۾ آئي) . راوَ ڌاراورش ڪانپوءِ راوَ ڌنڌمارجي راجا ٿيو. هن جو پُٽ امرسنگھہ ٿيو جنهن وڪرمي سنبت **1071** برابر **1015**ع ۾ امرڪوٽ شهر جو بنياد وڌو. ڌنڌمارجي جي وڏي پُٽ ڌرٽي وراھ پنهنجي نو ڀائرن ۾ نو ڪوٽ ورهائي ڏنا ۽ انهن نوڪوٽي مارواڙ وسائي. هڪ پراچين شعر آهي تہ:

منڏو ور سانونت هوئو اجمير سنڌ سُو
گڊ پونگل گجمال هُوئو لو ڌريو ڀان ڀُو

آل پال اربڌ ڀوجراج جالنڌر
جوگراج ڌر ڍاٽ هُوئو هانسو پارڪر

نوڪوٽ ڪراڙو سنجُگتا تر پنوار هر تا پيا
ڌرٽي براھ ڌر ڀايان ڪوٽ بانٽ جُو جُو ڪيا.

راوَ ڌرٽي واره جا ٻہ پُٽ ٿيا هڪڙو راوَ ڌوم جي هو جنهن کي ڌوم راڄ يا ديوراج عرف مهيپال بہ چوندا هئا. جنهن آبو جبل تي راڄ ڪيو. ٻيو راوَ ٻاهڙجي جنهن ٻاڙمير شهر وسايو. راوَ ڌوم جو پُٽ اَمٽراوَجي ٿيو جنهن جي پويان امٽ شاخ وجود ۾ آئي. هن شاخ وارا نرسينگھہ گڊ ۾ رهن ٿا. راوَ ٻاهڙجي جو پُٽ راوَ ڇاهڙجي ٿيو جنهن چوهٽڻ ڏونگر ويجهو ڇاهڙسر نالي

ڳوٺ وسايو. چاهڙ راوَ کي هڪ ڌيءَ ۽ ٻن پُٽن جو اولاد ٿيو. پُٽ سوڍو ۽ سانکلو هُئا. ڌيءَ جو نالو (ڪلياڻ ڪنور) سچيا ماتا هو. جيڪا سچيا شڪتي جي اوتار مڃي وڃي ٿي. هن وقت سوڍن جي پوڄيه ڏيوي آهي. هن جو وڏو ٿان اوسيان گجرات ۾ آهي. ڪراڙو جي ڪنڌرن ۾ سچيا ماتا جي پراڻي مندر جا آثار اڄ به ڏسڻ وٽان آهن. سوڍي جو اولاد سوڍا پرمار سڏائڻ لڳا ۽ سانکلي جو اولاد سانکلا پرمار..سانکلن جي الڳ تاريخ آهي. سانکلا هندوستان ۾ رهن ٿا. سوڍا سنڌ سان تعلق رکن ٿا. سوڍا شبد سنسڪرت ٻولي جي شبد سوڍ مان نڪتل آهي جنهن جو ارٿ آهي:وير، بهادر ۽ ٻلداني. سوڍن بابت اهم جانڪاري ڪجهه هن ريت هيٺ ڏجي ٿي.

جاتي: راجپوت

اُپ جاتي: سوڍا

ونس: اگني ونس

ڪُل: پرمار

گوتر: وشيشٽا

پريوار: ترپپريوار

ويد: يجُر ويد (شُڪلا)

اُپويد: ڌنُر ويد

مُول پُرش: ڌوم راج

پهرين سلطنت: اُجين (مالوا)

موجوده سلطنت: ڍاٽ (عمرڪوٽ)

راج پدوي: راڻا

ڪُل ڏيوي: هرسڌي ڏيوي

پوڄيه ڏيوي: سچيا ماتا

اِشٽ ڏيو: منداوريا (سوريه)

ڪُل ڏيو: مها ڪال

پير پٿورو صاحب: پوڄئہ ڏيو.

مهاديو: مها ڪال اُجين

گنپتي: ايڪل ڏنتي گنيش

گايتري: برهما گايتري

ڀيرو: گورا ڀيرو

تلوار: رڻ تار

ڍال: هريان

نشان: ڪيسري شينهن

جهنڊو: پيلو (ڪيسريو)

هٿيار: ڀالو

پگڙي/ پٽڪو: پنچ رنگي

پر ڏک ڀنجن: وير وڪرم

سمها دانيشوري: شهنشاهجي پرمار

مها دانيشوري: راجا ڀوج

ڪشما ڏان: راجا مونج

راج يوڳي: ڀرتري هري

سوڍي جو پُٽ سينڌل ۽ چاچڪ ديو ٿيا. سينڌل جو اولاد سينڌل سوڍا ٿيا. مختلف مؤرخن سوڍن جون پنجٽيهہ شاخون بيان ڪيون آهن، پر تحقيق ڪرڻ سان پتو پوي ٿو تہ سوڍن جون شاخون اسي کان مٿي آهن جيڪي تفصيل ۽ ترتيب سان هن ريت آهن.

سينڌل سوڍا، جيسل سوڍا، ساود سوڍا.

چاچڪ ديو جي پنجين پيڙهي ۾ ڌاراورش جي پُٽ درجنشال کان پوءِ وجود ۾ ايندڙ سوڍن جون شاخون هي آهن.

ڀاڻ سوڍا، سنگراسي سوڍا، راجيا سوڍا، ڪيلهڻ سوڍا، نانگڙ سوڍا، ڪيتل سوڍا، آسڪرڻ سوڍا، ڀيپيا سوڍا، دودا سوڍا، ڪرڻ سوڍا، پاتا سوڍا، ڀارمل سوڍا، ويرم ديو سوڍا، گڄو سوڍا، ويرڌمل سوڍا، ڪِتا سوڍا، رَتا سوڍا،

ٿِريا سوڍا، سُورا سوڍا، ساگرائي وئرسي سوڍا، ورجانگ سوڍا، وجا سوڍا، اُڏا سوڍا، ساڏور سوڍا، ڀُڄبل سوڍا، مڏا سوڍا، ٻِڄُو سوڍا، ويڏا سوڍا، نرسينگهه سوڍا، جيسا سوڍا، سُورجمل سوڍا، مانسنگهه سوڍا، سرتاڻ سوڍا، ڀُوپت سوڍا، ڀوجراج سوڍا، وجئراج سوڍا، واگها سوڍا، ڏوڏا سوڍا، رام سوڍا، ويرسي سوڍا، گنگداس سوڍا، ڏَلا سوڍا، ارجڻ سوڍا، لوٽڪر سوڍا، مهاجل سوڍا، ڏَرا سوڍا، ڏَبا سوڍا، مالديوجي سوڍا، ميهراڻ سوڍا.

ڏاراورش جي ٻئي پُٽ آسراءِ جي اولاد مان وجود ۾ آيل سوڍن جون شاخون هي آهن.

تيجُو سوڍا، سينگپال سوڍا، ڀُوتا سوڍا، جڙيا سوڍا، مالديو سوڍا (پارڪريا)، لُونيا سوڍا، مُولراج سوڍا، اڙانتا سوڍا، اجرويا سوڍا، تڙگامان سوڍا، پاٽينگڙا سوڍا، نَڏا سوڍا، اکا سوڍا، مانا سوڍا، رائسل سوڍا، ڏيوراج سوڍا، لُوٽا سوڍا.

ڏاراورش جي ٽئين پُٽ تيجمال سنگهه جي پيڙهي مان وجود ۾ آيل سوڍن جون شاخون هي آهن.

ستلا سوڍا، ڏارا سوڍا، سُونگل سوڍا، ڏيپال سوڍا، ڀُوپال سوڍا، اَپ سوڍا، گَپ سوڍا، وڏيريا سوڍا، الڻ سوڍا، مالڻ سوڍا، گجپال سوڍا، ڀهُو پال سوڍا، مهندا سوڍا، ولهي سوڍا، اجيت سوڍا، اکمالود سوڍا، ملوت سوڍا. ڏاراورش جو چوٿون پُٽ جگت سنگهه ٿيو. جنهن جو پُٽ رتن سنگهه ٿيو. رتن سنگهه جا ٻه پُٽ ٿيا، لکڏيرجي ۽ مُجوجي. اُهي ٻئي سوراشٽر مٽي ۾ وڃي رهيا. انهن جو اولاد لکڏيروٽ سوڍا سڏرائي ٿو.

هاڻي ان ڳالهه جو جائزو وٺنداسين ته سوڍو سنڌ ۾ ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڇو آيو؟ ان لاءِ مختلف مؤرخن جي لکيل تاريخ کي تراشٽي پوندي. اتهاس کي حقيقتن جي پرڻ سان ڇاڻٽو پوندو. روايت آهي ته سوڍي کي سندس پيڻ ڪلياڻ ڪنور (سچيا ماتا) دعا ڪئي هُئي ته تون سنڌ تي راج ڪندين. ان بابت ڪوي شڪتيڏان جي شاعري ساکي آهي.

**سو واڙي سچيا رو آڏو اِشٽ انُوپ**
**سوڍي ني ور سمپيو ڀيو ڏاٽ رو ڀُوپ**

(شوواڙي جي سچيا ماتا پنهنجي اشٽ ديو مهاديو جي ڪرپا سان
سوڍي کي ور (دعا) ڏنو ۽ هُو ڏاٽ جو راجا ٿيو.)

**سُت چاهڙ سوڍو سپهہ هال رتو گڍ هيل**
**اگياري سو اڪياسئي مها سُدَ تيرس ميل**

(چاهڙ راوَ جي سپوٽ پُٽ سوڍي يارنهن سؤ ايڪاسي وڪرمي
سنبت جي مانگهہ مهيني جي ساهي تيرس تي رتي ڪوٽ تي
قبضو ڪيو هو.)

چوڻ وارا چون ٿا تہ سوڍي پنهنجي راڄڌانيءَ ڪراڙو کان ڪوچ ڪري
پهرين رتي ڪوٽ تي قبضو ڪيو. جتي هڪ صديءَ تائين راڄ ڪرڻ
کانپوءِ پنهنجي حُڪومت جي حدن کي وڌائڻ لئہ امرڪوٽ سومرن کان
ڇني ورتو.

**ڪٽ ويس اوسر توٽا ڪگان هُوران وڙي هلا ويو،**
**ٻاري سو ورس ٻيانسي سوڍو امرڪوٽ آ ويو.**

مٿئين دوهي مان صاف ظاهر آهي تہ سوڍو هڪ صدي تائين رتي
ڪوٽ ۾ ئي راضي رهيو بعد ۾ ٻارنهن سؤ ٻياسي وڪرمي سنبت ۾
امرڪوٽ تي راڄ ڪيو. محترم رائچند هريجن لکي ٿو تہ ”سوڍو ۽ سندس
پُٽ چاچڪ ديو رتي ڪوٽ ۾ رهيا. چاچڪ ديو کان پوءِ سندس پُٽ
راجديو/ رائديو رتي ڪوٽ جي گادي تي ويٺو“
تيجسنگهہ سولنڪي پنهنجي ڪتاب ”امرڪوٽ سنڌ جو اتهاس“ ۾
لکي ٿو تہ ”جيئن تہ ڌرٽي وراهہ جو وڏو پُٽ مهيپال آبو جو راجا ٿيو ۽ ٻئي پُٽ
ٻاهڙ کي ڪجهہ نہ مليو تنهن ڪري هو وڃي راڌنپور رهيو. سندس وڏو پُٽ

نالي سوڍو سنڌ جي سومري حاڪم وٽ **1125**ع ۾ لنگهي آيو جنهن مهرباني طور کيس رتو ڪوٽ (هي ڪوٽ کپري تعلقي ضلع ٿرپار (هن وقت سانگهڙ ۾ اچي ٿو) ۾ کپري جي ڳوٺ کان ڇهه ڪوهه اُتر ڍوري جي پرسان اجان ڦتل صورت ۾ موجود آهي) ڏنو.“محترم تيجسنگهه جي پهرين راءِ ته باهڙ راوَ کي ڪجهه نه مليو سو هو وچي راڌنپور ۾ رهيو. سو بلڪل درست ناهي ڇاڪاڻ ته باهڙ راوَ ٻاڙمير شهر وسايو هو نه ڪي راڌپڻ پور ۾ رهيو هو. باهڙ راوَ ڪراڙو ۾ به رهيو هو. راڌنپور ۾ ته سندس پوٽو سوڍو ڪجهه وقت لئه رهيو هو. تيجسنگهه اڳتي لکي ٿو باهڙ جو وڏو پُٽ سوڍو سنڌ ۾ آيو. اهو به درست ناهي ڇاڪاڻ ته سوڍو باهڙ جو پُٽ نه پر پوٽو هو. باهڙ جو پُٽ ڇاهڙ راوَ هو جنهن ڇاهڙسر نالي ڳوٺ ٻڌو هو. ڇاهڙ راوَ جي پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ سوڍو ڪجهه وقت راڌنپور ۾ رهيو جتي سچيا ماتا وردان ڏنو ته سنڌ تي وڃي راڄ ڪر ان کانپوءِ سوڍو سنڌ ۾ آيو. سوڍن جي اڪيلي اتهاسڪ ڪتاب ”سوڍائڻ“ ۾ ڊاڪٽر شڪتيڏان ڪويا لکي ٿو ته ”سوڍو پنهنجي مددگار جان نثار ساٿين سان گڏجي سنڌ ڏي سنپريو. ڇهن ڏينهن جي مسافري بعد ستين رات جو رتي ڪوٽ تي حملو ڪري رتي مغل کي ماري پنهنجو راڄ قائم ڪيو“ هاڻي ان مان صاف ظاهر آهي ته هن کي مهرباني طور رتوڪوٽ نه مليو هو. مُغل ۽ مهرباني تي ئي نه ٿو سگهي. جيئن تيجسنگهه ڄاڻايو آهي. تيجسنگهه سولنڪي وڌيڪ لکي ٿو ته ”سوڍو ۽ سندس پُٽ ڇاچڪ ديو رتي ڪوٽ جي حُڪومت ۾ ئي راضي رهيا. ڇاچڪ ديو کان پوءِ راڄ ديو عرف راءِ ديو رتي ڪوٽ جي گادي تي وينو. جيئن ته سوڍي کي رتي ڪوٽ ۾ آئي سؤ ورهه اچي ٿيا هُئا. انهي ڪري سندس پويان پنهنجن پيرن تي بيهڻ جهڙا ٿي ويا هُئا. سنڌ جي عياش سومرن جي پوتي به ڪشي ڇڏي هيائون. سومرن جو راجا نتي ۾ رهندو هو. جو امرڪوٽ کان **50** ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. انهن سيني سببن جي ڪري رائديو امرڪوٽ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امرڪوٽ جي حقيقت وٺڻ لئه جنف چارڻ کي موڪليائون جو کين تسلي هُئي ته سومرا راجپوتن کي چارڻ جي امرڪوٽ اچڻ تي ڪو به شڪ ڪونه پوندو. راجديو جو انومان ٺيڪ نڪتو. جنڦ چارڻ بنان

رڪاوٽ جي امرڪوٽ جي سموري حالت کان واقف ٿي راج ديو کي امرڪوٽ کاهه ڪرڻ لئه همٿائي وٺي آيو. تنهن ساتم سهائي مهينو ويساک سنبت **1282** وڪرمي برابر **1226**ع جي يڌ لڳي. وجئه مڪٽ راجديو جي مستڪ تي شوڀڻ لڳو“.

محترم پارومل امراڻي ”همروٽ چتيسي“ ۾ لکي ٿو ته”سوڍي کان پوءِسندس پُٽ رائديو(راج ديو) راج سنڀاليو. رائديو کان پوءِ سندس پُٽ چاچڪ ديو راجائي سنڀالي. راڻا چاچڪ ديو داناءُ ۽ بهادر هو. هن راج سنڀالڻ سان ئي امرڪوٽ فتح ڪيو. چارڻن کي کاروڙو دان ۾ ڏنو هئائين“.

ڪوي شڪتيڏان ڪويا جي شاعراڻي ڪتاب ”ڏرا سُرنگي ڊاٽ“ جي پوميڪا ۾ پومي جي پلماڻسئي جيتمال سنگهه سوڍي لکيو آهي ته”سوڍا جي سنڌ جي ڪُشاشڪ رتي مُغل کي جنگ ۾ هارائي پنهنجي راڄڌاني قائم ڪئي ۽ راڻا جي لقب سان راج ڪرڻ لڳو .سوڍي جي ئي پيڙهي مان راڻا رائديوجي امرڪوٽ جو راج سومرن کان ڇني ورتو “.اڳتي لکي ٿو ته”راڻا جئه پرم جي پُٽ راڻا جسهڙ امرڪوٽ تي پنهنجو راج **1282** وڪرمي سنبت ۾ قائم ڪيو ۽ هن ڪم ۾ سندس مددگار جنڦ ڏيتا چارڻ کي کاروڙي جي جاگير ڪروڙپساوَ ۾ دان ڪئي“.

هاڻي انهن سڀني مؤرخن جي الڳ الڳ راءِ آهي.تيجسنگهه سولنڪي موجب سوڍي جو پُٽ چاچڪ ديو هو ۽ چاچڪ ديو جو پُٽ راجديو ٿيو جنهن امرڪوٽ هٿ ڪيو ۽ جنڦ چارڻ کي کاروڙو دان ۾ ڏنو. محترم پارو مل امراڻي جي راءِ آهي ته سوڍي جو پُٽ رائديو ٿيو ۽ رائديو جو چاچڪ ديو. سڄي گنگا ئي اُلٽي. پيءُ کي پُٽ ۽ پُٽ کي پيءُ ڪري ڇڏيو. پارو مل موجب چاچڪ ديو امرڪوٽ هٿ ڪيو ۽ ان ئي جنڦ کي کاروڙو دان ڪيو. جيتمال سنگهه جي راءِ موجب رائديو امرڪوٽ هٿ ڪيو ۽ ٻارنهن سؤ ٻياسي ۾ راڻا جئه پرم جي پُٽ جسهڙ امرڪوٽ تي راج ڪيو اهو به بلڪل غلط آهي ڇاڪاڻ ته **1282** وڪرمي سنبت تي جسهڙ نه پر رائديو امرڪوٽ هٿ ڪيو هو. وڌيڪ لکي ٿو ته ان جي مدد ڪندڙ جنڦ چارڻ

کي ڪاروڙو دان ۾ ڏنو. جيتمال سنگھہ جي ان راءِ سان تہ سهمت آهيان تہ امرڪوٽ رائڌيو سومرن کان ڇني ورتو جنهن جي باري ۾ هي دوهو بہ شاهدي ڏي ٿو تہ :

**ڪٽ ويس اوسر توتا ڪگان هُوران وڙي هلاويو،**
**ٻاري سو ورس ٻيانسي سوڍو امرڪوٽ آ ويو.**

باقي جسهڙ جو امرڪوٽ هٿ ڪرڻ واري ڳالهہ درست ناهي. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ امرڪوٽ راجديو هٿ ڪيو هو جيڪو چاچڪ جو پُٽ هو. جنق کي ڪاروڙي جي جاگير انهن ٻنهي مان ڪنهن بہ ڪون ڏني هُئي. جنق کي جاگير ڏيڻ وارو سخي ڏاتار جئہ پرم جو پُٽ جسهڙ هو. جنهن سنبت ٻارنهن سؤ وڪرمي ۾ (ڏهاڪو صحيح معلوم نہ ٿو ٿئي ) جنق کي بنان ڪنهن لالچ جي ڪروڙ پساوَ ۾ دان ڪيو هو. جنهن بابت پراچين ڇپايو اڄ بہ مشهور آهي.

**سهس ڏين سلوار اسي ڏر واهڻ اگگل**
**ترڻ سو ڪونڊي تيس جڪي دُوجڻ مهاجل**
**سانڊي ڪرها سو سات ڏُڙڪ پچاس دُئاگل**
**پجڙ ويسان دس پلا جڪي باج جهڙا ويگاگل**
**اڏڪوڙ گرٽ جسهڙ اُچت ايڪاٽوئي پرمار هو**
**جنق نان ڏيڏي ڪاروڙو سمت ٻاري جئہ پرم سهو.**

مذڪوره ڇپايي ۾ چاڻايل آهي تہ جئہ پرم جي پُٽ جسهڙ وڪرمي سنبت ٻارنهن سؤ ۾ جنق ڏيتا چارڻ کي ڪروڙ پساوَ (راجپوتن پاران چارڻ ڪوين کي دان ڪرڻ وارو مقرر قائدو) ۾ ڪروڙ پساوَ جي رقم مطابق اڌ رقم جو مال دان ڪيو. جنهن ۾ پلا گهوڙا، هاٿي، مينهون ڍڳيون وغيره ۽ اڌ رقم جي زمين دان ڪئي، جيڪا پنڌرنهن سؤ ايڪڙ پوکي لائق هئي. اڄ بہ جنق جا پويان ان کي پوکين ٿا.

تاريخي توڙي جاگرافيائي لحاظ سان رتي ڪوٽ جي گادي ڍاٽ کان بلڪل الڳ آهي. ان ڪري رتي ڪوٽ تي راج ڪندڙ سوڍي ۾ سندس پُٽ چاچڪ ديو کي ڍاٽ (امرڪوٽ) جي گادي واري سلسلي ۾ شامل نہ ڪرڻ گھرجي. چاڪاڻ تہ ڍاٽ رتي ڪوٽ کان الڳ آهي. ڍاٽ يعني امرڪوٽ تي سوڍن جي پھرين بادشاهي سن **1226**ع کان وٺي **1330**ع تائين **104** سال رهي.سن **1330**ع ۾ سنڌ جي سومري حاڪم دودي ٽئين راڻي ڏاراورش کان راج کسي ورتو. **1330**ع کان **1439**ع تائين **109** ورھ امرڪوٽ سوڍن جي هٿ مان نڪري ويو .پنھنجو وڃايل راج وري راڻي همير **1439**ع ۾ هٿ ڪيو.**1439**ع کان وٺي **1709**ع تائين **270** سال امرڪوٽ مڪمل طرح سوڍن جي صاحبي ۾ رهيو. ان کان پوءِ بہ راڻپ واري پدوي اڄ ڏينھن تائين هلندي اچي. ڍاٽ جي گادي تي پھريون نمبر راڻو وينو هو راڻو رائديو. ڍاٽ جي گاديدار راڻن جي شروعات رائديو کان ڪرڻ گھرجي. ان حساب سان موجوده راڻون چوٻھون نہ پر ڇٽيھون راڻو آهي. اڄ ڪلھ جا مؤرخ الئہ ڇو پورا ڏھ راڻا غائب ڪري چوويھون راڻو لکن ٿا. جڏهن تہ ڍاٽ جي راڻن جو صحيح شُجرو هن ريت آهي.

**(1)**راڻو رائديو/راج ديو (**2**) راڻو جئہ ڀرم (**3**) راڻو جسڌر/ جسھڙ (جنڪ چارڻ کي ڪروڙ پساوَ ۾ ڪاروڙو جي ڀنڌرنھن سؤ ايڪڙ جاگير ۾ تمام گھٽي چل سمپتي دان ڪندڙ) (**4**) راڻو سوميشور (**5**) راڻو ڏارا ورش (هن جو ٻيو پُٽ آسراءِ پارڪر لڏي ويو. جنھن جا پويان پارڪر جا راڻا ٿيا جن انگريزن کي توتا چٻايا هئا **(6)** (.راڻو دُرجن شال/ دُرجن سنگھہ (**7**) راڻو ڪينئرو (هن جيسلمير جي مھاراول جي گھران شادي ڪرڻ وقت ساڻپيلي/ سامئيي کان تورڻ تائين پھچڻ وقت يجمانن /ڪسبين کي ڀنڌرنھن سؤ گھوڙا ريجھہ/دان ۾ ڏنا هُئا. ان ڪري اڄ بہ چونئري وقت ”راڻو ڪينئرو“ گيت ڳايو وڃي ٿو. هن ئي چارڻياڻي مھاشڪتي جومادي‍ھ کي پنھنجي ڏيءَ ڪري ٻُڌا ڀاتي سان پرڻائي هُئي. جومادي‍ھ جو قسم ڪنيل هو تہ هُوءَ ڪنھن بہ چارڻ سان نہ پرڻبي. ان ڪري هُوءَ راڻي ڪينئري وٽ هلي آئي **(8)** (راڻو اوتار ڏي) هن

مارواڙ جي منڊور پرڳڻي جي راوَ چونڊاجي جي راجڪماري ڦُولڪنور سان شاديءَ ڪرڻ وقت يجمانن / گسبين کي ٽي هزار گهوڙا ريجهه / دان ۾ ڏنا هئا.) (**9**) راٺو همير (هن ڪامل درويش پير پٿوري سان جنگ ڪرڻ لئه چڙهائي ڪئي هئي، پر ترت ئي مرشد جي ڪرامتن کان ڊڄي پيش پيو هو.) (**10**) راٺو ڏوڏو (هن راٺي همير جي صغير پُٽ ويسي کان دوکي ۾ راج کسيو هو .هن کي مهاشڪتي ڏيول ماتا ويرمُٽ هٽي ماري واپس راج ويسي کي ڏياريو هو.)(**11**) راٺو ويسو/ويرسين (**12**) راٺو تيجو (**13**) راٺو چانپو (**14**) راٺو گانگو (**15**) راٺو پتو / پرشاد (هن دهليءَ جي حاڪم هُمايون مغل کي پناه ڏني هُئي. افغانستان جي پٺاڻ شير شاه سوري کان شڪست کائي پناه لاءِ سنڌ جي سوڍي وٽ هلي آيل همايون کي راٺي پرشاد نه رڳو وڏي عزت ڏني پر شير شاه سُوري سان جنگ ڪرڻ لئه ايران جي شاه کان مدد حاصل ڪري ڏني. همايون جي بيگم حميده بانو کي پيڻ ڪري شاهي عزت ۽ آدر ڏنو. هتي ئي مغل اعظم اڪبر بادشاه جو جنم سن **1542**ع ۾ ٿيو.) (**16**) راٺو چندرسين (هي راجا سورج سنگهه جو سهرو هو.) (**17**) راٺو پوجراج (**18**) راٺو ايسرداس (هن کي جيسلمير جي راجا اول سبل سنگهه سنبت وڪرمي **1710** ۾ گادي تان لاهي راٺي گانگي جي پوٽي جئسنگهه عرف جگ سنگهه کي امرڪوٽ جي گادي تي ويهاريو.)(**19**) راٺو جئه سنگهه/ جگ سنگهه (**20**) راٺو سُرتاڻ سنگهه (هن پويان سوڍن جي سُپر ڪاسٽ سُرتاڻ وجود ۾ آئي.) (**21**) راٺو آسڪرڻ (**22**) راٺو سگرام سنگهه (**23**) راٺو مهراج (**24**) راٺو ڪيسر سنگهه (**25**) راٺو ڪيمون (هن جي پيڙهي مان راٺو رتن سنگهه ٿيو. جنهن کي انگريزن بغاوت جي ڏوهه ۾ ڦاسي ڏني.) (**26** (راٺو سگرام سنگهه ٻيو (**27**) راٺو شوراج سنگهه (**28**) راٺو سبل سنگهه (**29**) راٺو مهراج ٻيو(هن جي وقت ۾ راٺي رتن سنگهه انگريزن سان وڙهي پنج هزار ايڪڙ جاگير هٿ ڪئي هئي، جيڪا اڄ به موجوده راٺي هميرسنگهه وٽ آهي.) (**30**) راٺو پيوت سنگهه (**31**) راٺو صورت سنگهه (**32**) راٺو پيرڏان

سنگهه (**33**) راٺو جسونت سنگهه (**34**) راٺو ارجڻ سنگهه (**35**) راٺو چندرسنگهه (هي وڏو مها پرتاپي راٺو هو.) (**36**) راٺو همير سنگهه. موجوده راٺو

ڏاراورش سوڍي جو ٻيو پُٽ آسراءِ پارڪر لڏي ويو جنهن پارڪر جي گادي تي پنهنجو راڄ ڪيو. پارڪر جي گاديدار راٺن جو شجرو همروٽ چتيسي ۾ محترم ڀارومل امراڻي هن ريت ڏنو آهي.

”آسراءِ ، ديو راڄ ، سلک/ سڙڪجي، ديپو، ڪنگهار، ارجڻ جي، ڀيم جي، ويرسل، ڀاڪرسي، گانگوجي، اکوجي، ماٽڪ راءِ، لوٽجي، ڏيپار جي، رامسنگهه، وٽوير جي، رائڌڻ جي، گجسي، ڪانجي/ڪرٽجي، رتن جي، هميرجي، رٽڇوڙجي ۽ انچل سنگهه“.

انچل سنگهه پارڪر جو آخري راٺو ٿيو جيڪو بعد ۾ هندستان لڏي ويو. راٺپ واري پدوي بہ ساڻس گڏ ڪٽي ويو.

سمي جي ٻلوان سوڍن جي صاحبي ذات جي لئہ اها ڳالهہ تمام وڏي فخر واري آهي تہ ان جي گناتپي/ رشتيداري تمام وڏن ماڻهن سان رهي آهي. ذات جا سپوت سوڍا پاڻ مهاراجائن، مها راولن ۽ ٺڪاٽيدار جاگيردارن جون ڪنيائون پرڻيا آهن تہ پنهنجون ڌيئرون بہ مهاراجائن، راولن ۽ لوڪ ديوتائن ۾ پرڻايون آهن. راٺو ڪينئرو جيسلمير جي مها راول جي راجڪماري سان پرڻيو هو.راٺو اوتار ڏي منڌور جي راوَ چونڊاجي جي ڌيءَ ڦُولڪنور سان پرڻيو هو. ذات جون پنجتيهون راٺو چندرسنگهه سوڍو راوتسر جي راوت تيجسنگهه جي گهران پرڻيو هو. اهڙي طرح انهن پنهنجي ڌيئرن جي سڱاوتي بہ مهان ماڻهن سان ڪئي. راجستان جي پنج پيرن ۾ مشهور ۽ لوڪ ديوتا ويرپابو جي رانوڙ ۽ تنور راما پير ٻئي امرڪوٽ جي سوڍن مان پرڻيا هئا. سورج مل سوڍي جي سندر ڪنيا ڦُول ڪنور سان پابوجي رانوڙ پرڻيو هو ۽ سوڍي دلجي جي معذور نياڻي نيتل ٻائي سان راما پير پرڻيو هو . راما پير سان شادي ڪرڻ کان پوءِ نيتل ٻائي جي معذوري ختم ٿي ويئي.

**امرڪوٽ پرڻيا اُيئہ مهي ٻنڌي سر موڙ**
**تونئر رامسا پير تيون رنگ پاٻو رانوڙ**

(امرڪوٽ جي سريلي ڌرتي تي مٿي تي مُوڙ ٻڌي، ڌهي للاڙ وننڊڙ تنور راما پير ۽ پاپوجي رانوڙا وهان کي سلام آهي.)

ان کان سواءِ تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ ڪاروڙي مالڏي مان ڪڇ جو راءِ ٻارو بہ پرڻيو هو. جنهن جو سپوٽ پُٽ جئهليو وڏو سخي ڏاتار ٿي گُذريو آهي. جنهن جي باري ۾ پراچين دوهو ملي ٿو تہ:

**جئهليا ٻاري تڻان، جگ ڦري جو**
**جات سمون سيڪو، رات سمون نہ ڪو**

(ڪوي چئي ٿو تہ را ٻاري سمي جي جئهلئي جهڙا سمان سموري دنيا گهمي ڏس. ذات جا سمان ڪيئي ملي ويندا پر جئهلئي جي رات جهڙا نہ ملندا. مطلب هُو پنهنجي رات ڄائو هو.)

ريگستان جي راڻن ۽ سنڌڙي جي سوڍن جو تاريخ جي ترازُو ۾ سخاوتي پلڙو بہ ڀاري آهي. جنڦ چارڻ کي ڪاروڙي جي جاگير خيرات ۾ ڏيندڙ ”راڻو جسهڙ“ ڏاتارپي جو وڏو نالو هو. سانپيلي کان تورڻ تائين پهچڻ وقت چارڻن،ڀاٽن ۽ ڀانن کي پنڌرنهن سؤ گهوڙا دان ڪندڙ ”راڻي ڪينئري“ کان وٺي پرڻجڻ وقت ٿي هزار توڪر ڪسٻين کي دان ۾ ڏيندڙ راڻي ’’اوتار ڏي‘‘ تائين سخي سوڍن جو هڪ اهڙو سلسلو آهي جيڪو نسل در نسل تسلسل جي روپ ۾ هلندو اچي. سخاوت ۾ ڪيئي سوڍا سپوٽ ٿي گُذريا آهن. پوءِ اهو ڇيلهار جي چارڻ ۾ ڄار جي وڻ هيٺ اوتارو اڏي منگتن کي منهن منگيا دان ڏيندڙ ”جهوجهار سنگهہ سوڍو“ هُجي يا چارڻن کي اڻ گهريا اُٺ گهرين پُڄائيندڙ ڇور جو مور ”دولت سنگهہ سوڍو“ هجي. ڏاهلي گج ڏاڻ جي وجئري سوڍي وڏ هٿ ”واگهجي“ جا ڀلا ڪهڙا واکاڻ ڪجن جنهن جي سخاوت کي ساراهيندي جهانڦلي جي جهيٻي ڪيسر نڪلنڪ سوڍي جو نانءُ ڏنو آهي. پارڪر جي مٿيءَ بہ وڏا سخي سوڍا ڄڻيا آهن جن ۾ چندن گڊ ۾ چوپهہ ورهہ

هر روز ڪروڙ پساوَ ڪري پوءِ ڏندڻ پاڻي ڪندڙ ”راڻي چندن“ ڪان وٺي وانديئي ڳوٺ جي وڏي ڪوي چارڻ سُوري کي گُجرات جي حاڪم احمد شاھ جي عذاب کان بچائيندي پنھنجو سر ويڍي ڏيندڙ پارڪر جي ”پُنراج سينڌل سوڍي“تائين ڪيئي اھڙا نرالا نالا آھن جن جي ڏاتارپي جا ڏس وطن جي اتھاس جو ورق ورق ڏي ٿو. جن جي قربانين سان تاريخ جا ڪتاب پريا پيا آھن.سوڍن جي سخاوت، سُونھن، سورھيائي، سچائي، سُلڇڻائي، حُب الوطنيءَ ۽ ھوشياريءَ تي آئون اجان ڪجھ وڌيڪ لکان ھا پر منھنجو وڌيڪ لکڻ شايد قصيده نويسي ۾ شُمار ٿي وڃي ان ڪري آئون مجموعي طور سوڍن جي تاريخي تعارف لئہ محترم پارومل جي ھي پلوڙراءِ اوھان لائق پڙھندڙن اڳيان پيش ڪندس تہ ھن کي پڙھي توھان پاڻ فيصلو ڪجو تہ سنڌڙيءَ جا سوڍا قدرشناسي جي لائق آھن يا نہ؟

”وقت جي سچن ۽ ڪرن ڪوين، سوڍن کي ڳايو آھي. ڪردار جو ڪچو ڪو بہ ماڻھو ڪھڙي بہ ڪُڙم مان ٿي سگھي ٿو پر مجموعي طور تي سوڍو سنڌ ۾ پيار، پريت،ريت، رسم ۽ ماڻھپي جو مثال آھي. رٺمل سوڍي، جوڌا سنگھہ، ھانسي سوڍي، راڻي ڪرڻجي، لڌو سنگھہ ۽ اُڏيسنگھہ سوڍي تائين سرويچ سوڍن سنڌ جي سيند کي، ڪنوار جي سيند جي سنڌُور جيان پنھنجو رت ڏيئي ريٽو ڪيو آھي...“

صديون اڳ سوڍن جي صاحبي کي شاعرن جي شاعريءَ ۾ ڏسنداسين تہ بہ انھن پومي جي وير بھادرن جي تصوير سياري جي سج جيان صاف شفاف ۽ چٽيءَ ڏسڻ ۾ ايندي .پھرين ڪوي بانڪيداس جي شاعري ۾ سوڍن کي ڏسون ٿا. ڪوي بانڪيداس ان دؤر ۾ امرڪوٽ آيو ھو جنھن دؤر ۾ ڀاڻ پرڳڻو جوڌپور جي مھاراجا وجئہ سنگھہ جي ھٺ ھيٺ ھو. اُن وقت ھُن سوڍن کي پنھنجي شاعري ۾ ھن ريت بيان ڪيو تہ:

ڪيرت وليان ڪاھلا دِت وليان دوداھ
پرٿيجي ساري پرٿي گائيجي سوداھ

راڻا امرڪوٽ را گيا جمارو جيت
جيان را منگل ڏمل ۾ گوريجي جس گيت

سوڍا امرڪوٽ را سر ڪٽيان شمشير
واهي هٽيا ويرهر وانڪا ٻارٿ وير

ايڪ ايڪ سُون آگلا راڻا امرڪوٽ
پرگٽ هُوئا پرمار وي ماڻينگر منموٽ

انهن ئي وقت جي وير بهادرن ۽ سنڌڙيءَ جي سپوت سوڍن ڪي بارائي جي ڪوي شڪتيڏان ڪويا ٻہ ڪيڏي نہ خوبصورت ٻيتا ڏني آهي.

هُوي جگ ۾ هوڪٻا راگ تٽو انوراگ
پورس انمي پاگ ۾ ٻل سوڍا وڏ ڀاگ

ڏرتيءَ اُوجل ڍات ري والهي وات وسيس
ٿرو امامو ٿات وهي هات رهاڻ هميس

سوڍا رنگ ليڌا سدا ريڌا گُڻ راجاڻ
ڪيڌا ايري ڪوياڻ ڏيڌا سانسڻ ڏاڻ

سُوروير سوڍاڻ ۾ جلمي ٿيٿُو جاڻ
لي ڪرپاڻ رڻ ڏڙ لڙي اُتبنگ پڙ امراڻ

سانيڙ ڪيرت سنڌڙي نرمل ٻڙڪي نُور
سوڍا ريجهاڙُو سڪل پرمل جس ڀرپُور

گهاٽ انوکي جس گهڙت هئي هيت ري هاٽ

جُوني تلڪ للاٽ جڳ درُو تاري جَيُون ڏاٽ

ورهاسان ناسان وجي پرٿمي ٽرڪي پوڙ
گجب ڏاٽ ڳٽگور ري ڏيني واھ ڳهُڙ دوڙ

تور انوني ترپوٽ پيچ موليو پاڻ
تن ڪسيا جرڪس ترُي سُيٽ جڪي سوڍاڻ

چوڻ وارا چون ٿا تہ امرڪوٽ جي راڻي اوتار ڏي جي دؤر حڪومت ۾ ڏاٽ ۾ قحط ڏُڪار پيو هو. ان وقت راجستان جي ڳوٺ جانري مان مالهڻ ماتا جو پاتوي پوپو هريو سندس پائر سان ڪاوڙجي ٿر جي ڳوٺ ڪاريو غُلام شاھ ۾ اچي رهيو هو. اهڙي قحط ڏُڪار ۾ بہ هريي پوپي جون مينهون سائو گاھ چرنديون هيون. اهڙي خبر ڪنهن خابرو راڻي اوتار ڏي کي ٻُڌائي جنهن پنهنجي وزيرن کي حُڪم ڏنو تہ اهڙي ماياوي ماٺهون کي ٻَڌي ڪٺي اچو. وزير جڏهن کيس ٻَڌي ڪٽڻ لئہ آيا تڏهن هريي کي اڳواٽ خبر پئجي ويئي. وزير جڏهن هريي وٽ پهتا تڏهن هريي چيو تہ ٻڌي ڪٽڻ لئہ آيا آهيو؟ تڏهن انهن ها ڪئي. هريي چيو تہ ترسو پهرين هي لوڙي ڪٽي هلو.هريي انهن جي اُٺ تي ماتاجي جي لوڙي رکي تہ اُٺ اُٿئي ئي نہ. هيڏي ڪرامت ڏسي انهن هريي کان معافي گهري. هريي چيو اوهين هلو آئون پاڻهي اچان ٿو. چون ٿا تہ وزيرن کان اڳ هريو امرڪوٽ جي لانبي تلاءِ تي پُهچي ويو ۽ ماتا کي پُڪاريندي برسات گهرڻ لڳو. ٻارنهن ميگھ وسي پيا. راڻي اوتار کي خبر پيئي جنهن کيس گهرائي وڏي عزت ڏني. هريي کي جاگير ڏيڻ جي آڇ ڪئي. تڏهن هريي وراڻيو تہ تون وڏو ماڻهون آهين. تنهنجو اولاد سياڻي آڪڙ وارو ٿيندو ۽ آئون ننڍو ماڻهون. منهنجو اولاد سياڻي تنهنجي اولاد سان نہ هلي سگهندو ۽ تنهنجو اولاد پٺجي ويندو. ان ڪري سُنو ان ۾ آهي تہ آئون تو کان پري رهان. تڏهن راڻي اوتار ڏي پنهنجي وزير کي حُڪم ڪيو تہ گهوڙو وني ٿر ڏي وڃ جتي سج لهي اتي کونتو کوڙي اچ اتي هريي

کي ڳوٺ اڏي ڏيون. چون ٿا تہ موجوده هريار ڳوٺ وٽ سج لٿو ۽ اتي هريي پوپي جي نالي سان ڳوٺ هريار ٻڌو ويو. هريي ماتاجي سان مخاطب ٿي چيو تہ اي ماتا! هاڻي تنهنجو ٿان ڪٿي ٺاهيان. ماتا کيس چيو تہ جتي شينهن جي ليٽ ڏسين اتي ٿان ٺاهج. چون ٿا تہ هريار جي ڳوٺ ۾ جيڪو جهوپڙي وارو مندر آهي، جتي پيهي کُلندي آهي اتي ۽ ٻيو مٺي واري روڊ تي جيڪو ٿان آهي اُتي شينهن جي ليٽ ڏسڻ ۾ آئي هئي. هريي پوپي راڻي اوتار ڏي کي وڏي دعا ڏيندي اهو وچن ڏنو هو تہ جيسيتائين هريار هوندي تيسيتائين اوهان جي راڻپ هلندي رهندي.

**هرياڻي هريو هوئو امراڻي اوتار**
**ڏوني گهر برابر پرٿمي موٽا پرمار**
(هريار ۾ هريو رهيو ۽ امرڪوٽ ۾ اوتار ڏي.
ٻئي هن ڌرتيءَ جا وڏا پرمار پريوار هئا.)

مالهڻ ماتا جي شان ۾ چيل چند هيٺ ڏجي ٿو.

**چئورياسي سڌ چارڻي**
**نولاک لوڙيالي**
**صحيح کل چاڻ**
**ميري آڻي نهين آوي،**
**آوي نرسنگھہ جيٽ ري آڻ**
**مالي وسي منڏور**
**هريو وسي هريار**
**مالڻ مانڏاڻو ميليو**
**گونگڙي ري گهاٽ**
**لاوڻ والين چوست جوگڻين**
**جسڪو ميلان هون جوگڻين**
**جوگڻ موٽو جاپ**
**جوکو آوي نهين جيو نان**

**تن نہ آوي تاپ**
**ڏٽي ڏڻ ساමليو**
**ڪل ڏيوي چوٽيلي چاموندا**
**همير ڀاٽي ٻاوليو**
**ڏاوو رکان کيتر پال**
**جمٽو رکان نرسنگهه وير**
**هينئي رکان ڪالڪا ڏيوي**
**اوپر رکان هنومان وير**
**الٽ ڏيوي پلٽ ڪايا**
**هاڪ مانري هنومان آيا**
**هنومان پتر ڏڏڪا ڪلايا**
**اجني ڪا جايا**
**اوڌوت آيا**
**کهو تو مير پربت ڦير ڏران**
**کهو تو سورج چندر ايڪ گهونٽ ڪران**

ڀاٽ جي راٺپ وارو پريوار اڄ بہ هريار واري مالهڻ ماتاجي جي وڏي شرڌا سان شيوا ڪري ٿو. ڀاٽ جي سُرتاڻ سوڍن جي ڪُل ڏيوي ڪاروڙي جي ڏٽياٽي چارٽي مها شڪتيءَ ڏيول ماتا آهي. جنهن جي ديا سان انهن جي راجائي وارو ڏوَج اڄ بہ اوچي ڳاٽ سان ڀاٽ ۾ ڦڙڪي ٿو.

# راجپوتن جي رهاڻ

راجپوتن جون ريتون ۽ رسمون نهايت ئي نراليون ۽ سيني کان سريشٺ ۽ شاندار رهيون آهن. راجپوتن جي رهڻي، کهڻي جو رنگ ۽ ڍنگ جهان کان جُدا آهي. انهن جو جتي جيئڻ الڳ آهي اُتي مرڻ بہ منفرد آهي. راجپوتي ريتن جي هڪ الڳ تاريخ آهي. ريتن ۽ رسمن لئہ راجپوتن سرن جا صدقا ڏنا آهن. جيستائين راجپوتن وٽ سندن ريتون ۽ روايتون قائم ۽ دائم آهن تيستائين انهن جي رجپوتي کي لهر نڪي لوڏو آهي. جنهن ڏينهن انهن پنهنجي ريتن ۽ روايتن کي ڇڏي ڏنو. پنهنجي پرمپرائن کي پارڻ بدارن پئسي جي پوڄا ۾ لڳي ويا ان ڏينهن راجپوتي هٽن مان هميشہ لئہ هلي ويندي. رجپوتن جي شاندار ريتن جي شاهدي ڪوي گنگ ڀاٽ هيئن ڏني آهي.

**نائڻ ڏوئڻ ناگران آسڻ اپڏوتان**
**چتر ٻولي چارڻان ريت رجپوتان**

راجپوتن جون ريتون اُنهن جو شان ۽ مان آهن. پوءِ اُهي ريتون پلي ڪٽي امل (آفيم) جو ڏيڻ ۽ وٺڻ هُجي يا مديرا جي منوهار هُجي. ڏاج ۾ ايڪيو ڳُٽائڻ هُجي يا سالين جي شان ۾ ڏنل گادڪيءَ جا ڳُڻ هُجن. وَريءَ جي ورتڙ هُجي يا ٽيڪي جو ٽيلو هُجي. چاندلو جو چندُ هجي يا مڏو ڪوڙ جو منڊُ

هجي. سيني ريتن جا رنگ تمام موهيندڙ هوندا آهن. انهن سيني رسمن کي ترويج ۾ آڻڻ لاءِ هڪ بهترين ريت قائم ڪيل آهي اُها آهي ”رهاڻ.“

رهاڻ راجپوتن جي ريتن ۾ تمام اهم ريت آهي. مارواڙ ۽ گجرات کان وٺي ڍاٽ تائين سموري خطي جي راجپوتن جي اهم ثقافت رهاڻ هوندي آهي. رهاڻ شادي مُرادي کان وٺي ٿِڻ تهوار تي بہ ڪئي ويندي آهي. ڪنهن جي مڱڻي ٿيندي آهي تہ رهاڻ ڪري پڪ ڪئي ويندي آهي. گهوٽ پرڻجڻ ويندو آهي تہ اُتي بہ رهاڻ ڪئي ويندي آهي. پرڻجي واپس ايندو آهي تڏهن بہ رهاڻ ڪئي ويندي آهي. ڳوٺ ۾ جمائي يا ڪو گنات ڳڙو مهمان ٿي ايندو آهي تہ ان جي خبر ڏيڻ لئہ بہ سموري ڳوٺ کي رهاڻ جو” هوڪو“ ڪيو ويندو آهي. رُنل پاڻ ۾ پرچندا آهن تڏهن بہ رهاڻ رچائيندا آهن .سماجي ڪم ڪار لئہ بہ امل جو ”هيلو“ ڪري سموري ڳوٺ کي هڪ هند گڏ ڪري رهاڻ ڪندا آهن. آکاٽي، هوليءَ ۽ ڏياريءَ جي شُڀ ڏڻن تي بہ رهاڻ ڪندا آهن. رهاڻ هڪڙي رنگ منچ آهي جنهن تي سيئي هڪ ٻئي سان پنهنجا حال احوال ونڊيندا آهن .رهاڻ جي رس ۾ ماڻهون هڪ ٻئي سان پرچي پوندا آهن. ريگستان جي سوڍن جي رهاڻ سيني کان سياويڪ هوندي آهي. رهاڻ ۾ ٽڪيون، سوپاريون، سينگوڙو، سگريٽ، مصري، پتاشا، ڪارڪون ۽ چانهہ شامل هوندي آهي. اهي سڀ شيون هجن پر امل نہ هجي تہ پوءِ راجپوتن جي رهاڻ اڌوري هوندي آهي. امل ڪسونبو جي آچ ۽ مديرا جي منوهار راجپوتن جي رهاڻ کي مڙني کان مُختلف بڻائي ٿي.

رهاڻ ۾ راجپوت پنهنجو ثقافتي ويس تريٽو ۽ قميص پائي مٿي تي پنج رنگي ۽ ست رنگي ڦينٽو ٻڌي شامل ٿيندا آهن. راجپوت رتل رهاڻ ۾ اول چارڻ ڪوي ۽ مڱڻهار کي امل ڪسونبي جي مَنوار ڪندا آهن. چارڻ ڪوي ۽ مڱڻهار آفيم وٺڻ کان اڳ ۾ راجپوت يوڌن، سُور وير سوڍن، سخين، ڏاتارن ۽ ديش ڀڳتن کي رنگ ڏيندا آهن .شرڌا پوروَڪ ڏنل اهي رنگ ڪويتا جي روپ ۾ راجپوتن جا روم روم ڪڙا ڪري ڇڏيندا آهن. راجپوت پنهنجي شاندار ماضي کي ياد ڪري مُڇن کي تاوَ ڏيئي غنودي طاري ڪندڙ دوا کي ”ترواج“ ڪري پيئندا ۽ جيئندا آهن.

راجپوتن جي رهاڻ ۾ آفيم جو استعمال عام هوندو آهي. آفيم جنهن لئہ شاعرن چيو آهي.

املیان اُڏملیان سیٹي هندا سيڻ
تجھ بن گهڙي نہ چين آوي ولکا لاگين نيڻ

(اي آفيم! دوستن جا دوست تو کان سواءِ مون کي پل بہ
سکون نہ ٿو اچي. منهنجا نيڻ ڦڪا ڦڪا لڳن ٿا.)

”ائيڏر مُک سُون اُپنيو اهي: ڦيڻ نام امل“ مطلب تہ شيش نانگ جي مُک مان جيڪو زهر ڦيڻ ٿي نڪتو ان جو نالو آهي آفيم يعني امل

نيهڻ متي دو جد مهاديو، نينو پيو هڙ ناگ
جهپريو سمير کي جهيرٽي، جد اهي فيم ناکيو جهاگ

چون ٿا تہ جڏهن ديوتائن شو مهاديو سان گڏجي امرت جي ڳولا ۾ سُميرو پربت کي جهيرٽو ڪري سمنڊ کي ولوڙيو هو تڏهن شيش نانگ کي نيٽو ڪيو هو. ان مهل شيش نانگ جي وات مان جيڪا جهاڳ نڪتي ان جو نالو آفيوم ٿيو. امل کي راجپوتن جي مختلف خطن ۾ الڳ الڳ نالن سان سُڃاڻپ حاصل آهي. امل جا ڪجھ نالا هن ريت آهن. ناگ جهاگ، ڪشناگ، ڪاڙيءَ، امل، ڪُهات، ناگ ڦُڻ، پُشت (ڏوڏا)، آڦُو اڪات، اڦيڻ، ڪاڙاگر، سانوڙو، داٽاوت، ڪاڙو وغيره.

ڪنهن دؤر ۾ راجپوت نياٽين کي ڏاج ۾ بہ امل ڏيندا هُئا. جنهن جو ثبوت هي دوهو آهي.

امل پينس گائين چاول چوٽي رجڪا چار
اترا ڏينا ڏائجي واسنگ ري دربار

راجا ڪرڻ کي پرٽجن وقت سندس سهري واسنگ ڏاج ۾ اهي شيون ڏنيون هيون.

آفيم کائڻ واري کي ”ٻنڌاٽي“ چوندا آهن. آفيم ڳاري ٻه پيئندا آهن ته سڄو ٻه کائيندا آهن. آفيم ڏيڻ وارو هڪڙي هٿ ۾ پاٽي جو ڪلش کڻندو آهي ٻئي هٿ ۾ آفيم. امل ونڻ وارا اڪثر ڪري وڏا نخرا ڪندا آهن ته ٿورڙو ڏي, هون سوگني اهان, صفا ٿورڙو, ٻاجهر جي ڪڻ جيترو, مُنگ جي ڪڻ جيترو, پر ڪي ڪي ته ڪابلي چڻي جي داڻي ڪان ٻه مٽي ڪايو وڃن. انهي نخري کي ”منوهار“ ٻه چوندا آهن .ائين ڪرڻ سان آفيم جا خمار بهترين ٿيندا آهن. آفيم ڏيڻ وارا ٻه چچڙ ٿي ڇهتي پوندا آهن چوندا آهن ته هي آهي ئي ڪونه صفا تر جيترو آهي, پر آڱر ۽ آڱوٺي جي وچ ۾ وڏي مهارت سان چڻي جيترو چپٽي ۾ جهلي ونڻ واري جا وڻ ئي وڃايو ڇڏين. بهرحال رهاڻ جو رس آفيم ونڻ ۽ ڏيڻ وقت عروج تي هوندو آهي. آفيم کائڻ ۽ کارائڻ وارا ٻئي احترامن مٿي تي ٽُوال يا پٽڪو ٻڌندا آهن. آفيم رهاڻ ۾ هر ماڻهون کي ٿي پيرا ڏنو ويندو آهي جنهن کي ”ترواج“ چوندا آهن. ڳريل آفيم کي ڪپهه جي ٻُڙي سان چاڻي پوءِ ان جو نج رس پيئڻ لئه وڏي وٽيءَ ۾ رکندا آهن .ان رس کي ”ڪسونبو“ چوندا آهن ۽ چاڻڻ واري ڪپهه جي ٻُڙي کي ”مينئو“ چوندا آهن. ڳريل آفيم هٿ جي ترِيءَ تي پيارِيندا آهن ۽ پيئڻ وارو پيئڻ کان پوءِ پيئارڻ واري جي هٿ جي ترِيءَ ڏُوئاريندو آهي. آفيم کائڻ کان پوءِ مٺان مٺاڻ جو استعمال ڪندا آهن جنهن کي ”ڪار ينچٽون“ چوندا آهن. سماج ۾ هڪ ٻئي جو يت پوت نه کائيندڙ رُنل جڏهن پاڻ ۾ پرچندا آهن تڏهن ٻه رهاڻ ڪري آفيم کائيندا آهن. آڳاٽي دؤر ۾ جڏهن راجپوت يوڌا وطن خاطر شترو سان سينو ساهڻ لئه رڻ يومي ۾ گهڙندا هئا تڏهن اول آفيم کائي پوءِ تلوارن کي رت جا تلڪ ڏيئي سندن ماتائن ۽ پتنين کان ”وجئه تلڪ“ ونندا هئا.

سنڌڙيءَ جي سوڍن جي ست رنگي رهاڻ ۾ مگڻهار ۽ ڪوي راجپوتن کي رنگ هن ريت ڏيندا آهن. رنگ ڏيڻ مهل آفيم کي هٿ جي ترِيءَ تي رکي پوءِ هر دوهي جي پڄاڻي تي آڱر سان ڇنڊا هڻندا آهن. رنگ ڏيڻ وقت فقط اهو ئي ترِيءَ تي آفيم رکندو آهي جيڪو سڄي ڪچهري کي آفيم پياريندو آهي يعني ساقي هوندو آهي.

**رنگ ڪلا، رنگ مها سينگ، رنگ سگڙي رهاڻ**
**رنگ ڪارونجهر را ڪونگرا، رنگ سوڍا راڻ**

**پورا ڏر پانجي گانجي پرتشٽان جيت**
**مهيتپ ڪڙنگ مانجهي پارڪر رڻ پريت**

**گوري گرور گجيو جهيڪ مچائي رڻ جنگ**
**لڙيو سات ڪلياڻ رو اوئان راجپوتان نان رنگ.**

”پرمپرائون ڪي وراثت“ جي ليکڪ مهندر سنگھ نگر جي مطابق راجستان جي مارواڙ، گجرات، مالوي، جيساڻ (جيسلمير) ۽ بيڪاڻ (بيڪانير) پرڳڻن جي راجپوتن جي رهاڻ ۾ رنگ هن ريت ڏيندا آهن. رهاڻ جو مور ماڻهون يعني وڏو ناڪر سيني ڪان پهرين پنهنجي هٿن سان چارڻ ڪوي ڪي آفيم جي مَنوهار ڪندو آهي. چارڻ ڪوي آفيم وٺڻ ڪان اڳ ۾ رجواڙن جي هر مشهور شيءِ ڪي رنگ ڏيندو آهي. هن طرح رنگ ڏنو ويندو آهي.

رنگ اُڏيپُر ري راڻان ني، رنگ روپ نگر ري ڍاڻ ني، رنگ منڏوور ري باڙي ني، رنگ نينبج را ڪنواڙان ني، رنگ سُورا ساڪدڙا ني، رنگ ڪوتڙا را گهوڙا ني، رنگ تيجا جهُونجهار ني، رنگ ميڙتا ران امراوان ني، رنگ جسونت سنگھ ري هاڏي راڻي ني، رنگ روپاڏي ملي ناٿ ري راڻي ني، رنگ سيتا ري ست ني، رنگ لڪشمڻ جَتيءَ ني، رنگ ايسرداس ني، رنگ جيتمال دسمان سالگرام ني، رنگ جيسل ري راڻي ني، رنگ پيم را اپاڻ ني، رنگ ديوان روهيتاس ني، رنگ سَتيءَ ڪاگڻ ني، رنگ جَتيءَ پگا ني، رنگ سنت تُلسي داس ني، رنگ پابُو را پالا ني، رنگ جايل را جاٽ ني، رنگ سينواڙا را چوڌري ني، رنگ جيت را ٿال ني، رنگ سونگرا ري آڻ ني، رنگ شهزادي ري جبوا ني، رنگ ڪُسل سنگھ را ڍُپتا ني، رنگ سير سنگھ ري لپيتا ني، رنگ هميران ري هٺ ني، رنگ سوائي سنگھ را وٽ ني، رنگ مهاراجا اِشٽ ني، رنگ برهما را تُشٽ ني“.

شاعري جي روپ ۾ شاعر هن ريت رنگ ڏيندا آهن.

**رنگ ڪستوريان ني، رنگ چندن ٻاونيان**
**رنگ اپسرا را روپ ني، رنگ گٽيڪا گاوٽيان**
**رنگ ڪچ ڀُج را ڪيڪاڻ ني، رنگ ڪارسان ڍولا را**

**رنگ تُلسي را پان ني، رنگ البيلي آنک ني،**
**رنگ برسڻ جل تال ني، رنگ رسيا نران ني،**
**رنگ آيا ڦُول ني، رنگ پٽون مور پانک ني،**
**رنگ راٺا همير ني، رنگ پرٿويراج راجڻ رنگ**

**رنگ دُرنگ پرت پور، رنگ جئه پور را باجاران ني**
**رنگ پيڇولا اُدئه پور ني، رنگ پدمڻ پونگل تٽي**
**رنگ باسڻ ولايت را، چاڊوُن رنگ دڪٽي چير ني**
**رنگ گنگا را نير ني، رنگ اندر جال ٿوٽڪا ني**
**رنگ جڙي ٻُوٽي آبُو ري ني، رنگ آبُو گرراج ني**
**رنگ ڪالمي پاٻُو ري ني، رنگ بردي ڪا پهاڙ ني**
**رنگ جهاڙي جانبوُ ري ني، رنگ ويرم ڏي رجپوت ني**
**رنگ ڪنيا والا راٺي ني، پايل گهر ٻيٺان آئي**
**رنگ ڍولا رجپوت ني، پدمڻ سارو پائي**

**مُوسا واهڻ گج ودن هرٽا روگ هميش**
**امل ويلا آپ ني، گاڍا رنگ گٽيش**
**رنگ رامان رنگ لڪشمڻ، دسرت ران ڪنوران**
**لنڪا لُوٽي سووني آليجان ٻنوران**

**امل ليتا آپٽون، رنگ هو پدمڻ رام**
**مارڻ راوڻ مهيپت، اُلٽا واهيا ٻاڻ**

امل ليتا آپڻون، رنگ هو راجا مان
وِڏا ٻُڌي ڪارٽي، جاٽيو سڪل گيان
توڙ هلا اڪبر تٽان، تيغ جلالا توڙ
امل ليتا آپڻون، رنگ ڪلا رائوڙ
سوڍيءَ چوڙي ولڪتيءَ، ماتي سوون موڙ
امل ليتا آپڻون، رنگ پاٻُو رائوڙ

ڪاگ وجائي ڪيروي، ڪٽ بڌ هوئو ورنگ
نج پڙ گوپي نات را، رنگ هو جوارا رنگ

امل ليتا آپڻون، رنگ ڏنان پيماڻ
وير مُڪن رو واڙيو، ٿاني سپ جگ جاڻ

ڏُرنگو آسڪرڻ رو، نت اُٺ باغان جائي
امل اُتري اورنگ تٽون، دهلي ڏڙڪا ڪائي

داتان مندر سر ديئو، آتان دل اڀرنگ
اڻ باتان سُوجو امر، رائملوت ني رنگ

راجپوتن جي شاندار ثقافتي رسمن ۾ هڪڙي اهم رسم مديرا پان آهي. مديرا جو مان جتي راجستان جي هر رجواڙي ۾ آهي اُتي ريگستان جي راجپوتن ۾ بہ هن جي اهميت انوکي آهي. مهمان جي مان ۾ مديرا جي منوهار اج بہ ريتن ۾ شامل آهي .راجستان جا راجپوت پنهنجي نياڻين کي ڏاج ۾ بہ چانديءَ جا پيگ ڏيندا آهن، جن کي مقامي ٻاشا ۾ "چُسڪيءَ" چوندا آهن. جوڌپور رياست جي اهم مندرن ۾ پرساد طور مديرا چڙهائي ويندي آهي. چمنڊا ماتا، ناگڻيچيا ماتا، ۽ جسول جي ڀٽياڻي جي مندر ۾ بہ مديرا جي پرساد چڙهائي ويندي آهي. ڍاٽ ۾ امرڪوٽ جا سوڍا بہ ڏيول ماتا جي ٿان ۾ وجئہ دشهرا جي ڏڻ تي ماس سان گڏ مديرا بہ چاڙهيندا آهن .ان ڏڻ تي هاري

ناري، عزيز قريب هر ڪنهن کي مديرا پان ڪرائيندا آهن .راجستان ۾ مديرا ٻاجوٺ تي پريسي ڏيندا آهن. راٺيون، مها راٺيون، يووراٺيون ۽ راجڪُماريون بہ ويجهن رشتيدارن سان گڏ پنهنجي مريادا انوسار مديرا پان ڪنديون آهن. ”پرمپرائون ڪي وراثت“ جو ليکڪ مهندر سنگهہ نگر لکي ٿو تہ” راجستان ۾ مديرا لسيءَ ڪرڻ کي ”پيلا جهاڙ“ چوندا آهن. مديرا دؤران ڪار پنجٽون بہ ڪيو ويندو آهي.“ ان ساڳي ڪتاب ۾ هن روايت بابت تمام بهترين ۽ رومانس ڀريا دوها ۽ سورٺا ڏنا ويا آهن جيڪي هن ريت آهن.

دارو درپڻ دُوسرو ڪر لي ديکي ڪوئي
هت ۾ هت پرگٽ هوئي اڻ هت ۾ هت هوئي

بوتل تو گڙ گڙ ڪري اور پيالو ڪري پُڪار
سيجان ٻيني ڪامڻي عرج ڪري ٿي پيوو ني راجڪمار

نت نت تو پيٽو نهين نهين پيٽون بن ماپ
کي تو پيٽو ارڌانگي سنگ کي تو پيٽو متر سنگ

تريا رس تانت رس تاتر مد کي تار
فڪرانند کي فوج ۾ تينون پنجڻ هار

دارو پيوو رنگ ڪرو رتا راکو نيڻ
دوکي ٿانرا جل مري سُک پاوي سيڻ

دارون رو درياءُ ٿي ڪيون نهين ڪيتو ڪلتار
ناکي بيچ ناوَ ڀر ڀر ڏوٻا پيوتا

دارون ٿني ديکتان لاک نشا هي لار
ايک چاک ليڏان پڇي آوي جوش اپار

مد پيتا مجرو ڪري اِڪو ڪوڻ ويچار
عقل کھي جي ناڪُران جاتي ڪرون جُھار

وارو ڏولج وجتا هرو ڪبوهہ نہ هوئي
پيڏان ريجھ نہ پانتري دارون ۾ گُڻ دوئي.

مديرا جو مريادا سان سپاويڪ نموني سيون ڪرڻ ئي اصل راجپوت جو اهڃاڻ هوندو آهي. پيئندي تہ دنيا آهي پر پيئڻ ۾ ان کي هضم ڪرڻ ئي اصل پُرش جي پريڪشيا هوندي آهي. جيڪو ان مان پار ٿي ويو ان جو پيئڻ پرماڻ آهي. ان بابت ڪويتا آهي.

ميٺي ميٺي بين کھي
سب ڪون سمان ڇھين
گاڙي ڏيري کھي
نهين چوڪتي جبان هي
مترن ڪون مان د هين
ڪوَيون ڪون دان د هين
شترن ڪو پان د هين
جُڌ ڪر جاڻ هي
رنگ ۾ رگن رهي
وڏا ۾ مگن رهي
گُٽي جن ندا رهي
مُٽي گان تان هي
کھي ڪويراج
جگ جيوو هي پرماڻ واڪو
ايسو مد پيوو
تيان ڪو پيوو هي پرماڻ هي

# راڻا چندرسنگھہ سوڍو

اڪبر بادشاھ جي جنم ڀومي عمرڪوٽ جي اُتر طرف چوڏنهن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آباد ” راڻاجاگير “ ڍاٽ جي راڄڌاني آهي. جنهن جي گادي تي براجمان راڻن جي امراڻي گڍ ۾ آمد وقت لانبي گرائونڊ جا لانبا وڻ جُهڪي سلام ڪندا آهن. انهن راڻن جي رهاڻ بہ مڙني کان منفرد ۽ دنيا لئہ دلچسپ هوندي آهي جنهن کي هندستان جي ڪوي بانڪيداس هئين بنان ڪيوآهي تہ:

> ڪيهر لنڪي گوريان سوڍو چتر سڄاڻ
> بڙ جهڪيا لانبي تڻان آيو گڍ امراڻ

شاھ سُوري کان شڪست کائي سنڌو ڏي سام ڪٽي آيل مغل بادشاھ همايون کي جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ راڻي پرشاد واري پريوار جو چوٽيهون چندُ ارجن سنگھہ هو. جنهن بر صغير جي ورهاڱي وقت ڪانگريس جي ٽڪيٽ کي ٺُڏي مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي اليڪشن وڙهي وطن سان وفاداري جو بهترين مثال قائم ڪيو هو.جنهن کي اليڪشن اسپاٽ دوران سياسي حريفن سکيو ڏئيي شهيد ڪيو هو. اهڙي محب وطن راڻي جي الوڪڪ

اڳڻ تي جنوري **1931**ع ۾ هڪ مها تيجسوي چنڊ نروار ٿيو هو جنهن جو نالو راڻاچندر سنگھ هو. راڻي صاحب جا ننڍي هوندي ”ٻالڪ اوستا “ ۾ ئي اهڙا اُٿياڳ هئا جو نہ رڳو پنهنجي ماتا ۽ پتا شري کي وڻيا ٿي. پر جڳ کي بہ وڻيا ٿي. راڻي صاحب ابتدائي تعليم ڏيراڏون مان پرائي. چِٽي وڏاتا جي لکئي موجب **1947**ع ۾ راڻا ارجن جي امر پدوي (لاڏاڻي) کان پوءِ راج گدي وارو سمورو بار ڪنڌن وهي ۾ راڻا چندر سنگھ جي ننڍڙن ڪلهن تي اچي ويو.

ڍاٽ جي **8** صدين واري تاريخ ۾ صرف راڻا چندر سنگھ ئي **16** سالن جي عمر ۾ گادي سنڀاليندڙ راڻو بڻجي ويو .سياست جي سُتي پي ساماڻيل هن روپاڙي راڻي وٽ لوڪ کي پرچائڻ وارا هڙئي هنر هٿيڪا هئا. رعبدار اکين ۽ وچون ونگ شهپرن ۾ سدا سُونهندڙ هي ڍاٽ جو دلبر راڻو ريتن ۽ روايتن جو امين هو. ڍاٽي دلين جي دڙڪن هو. ست رنگيلي راجستاني ڦينٽي (پٽڪي) جا ست ور ڏيئي راجپوتي وڙي ٻڌي، سفيد تريٽي جو لانگوٽو واري جڏهن پنڊال ۾ پهچندو هو. تہ رڳو ڪسونبن جا ڪٽورا پيئندڙن جي چهرن تي خوشيءَ جا تاثر ڪونہ ڪڙندا هئا، پر سموري ڍاٽ جي جنتا جهومي جمالا ڳائي، هٿ جوڙي آجيان ڪندي هئي. اها عوام جنهن لاءِ ڍٽائي هئين بيان ڪيو آهي تہ:

متن ٽبڪ ٽبڪڙا چڪندڙا اچن
ڪڙيون ڪيھ ڍڪليون پگھر سر پيرن
اي وڙ ويڙهيچن ،مون لوڏان ئي لکيا،

راڻا چندر سنگھ تقرير ڪري عوام کي الفاظن ذريعي موهي وجهندو هو. هن کي اها ڏات تحفي ۾ مليل هئي ڪهڙو بہ سياسي حريف يا پرجا جو پٽيل رٺل هوندو هو راڻي جي روايتي رهاڻ ۾ ڀاڪهي پرچي پوندو هو.

راڻي جو سياسي سفر انتهائي شاندار رهيو. راڻي سياست ۾ باقاعده **1955**ع ۾ پير پاتو هو. صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. هن کي وزارت جو

قلم دان بہ مليو هو.**23** سيپٽمبر **1957**ع تي هن کي ويسٽ پاڪستان وزارت ۾ ڊپٽي وزير بڻايو ويو.راڻو صاحب پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنيادي ميمبر رهيو ۽ **1977** ع ۾ عمرڪوٽ ,ڇاڇرو ۽ ننگر جي گڏيل صوبائي سيٽ تي پير علي حيدر شاهه کي شڪست ڏنائين. انهي کان پوءِ ضياءِ جي آمريت ۾ **11** سال پنهنجي اباڻي جاگير ۾ خاموش رهيو! **1988**ع ۾ ضياءَ جي حادثاتي موت کان پوءَ اليڪشن ۾ پهريون ڀيرو جداگاهه اليڪشن ۾ اقليتي سيٽ تي قومي اسيمبلي ميمبر چونڊيو. **1988**ع واري چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ٿيڻ کان پوءِ راڻي صاحب کي نگران سيٽ اپ ۾ سنڌ ڪابينا ۾ روينيو منسٽر بڻايو ويو. **1990**ع ۾ پاڻ آزاد اميد وار طور اليڪشن لڙيو ۽ قومي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. انهي نواز حڪومت ۾ نارڪوٽيڪس جو وفاقي وزير ٿي رهيو. **1993**ع واري چونڊ ۾ هن پنهنجي هڪ الڳ پارٽي ٺاهي جنهن کي پاڪستان هندو پارٽي جو نالو ڏنائين جنهن جي جنهڊي جو رنگ ڪيسريو هو ۽ ان ۾ مهاديو جو ترشول بہ هو. ان پارٽي ٽڪيٽ تي بہ قومي اسيمبلي ميمبر ٿيو. ان کان پوءِ **1997**ع ۾ ايم اين اي بڻيو. راڻا چندر سنگهہ پنهنجي ڪيرئر ۾ ست ڀيرا قومي اسمبلي ۽ بہ ڀيرا صوبائي اسمبلي جو رڪن بڻيو.

راڻا چندر سنگهہ جا قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان تمام گهڻا واسطا هئا. **1971**ع واري جنگ ۾ هجرت ڪري ويل هندُن کي واپس پاڪ وطن ۾ آڻڻ ۾ وڏو هٿ راڻا چندر جو هو. راڻا صاحب محترمہ بينظير ڀٽو کي پنهنجي پُٽري سمان سمجهندا هئا. راڻي صاحب جي سياسي سفر ۾ تمام اهم سياستدان هم سفر هئا. انهن ۾ خاص ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو, رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي نواب اڪبر بگٽي, پير غلام رسول شاهه جيلاني, مير علي بخش ٽالپور, پير پاڳارو شاهه مردان شاهه شامل هئا. راڻا چندر ڌرتي سان بي پناهه محبت ڪندڙ شخص هو. پنهنجي اڪثر تقريرن ۾ چوندو هو تہ آئون حياتي ۾ صرف هڪ شخص جي اڳيان جهڪيو آهيان ۽ اهو آهي ڀٽائي هن جيجل جو ڏٽي!

سائين جي ايم سيد جڏهن بيماري جي بستري تي هو تڏهن راڻو صاحب عيادت ڪرڻ ويو. تڏهن ميڊيا وارن سوال ڪيو تہ راڻا صاحب توهان ڪئين هلي آيا.؟ راڻي وراڻيو تہ ”سنڌ سڪرات ۾ آهي، آئون سنڌ کي سلام ڪرڻ آيو آهيان“. چو تہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌ سان پيار هو ۽ محبت هئي.

عمرڪوٽ جي راڻن بابت ڪجهہ دلچسپ حقيقتون بہ آهن. راڻي کي گادي تي ويهارڻ واري وقت ڪيلهڻ راجپوت پنهنجي آڱر وڍي رت جو تلڪ ڏيندو آهي تڏهن راڻي جو رنگ شينهن جهڙو بڻجي ويندو آهي.رت جي تلڪ جو مطلب جيڪڏهن عوام کي رت جي ضرورت پئي تہ راڻا اول سر ڏيڻ لاءِ وچن ڪن ٿا. ڏاڻ جو راڻو عمرڪوٽ شهر جو پاڻي ناهي پيئندو ۽ مختيار ڪار جي آفيس ڪو نہ ويندو آهي، اهو ان ڪري جو انگريز سرڪار جڏهن راڻي رتنسگهہ کي ڦاهي ڏني تي، تڏهن ڏاڻ جي عوام انگريز سرڪار خلاف دانهون ڪيون، احتجاج ڪيا تڏهن گورنمينٽ معافي نامي واري تار موڪلي ڏني، پر اها تار مختيار ڪار ۽ هڪ برهمڻ جي ملي ڀڳت جي ڪري مختيار ڪار جي دفتر ۾ ايستائين روڪي وئي جيستائين راڻي رتن سنگهہ جي ڪنڌ ۾ ڦاهي جو ڦندو وڌو ويو. انهي ڪري اڄ تائين راڻا اهو روايت جاري رکندا اچن، ڏاڻ جو راڻو رتي ڪوٽ جي مڙهي تي بہ نہ ويندو آهي. چو تہ انهي مڙهي جي مالڪ ٻاووي جو سراپ (بددعا) ڏنل آهي. ڏاڻ جي راڻن جي ولهي سوڍن سان اڻبت آهي ۽ سنگراسي سوڍن کي وڌيڪ چاهيندا آهن. اهو بہ راڻي رتن سنگهہ جي ڪري.ڇاڪاڻ تہ ولهي سوڍن دوکو ڪيو هو ۽ ڀڳو جي سنگراسي سوڍي رتن سنگهہ جو ساٿ ڏنو هو.

راڻا چندر سنگهہ تمام وڏو اصول پرست انسان هيو. هُن اصولن تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪئي. ان جا تاريخ ۾ ڪيئي مثال ملندا. نومبر **1989**ع ۾ جڏهن محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي خلاف اپوزيشن بي اعتمادي رٺ پيش ڪئي هئي، تڏهن پيپلز پارٽي جا بہ ڪجهہ ميمبر اپوزيشن وٽ وڪجي ويا هئا. ان ڪري محترمہ سيني کي گهرائي حلفيہ بيان ورتو هو. ان موقعي تي محترمہ ، راڻا چندر سنگهہ کي بہ چيو تہ ”راڻا

صاحب! توهان گيتا تي هٿ رکي پڪ ڏيو تہ مخالفت ۾ ووٽ نہ ڏيندا.“ راڻا صاحب ٺهڪ ڏيندي وراڻيو تہ ”آئون راجپوت آهيان. راجپوت جي زبان قسمَ کان مٿي هوندي آهي.“ ٺيو بہ ائين. اڳئين ڏينهن قسم کڻندڙ سڀ ڦري ويا پر هي ڀاڻ جو راجپوت راڻو پنهنجي پَرڻَ کان انچُ بہ نہ ڦريو. اِهو ڇا آهي؟ اُهو ڪردار آهي. اهڙا هوندا آهن امر ڪردار.

دلچسپ ڪٿائن جي وارث راڻا چندرسنگھ ڀاڻ جي عوام لاءِ پنجاھ سال پاڻ پتوڙيندي ، پنهنجي غريب جنتا تي آنچ اچڻ نہ ڏني. ماڻهن کي تحفظ ۽ امن سان گڏو گڏ روزگار بہ ڏنو. حياتي ۾ ڪڏهن بہ هار نہ کائيندڙ هي منفرد راڻو موت جي اڳيان جيون جي جنگ هارائي ويو. اگني ونس پرمار ڪل جو ڏيئو، سُرتاڻ سوڍو چتر سڄاڻ پنهنجي سموري سُهائي هن دورنگي دنيا ۾ ڇڏي پهرين آگسٽ 2009ع تي سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ هميشہ لاءِ گل ٿي ويو. 02 آگسٽ 2009ع تي وئڪوٽي واري پالڪي ۾ ويهاري وڏي شان مان سان آخري سفر جو سانياهو ڪيو ويو. راڻي جي ارٿي جڏهن عمر ڪوٽ شهر مان گذري تڏهن عورتون پار ڪيدي رنيون هيون، ٻارن سرد آهون ڀريون هيون، وڏڙن جي چهرن تي يتيمي جا تاثر ابري آيا هئا، عوام پنهنجي دلبر راڻي جو آخري درشن ڪرڻ خاطر گهرن مان نڪري آيو هو. گڏ امراڻ جا مارڳ گلال سان گلابي ٿي ويا هئا، ٻہ آگسٽ تي ٻنپهرن جو سوڍن جي شمان گهاٽ ۾ اگني سنسڪار ڪيو ويو. راڻي صاحب هندستان جي نڪاڻي راوتسر جي راوت تيج سنگھ (راڻي صاحب جي ساسُو ماتا پدم شري لڪشمي ديوي هندستان جي مشهور ليکڪ ۽ پارليامينٽيرن هئي جنهن کي پدم شري جو اعزاز مليل هو.) جي راڄڪماري سان شادي ڪئي. جنهن مان کيس هڪ ڌيءَ ۽ چار پُٽن جو اولاد ٿيو. پُٽ راڻا همير سنگھ، جنگ وجئہ سنگھ، پرٿيپال سنگھ، (گُذاري ويو) ۽ ڀوپال سنگھ (آمريڪا ۾ رهي ٿو.) آهن. ڌيءَ سنگيتا ٻائي سوڍا راجستان جي نڪاڻي شاهپورا ضلع ڀيلواڙا جي مشهور ٺاڪر پرتاپ سنگھ جي پُٽ نرپت سنگھ سان پرڻايل آهي.

انهن راڻن جي رهاڻ جي ڪوڏيئي ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ تپيدار تيجسنگھ سولنڪي جي ڪتاب مان معلوم ٿيو تہ **5559** ايڪڙ راڻا جاگير جنهن جا سڀ لوازما ڍل ۽ آبيانو انگريز سرڪار طرفان معاف ٿيل هئا، اُها هئير موجوده راڻي راڻا همير سنگھ جي هٿ هيٺ آهي.

موجوده راڻو راڻا چندر سنگھ جو ٻيو نمبر فرزند آهي، جنهن کي راڻي صاحب جي ديهانت بعد راڄ گدي تي ويهاريو ويو آهي. ڏاٽ جي **36** هين راڻي جو جشن تاج پوشي متي ۾ ملهايو ويو جيڪو دنيا ڏٺو. جنهن ۾ **25** تولا سونو تاج ڏاٽ جي عوام راڻا همير سنگھ کي پارايو. راڻو همير سنگھ ٿر جو اهو اهم سياستدان آهي، جنهن **2013**ع ۽ **2018**ع واري عام اليڪشن ۾ ٿر جي وڏن وڏن گڙنگ سياستدانن کي نہ رڳو ٽف ٽائيم ڏنو هو پر خطي جي بي روح سياست کي نئون جئيدان بہ ڏنو هو.

هي ڏاٽ جا اُهي راڻا آهن جيڪي **8** صدين کان هتي جي عوام جي دلين تي راڄ ڪندا آيا آهن. انهن ڪڏهن بہ "هن پار" وڃڻ جي حامي ناهي ڀري، اهي وطن سان وفاداري جو وڏو مثال آهن. ڏاٽ جا راڻا مذهب جي ٺيڪيدار ڪنهن بہ مودي جي مُنافقي واري مرض ۾ مبتلا ٿيڻ وارا ناهن. بقول ارباب نيڪڻ جي تہ هي لڏڻ وارن مان نہ پر اڏڻ وارن مان آهن. اڄ بہ اڏين پيا ۽ هميشہ اڏيندا رهندا!...

***

# راڻا هميرسنگهه سوڍو

هُو جنهن جي ارجمند اکين جو اوجيس سواءَ نيزي تي اپريل سج وانگي تيز آهي .جنهن جي نيڻن ۾ نيڻ وجهي ڳالهائڻ وقت جي کنهن به واڳ ڏٽي جي وس جي ڳالهه ناهي. هُو جنهن جي رنگين پٽڪي جي ور ور ۾ وطن سان وفا جا وچن ائين ويڙهيل آهن جئين ٻوٽارين چارين سان پينجولا پيوند ٽيل هوندا آهن. جڏهن به ڪو اوچلو پاڙيسري سندس محبوب وطن ڏي ميري اک کڻي ڏسي ٿو، تڏهن هي محب وطن سوڍو ڇاتي نوڪي ديس جي دشمن کي چيتاوڻي ڏيندي وڏي واڪي چوي ٿو ته، ”ديس ران دنگان آن ننگان ري حفاظت سارون مرڻ آن مارڻ جاڻون تا. متان ڪو ويري مانجي ملڪ نان ميلي اک سين جوئي“ سندس انهي شعلا بياني ۾ ديس ڀڳتي جا سمورا درس سمايل آهن. هُو جنهن کي ڀاڻ جي تراب واري تخت گاهه جو طنطنه وشال وشو جي ڪنهن به طائوسي تخت کان مٿي لڳي ٿو. هُو جنهن جو هن ڀاڳوند ڀومي سان ازلي ارتباط ائين آهي جئين ڀاروڙين جو ڀٽن سان.! هُو جڏهن هٽ ۾ سِلور جو سفيد ڪڙو پائي، مٿي تي ڪيسريو ڦينٽو ٻڌي تريٽي ۾ قميص واري راجپوتي روايتي لباس ۾ هزارين ماڻهن جي ميڙ ۾ پنهنجي منفرد انداز ۾ پڄندو آهي تڏهن راڻن جي ريت جُڳن جي جيت لڳندي آهي. هُجوم ۾ موجود سڀئي ماڻهو اٿي بيهي استقبال ڪندي ڪورس جي انداز ۾ مجروسا ڪندا آهن ۽ سندس هڪڙي ادا تان فدا ٿيڻ جا وچن ورجائيندا آهن. هُو جڏهن تاڙين جي گونج ۾ رنگ منچ تي چڙهي ڪنهن رائوڊي رانوڙ جيان مُڇن کي تاوَ ڏيئي مُنجرو ڪندو آهي تڏهن سوڍن جي صاحبي وارا پيڙهين جا پنڌ سجايا ٿيندي نظر ايندا آهن. هُو پنهجي ڀلسر ڀومي جي ڀرم ۾ ڪرم

کي قائم ۽ دائم رکندي کيهر جهڙي انداز ۾ پاشڻ ڏيندو آهي. عوام بي صبري سان هن جي هڪ هڪ لفظ کي ٻڌڻ لاءِ اُتاولي ٿي انتظار ڪندي آهي ۽ هُو ڪنهن ليجنڊ فلمي اپينيتا جيان ڳالهائيندي ڳالهائيندي، عوام جي دلين ۾ لهي ويندو آهي. ذات جي ڏولڻ جنتا پنهنجي پڳدار ۽ ڪندرا راڻي جي تابش پيري تقرير ائين ياد ڪندي آهي جيئن ڪو ذهين شاگرد نصاب ۾ موجود نظم ياد ڪندو آهي. راڻا همير سنگهه ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان پرائي ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان انجنيئرنگ جي ڊگري پاس ڪندڙ راڻو اعليٰ تعليم لاءِ هندستان به ويو.

راڻا همير سنگهه اجمير شريف (راجستان) جي ٺڪاڻي ٽانٽوٽي جي جوڌا رانوڙ راوَ گهنشام سنگهه جي گهران شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس هڪ پُٽ ۽ ٽن نياڻين جو اولاد آهي. پٽ جو نالو ڪنور ڪرني سنگهه آهي. راڻا صاحب پنهنجي وڏي راجمڪاري راجستان جي نڪاڻي اَوُنا جي چمپاوت رانوڙ ۾ پرڻائي آهي. وچيتِ راجڪماري آواگڊ اُتر پرديش جي جادو (يڏو ونسين) ۾ پرڻائي آهي. ۽ ننڍي راجڪماري بلرام پُر، اُتر پرديش جي جنور (تنورن) ۾ پرڻائي آهي.

11 مارچ **1957**ع تي راڻا چندر سنگهه جي گهر ۾ اک کوليندڙ جاگير جي هن مردم شناس مرد پنهنجي سحر آميز سياسي ڪيريئر جي شروعات **1990**ع ۾ ڪئي هئي .جداڳانه اليڪشن ۾ پاڪستان هندو پارٽي جي ٽڪيٽ تي **1991**ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. ٻيو ڀيرو **1993** ۾ ساڳي پارٽي جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه واري دؤر حڪومت ۾ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي وٽ ايگريڪلچر اينڊ ريسرچ جو صوبائي وزير ٿي رهيو.

سندس دؤر وزارت ۾ عوام جي ڀلائي لاءِ هن تمام اهم ڪم ڪيا، جيڪي واکاڻ جوڳا آهن. **1997**ع ٽيون ڀيرو پاڪستان هندو پارٽي جي ٽڪيٽ تان سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ۽ سازدا سنڌ جو وائيس چيئرمين ٿيو. **12** آڪٽومبر **1999**ع تي آمر مشرف جي راتاهي هڻڻ سان سندس

سياسي ڪيريئر بہ ڪجھ سالن لاءِ خاموش ٿي ويو. راڻا همير سنگھ جي سياسي زندگي ۾ وري هڪ موڙ تڏهن آيو جڏهن مشرف بلدياتي نظام بحال ڪندي اختيار عوامي نمائيندن ڏانهن منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. **2004**ع ۾ راڻا همير سنگھ عمرڪوٽ ضلعي ناظم لاءِ پُر اميد هو پر ڪنهن شاطر دماغ سياستدان جي چال هن جي اميدن تي پاڻي ڦيري ويئي ۽ مجبورن هن کي ضلعي نائب ناظم ٿيڻو پيو. هن هيڏي ساري سياسي ڪيريئر ۾ سندس شخصيت تي ڪو بہ داغ نہ لڳو. هي ڪرپشن کان پلر جئين پاڪ هو. راڻا چندر سنگھ جي حياتي ۾ هن جي ڳُلهن تي ڪو بہ بار نہ هو. سياست ۾ سرگرم هئڻ جي باوجود هي عوامي رابطي کان بلڪل ڪٽيل هو انڪري هن جي عوامي مقبوليت تڏهن ايتري قدر نہ هئي، جيتري راج تلڪ وٺڻ کانپوءِ وڌي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو هاڻي عوامي رابطي ۾ آهي. هن سان ٿر جي جنتا پل پل ڳنڊيل آهي ۽ هو ان عوامي طاقت جو ڀرپور سياسي فائدو وٺي رهيو آهي

**2002**ع واري عام اليڪشن ۾ جڏهن سنڌ جي وڏي وزير سنڌ ڊيموڪريٽڪ الائنس (ايس_ڊي_اي) نالي پارٽي ٺاهي تڏهن راڻا همير سنگھ ان ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ اربابن جو اتحادي هئڻ ڪري **62** پي ايس مٺي تان صوبائي سيٽ لاءِ (ايس ڊي اي ) جي ٽڪيٽ تان فارم ڀرايو پر سندس سياسي حريف اشوڪ رتناڻي جي سياسي چال سبب فارم بحال نہ ٿي سگهيو. ڪورٽ سڳوري ۾ جج جي سوالن جا جواب ڏيندي راڻو پنهنجي راجپوتاڻي جذباتي جزي کي قابو ۾ رکي نہ سگهيو ۽ شعلا بياني ڪئي. جج چيو:”آهستي ڳالهاءِ هي ڪورٽ آهي.‘ تڏهن وراڻائين: ”منهنجو آواز فطرتن اهڙو آهي.“ جج چيو: ”اڪيون نہ ڏيکار“ چيائين:” منهنجون قدرتن اکيون اهڙيون آهن“. اهو ٻڌي جج ڪروڌ ۾ اچي ويو ۽ سندس ڊگري يارت جي هئڻ جو جواز ڄاڻائي فارم رد ڪري ڇڏيو ۽ همير سنگھ سندس سؤٽ راجوير سنگھ سوڍي کي اها سيٽ ڏيئي ڇڏي. اشوڪ تہ نہ کٽي سگهيو پر راڻا همير سنگھ چوٿون ڀيرو ايم پي اي نہ ٿي سگهيو .جيڪو تازو **2018**ع

جي عام چونڊن ۾ پيپلز پارٽي کيس اقليتين جي مخصوص سيٽ تي پهرين نمبر تي نامزد ڪري سنڌ اسيمبلي ۾ چوٿون ڀيرو پهچايو آهي.

**2008**ع وارين چونڊن ۾ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم راڻن جي ٿر تي راڄ ڪي ماضي جي قصي ۾ تبديل ڪرڻ خاطر سياسي چال سان انهن ڪي ريجهائي ٿر مان بلڪل ڪلين ڪري عمرڪوٽ تائين محدود ڪري ڇڏيا ته جيئن اهي راجپوتن جي رابطي کان ڪٽيل رهن ۽ عمرڪوٽ ۾ هميشه هارائيندا رهن. **2008**ع ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ پ پ پ جي ٽڪيٽ هولڊر سيد علي مردان شاهه جي سامهون راجوير سنگهه کي بيهاريو ويو. اربابن جي سياسي سوچ رنگ لاٿو ۽ راجوير سنگهه سوڍو اها سيٽ وڏي مارجن تان هارائي ويو.

پهرين آگسٽ **2009**ع تي راڻا چندر سنگهه جي ديهانت ٿي ويئي ۽ **2** آگسٽ تي راڻا چندر سنگهه جي انتم سنسڪار ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪنور همير سنگهه کي راڄ تلڪ ڏيئي راڻو بڻايو ويو. راڻن جي اها پرمپرا رهي آهي ته، راڻي جو جان نشين راڻي جي ديهانت بعد ترت راڄ گدي تي ويهندو آهي ۽ اهو راڻي جي انتم سنسڪار ۾ به شامل ناهي ٿيندو.

**2** آگسٽ **2009**ع تي ڌاٽ جي **36** هين تاجدار راڻي جي پدوي پائيندڙ همير سنگهه **2013**ع واري عام چونڊن تائين جاگير ۾ خاموش رهيو. **2013**ع واري عام چونڊ راڻا همير سنگهه جي حياتي ۾ حيرت انگيز تبديلي آندي. عوامي لهه وچڙ کان پري رهندڙ ۽ خاموش طبع راڻو سياسي آکاڙي ۾ ڪيهر شينهن بڻجي ڪڙڪي پيو. ٿيو هينئين جو راڻو همير سنگهه پارت جي دوري تي ويل هو ۽ پويان عام انتخابات جو اعلان ٿيو. پير سائين پاڳاري راڻا صاحب کي فون ڪري فنڪشنل ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني بلڪ ٽڪيٽ ڏيڻ ۽ مخصوص سيٽ تي پهريون نمبر ڏيڻ جو به واعدو ڪيو. راڻي ڪنگري جي ڪنگ راجا سائين جي دعوت اکين تي رکي. جلد واپس وطن اچڻ جو واعدو ڪيو. وطن واپس اچي فنڪشنل جي ٽڪيٽ تي پي ايس **62** مٺي واري صوبائي سيٽ تي فارم ڀرايو. سندس حريف هئا، مهيش ملاڻي

پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تان ۽ ارباب نعمت الله ارباب گروپ جي پليٽ فارم تان. ٽيو ڄا جو ارباب غلام رحيم کي راڻي جو فارم ڪُٽڪڻ لڳو ۽ هن سياسي راند رچائيندي پير پاڳاري سان ناهه ڪري هڪ اتحاد جوڙي ورتو. اهو ان ڪري ته جيئن راڻا هميرسنگهه کي پاڳارو صاحب هٿ ڪٽڻ تي مجبور ڪري. ٽيو به ائين پر راڻا هميرسنگهه هٿ ڪٽڻ کان نه رڳو صاف انڪار ڪيو پر مڙس ٿي منهن مقابلو ٿيڻ جو به عزم ڪيو .اسلامڪوٽ ۾ رٿيل فنڪشنل ليگ واري جلسي کي ملتوي ڪرائڻ ۾ جڏهن اتحادي ڪامياب ٿيا تڏهن راڻي کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ هن رنجور دل سان جيڪا ردعمل ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي هئي تنهن نه رڳو گهٽن جا ڇڪا ڇڏائي ڇڏيا پر ٿر جي سياسي تاريخ ۾ اهڙي تاريخي تبديلي آندي جيڪا صدين تائين عوام کي ياد رهندي جنهن جي ڇاپ امٽ رهندي. پريس پڌرائي ۾ چيل راڻي صاحب جا جوشيلا جملا اڄ به ٿر جي ماڻهن کي ياد آهن. ”پنان سُوڏي موڙي چٽ ڪو ڪرڻ ڏيان“ ”ڪاڏو نه تو پڻ ڊوڙائي پرو ڏئيس“ ”يي ناني ويڙها نهين چلي گا“ ” ڊرائنگ روم ڪي سياست ڇوڙ دو“ جهڙا ڪيئي جملا ماڻهن کي بر زبان ياد آهن. راڻي صاحب هارائڻ پسند ڪيو پر پنهنجو ننگ ۽ ناموس برقرار رکيو. راڻا همير سنگهه جي ڪيل ان گرم جوشي واري پريس ڪانفرنس جي پڌرائي کي ممتاز نهڙئي تمام وڏي پذيرائي ڏني. ٿر جي بي روح سياست ۾ دلچسپي پيدا ڪندڙ راڻي همير سنگهه فنڪشنل وارن جي هڪ به نه ٻڌي ۽ ساڳي نشان گل تي اليڪشن لڙيو. ”ٽڪرن جا آهن ٺي ٺي هزار ووٽ“ ائين چئي اربابن کي گمراهه ڪندڙ اڌ پڙهيل دانشورن ۽ بليڪ ميلر صحافين ٿر جي ٻن سپر پاور ذاتين نهڙين ۽ راجپوتن کي پاڻ ۾ وڙهائي ٺئين ڏر کي فائدو رسايو. سيني جون اکيون تڏهن ٽيون جڏهن راڻاهمير سنگهه نه رڳو 15 هزار ووٽ کنيا پر سندس ٽارگيٽ کي ٿر مان 90 سيڪڙو ڪليئر هارائي ڇڏيائين. پ پ جي عظيم اڳواڻ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت واري سيلاب ۾ به ٿر مان اربابن کي ڪير لوڏي نه سگهيو هو. پر راڻي جي رسامي ڏونٺري ڏينهن لوڏي ڇڏيا. ”ست ويهين سوڍڪي سو ۽

ڏهين هجارين لک " واري هميراڻي حساب کي سياست ۾ ڪير سمجهي نه سگهيو. پ پ جي سخت مخالف ڪندڙ ۽ وري ان کي ڪترائڻ لئه اربابن جي ڪمزورين مان فائدو وٺڻ وارا سيئي گُر آواز تي _ وي ٽاڪ شو ۾ سرعام پ پ وارن کي ڀڏائيندڙ راڻا همير سنگهه نيٺ پيپلز پارٽي جو سرگرم ڪارڪن ٿي ويو. سياسي قلابازيون ته ڪير هن کان سکي 2014ع ۾ پ پ جوائن ڪيائين ۽ 2016ع ۾ سندس فرزند پارٽي جي ٽڪيٽ تي نه رڳو ضلعي ڪائونسلر ٿيو پر ٿرپارڪر جو وائيس چيئرمين به ٿي ويو. ڪنهن پارٽِي ۾ شامل ٿِيڻ کان پوءِ ترت ايترو سياسي فائدو وٺڻ يقينن وڏي ڳالهه آهي. اهو فائدو ڏسي گهڻن گمنام سياستدانن کي پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪرڻ جي" گوماڦيري" ٿي پر ڪنهن جي به دال نه ڳري. 2013ع واري هار ۾ ئي جيت سمجهي جدوجهد برقرار رکندي راڻو صاحب اڄڪلهه ٿر جي سرگرم سياستدانن ۾ شمار ٿئي ٿو. جنهن جا ڳڻ رڳو انجنيئر گيانچند نٿو ڳائي پر فقير کان وٺي مخدوم تائين هڙئي حب مان ٿورا مڃين ٿا. راڻي همير سنگهه کي مون حياتي ۾ پهريون ڀيرو تڏهن روبرو ڏٺو هو جڏهن هُو شاهي سواري بگي ۾ براجمان ٿي مٺي جي هاءِ اسڪول گرائونڊ ۾ پهتو هو. جتي راسوڙن جي گيتن ۽ تلوارن واري رقص جي ريتن سان ٻاٽ جي جنتا سندس والهانا استقبال ڪيو هو. 23 مئي 2010ع تي آچر جي شام جو ملهايل جشن تاج پوشي تاريخ جي ورقن ۾ سدائين سنهن لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو .ڇاڪاڻ ته هي جشن ڪنهن ميلي يا تماشي ۾ ڪٺي ٿيل آوارهه ۽ اوباش ماڻهن جو هجوم نه هو پر هي ته سوڍن جي صاحبي ۽ راڻن جي راج کي ڏسڻ واري تمنا ۾ آيل انهن قدر شناس ماڻهن جو ميڙ هو جيڪي پنهنجي راڻن سان ائين محبت ڪن ٿا جئين گلن سان پونئرا ڪندا آهن. جئين پوپٽن سان ٻار ڪندا آهن.! ان جشن تاج پوشي ۾ راڻا همير سنگهه کي راجپوت برادري پاران سونو تاج ، پير پٿوري جي گادي نشين پير لڌوسنگهه پنهنجي شڀ هٿن سان پارايو هو. هن تاريخي تقريب ۾ رنگ منچ تي ميزباني وارا فرض پياري شيواڻي سرانجام ڏنا هئا ۽ هن تقريب کي ولي

محمد راهمي، فقير مقيم ڪنيار، وڪيل رائسنگهه سوڍي، پوري مل ڪولهي، ڪامريڊ پونجي ڀيل، راڻا همير سنگهه ۽ راجوير سنگهه سوڍي خطاب ڪيو هو. راجپوتن جي مُڇن جا وار تہ سولا وري سگهندا آهن، پر سندن ٻار ڏاڍا ڏنگا هوندا آهن .راجپوتن ڪي وس ۾ آڻڻ ۽ انهن ڪي متحد ڪرڻ ايترو ئي ڏکيو آهي، جيترو ڪُمندا ڀيرون آڻڻ. اهڙن ڏنگن ۽ وڻ وڻ جي ٽاري ٻڌجي چڙوچڙ ٿيل راجپوتن جي الڳ الڳ نظرين کي هڪ جهنڊي جي هِيٺ آڻي انهن جي حمايت حاصل ڪرڻ واقعي غير معمولي ڳالهہ آهي ۽ اها ڳالهہ همير سنگهه ڪري ڏيکاري آهي. بي تحاشا مخالف جي باوجود مابعد جديديت جي ڪڙين حقيتين کي ترويج ۾ آڻي تبديل ڪري راڻا همير سنگهه واقعي تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي.

21هين صدي جي تقاضائن کي نظر ۾ رکندي راڻا همير سنگهه نہ رڳو سياست ۾ وڏيون تبديليون آنديون پر سماجي طور بہ گهڻو ڪجهہ تبديل ڪيو آهي. خاص ڪري راجپوت سماج ۾ تبديليون آڻي انهن کي سڌارڻ جي دلي ڪوشش ڪئي آهي. ڀيلن، ڪولهين ۽ ميگهواڙن جي مرڻي پرڻي ۾ پاڻ شامل ٿي راجپوتن کي اهو پيغام ڏنو تہ انسان سڀ برابر آهن. راڻي جي انهي نظريي کي ماڻهن سويڪار ڪيو آهي ۽ سماج ۾ گهڻي قدر ڇوت ڇات ختم ٿي ويئي آهي.

ڏاٽ جي راڻن جون شاديون هميشہ پردي پويان ٿينديون هيون، جن جي عوام الناس کي ڪائي پروڙ نہ هئي. چارديواري ۾ پس پرده ٿيندڙ شاندار شادين جي اعليٰ رسمن ۽ رواجن کان ماڻهن کي آگاهہ ڪرڻ خاطر راڻا همير سنگهه پنهنجي فرزند ڪنور ڪرني سنگهه جي شادي ست راڄي ۾ سر عام ڪئي. سمورو سال ميڊيا جو موضوع بڻيل سندس فرزند جي شادي وارن گهوٽ ڪنوار جي فوٽيج کي ميڊيا تي ڏسي هند سنڌ جا راجپوت ڪجهہ قدر رنج بہ ٿيا پر راڻي صاحب ڪنهن جي بہ نہ ٻڌي، قدامت پسند ۽ ترويتي دؤر جي حامين کي اهو سنديش ڏنو تہ عورتن کي پردي پويان قيد ڪري انهن جي حقن تي راتاها هڻڻ انصاف نہ پر ظلم آهي ۽ آئون اهڙي انياءُ جي

خلاف آهيان. راڻي جي انهي فيصلي کان پوءِ گهڻن راجپوتن پنهنجي فيمليز جا فوٽو سوشل ميڊيا تي رکيا ۽ عورتن کي ڪجھ قدر آزادي ملي. راڻا هيمر سنگھ ان کان به وڏي تبديلي اها آندي جو ريگستان جي راجپوتن ۾ عورتاڻي سياست کي متعارف ڪرايو. ٿرپارڪر جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 2016ع ۾ عورت ڪائونسلر شريمتي لڇمي ٻائي ( عالمسر ) ضلعي اسيمبلي ۾ پهتي آهي. ان اتهاسڪ تبديلي تي نه رڳو آئون راڻا همير سنگھ جي بلند و بالا حوصلي کي سلام ڪيان ٿو پر اهي سوين عورتون ساراهين ٿيون، جيڪي آزادي سان جڳ ۾ جيئڻ چاهين ٿيون. راڻا همير سنگھ هڪ احساس وند آدرش وادي انسان آهي. هُو هر جاندار جو قدردان آهي.سندس مخير هئڻ جي شاهدي هر ماڻهو ڏي ٿو. مهمان نوازي ۾ هي سندس پيءُ کان به گوءُ کڻي ويو آهي. مٺي واري ڪوٺڙي کان وٺي چندن گڍ ننگر واري چندن هائوس تائين مهمانن جي مان لاءِ سندس دل جيڏا دستر خوان هر ويل کليل آهن .ڇاڇري ۾ لڇمڻ سنگھ يوجراج واري ڪوٺڙي کي تعميرِ نو ڪري ان جي وارثي ڪندڙ راڻا همير سنگھ هڪ فطرت پسند انسان به آهي. سندس جاگير ٻنيءَ جي موڪرن ٻَنن تي بيٺل ٻيرن جون قطارون، آڪاش ڏي هٿ اُڀا ڪري ڏونئري ڏينهن جهڙي گواهي ڏيئي چون ٿيون ته، اسان جو ڌڻي وطن جي هر وڻ جو محافظ آهي. راڻا همير سنگھ جو سندس هارين ۾ ڪمدارن کي چوڻ آهي ته، ٻني ۾ بيٺل ٻير جي هڪ ٽاري کي به ڪنهن ٽڪو ڏنو ته ان کي سزا آئون پنهنجي هٿن سان ڏيندس. باقي اناج ڪپي ته ڀلي کڻي وڃو پر منهنجي وڻن کي ويجها نه وڃجو. راڻن جي پرمپرا مطابق شڪار ڪرڻ هر راڻي جي رت ۾ شامل هوندو آهي، پر مون هن فطرت پسند راڻي بابت ڪڏهن به شڪار جي شڪايت نه ٻڌي آهي.

راڻا همير سنگھ راجائي ٻار هئڻ ۽ اڌ صدي تائين راج گدي جي ذميواري کان آجو هئڻ جي ڪري سُوم رس جو شوقين ضرور آهي، پر ڪاڏي پيتي جي معاملي ۾ بنھ سادڙو آهي. ڪنهن ڪاج يا ڪنهن دعوت ۾ جيڪڏهن دهي ۽ ڪچڻي ملي وئي ته جڻ ڀڳوان جا 36 ڀوجن ملي ويا. ناشتي

ڪان وٺي ڊنر تائين سادڙا ڪاڏا ڪائيندو آهي .گوشت بہ سندس فيوريٽ ڊش ۾ شامل آهي. هميشہ پنهنجي ئي ڳالھہ کي وزن ڏيندو آهي اها خوبي يا خامي چئو پر پنهنجي موقف کي ئي سؤ سيڪڙو صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ مُڇن کي تاوَ ڏئي گرهوڙي نظر سان گهُوري حاضرين تي هر طرح سان حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سندس اها ادا موکي ڏاڍي وڻندي بہ آهي. چاڪاڻ تہ ان ۾ بہ هڪڙو فن شامل هوندو آهي، جيڪو ڪنهن ڪنهن جي قسمت ۾ ڏاتار وٽان ڏات طور مليل هوندو آهي. ٿر جي ٻين سياستدانن ۽ راڻا همير سنگھہ جي سياست ۾ عرض و سَمان جو تفاوت آهي. ٻين سياستدانن جي منهن تي ايرو گيرو هزل گوئي ڪري برملا شعلا بياني ڪندي ويرم ئي نہ ڪندو آهي، پر هي جڏهن ڪنهن جلسي جلوس ۾ پڄندو آهي تڏهن وڏن وڏن ٻتن کي ارتعاش وٺي ويندي آهي...

”پراڻ جائي پڻ پرڻ نہ جائي“ واري پُراڻي راجپوتي پرمپرا پاريندڙ ڏاٽ جي هن مدبر مسيحا **2018**ع واري عام اليڪشن ۾ گهٽن جا ڇڪا ڇڏائي ڇڏيا. هن جي شاندار سياسي ڪيريئر تي تنقيدن جا تير وسائيندڙن ۽ هن جي پُراڻي چيتواڻي ”وڙهيس وڙهيس ايندءِ وڙهيس“ تي چڙ ڪائي هزل گويون ڪندڙ هلڪڙن کي هن پُرامن جهموري جواب ڏيئي سموري ڏاٽ جون دليون کٽي ورتيون آهن. هاڻي هن کي مُڇون وٽڻ جو حق آهي. هن کي ست سؤ ۽ اٺ سؤ ووٽن جون پٽيون پڙهائيندڙن کي خبر هئڻ گهرجي تہ سياست رُڳو ووٽن تي ناهي هوندي پر ان جا ڪجھہ گُر پيچ بہ هوندا آهن جيڪي فقط ڪن ڀاڳوند سياستدانن وٽ هوندا آهن.هن تي ڏيول جي ڏيا آهي. شل سدائين ڪيسري ڏوج جي جئہ جئہ ڪار ۾ هن جي جيت کي جڳن تائين دوام ملي. هن جي هشاش بشاس حياتيءَ جو سج سدائين شل ڏاٽ جي ڏوڙن تي پوري آب و تاب سان چمڪندو رهي!...

***

# ڪنور ڪرني سنگھ سوڍو

هُو جنهن کي مگراڻي جو مور چئجي، ته به ڪو وڌاءُ نه ٿيندو، ڇو ته هُو اُن مٽيءَ جي مٽ آهي. جنهن ڏات جو ڳاٽ اُوچو ڪرڻ ۾ پيڙهين ڪان پنڌ ڪيا آهن. اُن مٽيءَ جي مهانتا رڳو اُها جنتا ئي ڄاڻي سگهي ٿي، جيڪا رت جو تلڪ ڏئيي راڻن کي راج گدي تي ويهاري راجپوتي پرمپرا پاري ٿي. ان عوام جي اميدن جو نئون سج ڪنور ڪرني سنگھ سوڍو، جنهن جو جنم ان جاءِ تي ٿيو، جتي ڪِلڻ جي ڪِلِ جا تجلا وڄڙين واڏاٽا ٻڻجي ڏڪاريل وطن جي ڌوٽين کي ڏڍ ڏيندا هئا. جتي مومل جا ماڙا ميندري جي من کي موهي نه سگهيا. جتي همير جي هٺ راڻي کي ڪاڪ جا پنڌ ڪرڻ ڪان روڪي نه سگهي، ان اُتم ڌرتي جي دلربا شهر عمر ڪوٽ کان **14** ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي اُتر ڏشا ۾ آباد راڻا جاگير ۾ راڻا همير سنگھ سوڍي جي گھر ۾ **20**اپريل **1991**ع تي اک کوليندڙ ڪنور ڪرني سنگھ سوڍي جي جنم تي جڏهن جاگير ۾ ٿاليون وڳيون،تڏهن سمُورو صحرا ٿهڪ ڏيئي ٽڙي پيو هو. ڏات جي هر ماڻهو واڌاڻا وصول ڪيا هئا ڇو ته ڏات جي قلواڙي ۾ هڪ نئون ڦل ٽڙيو هو.ڪنور ڪرني سنگھ سوڍي کي ننڍي لاڪون لورين بدران سورهيائي،سچائي ۽ سياست جا سهرا ٻُڌايا ويا هئا ۽ هن ٻالڪپڻ ۾ پنهنجي ڏاڏي عظيم سياستدان راڻا چندر سنگھ جي آڱر پڪڙي هن دنيا ۾ هلڻ سکيو هو.

هن نندپڻ جي نازڪ وهيءَ ۾ بلورن سان کيڏڻ بدران تلوارن جا تجلا ڏٺا هئا، هن پنهنجي هاتڪ هٿن ۾ جتي، ڪتاب ۽ قلم کڻڻ سکيو هو اُتي استر ۽ ششتر واري وڏي بہ وڏي شوق سان سکي هئي، ڇاڪاڻ تہ ان کان سواءِ هڪ راجپوت اڌورو هوندو آهي، ڪنور ڪرني سنگھ جي علمي آبياري لاءِ کيس اعليٰ تعليمي ادارن ۾ داخل ڪرايو ويو. **1997**ع ۾ ابتدائي طور سينٽ مائيڪل اسڪول ڪراچي ۾ داخل ٿيو.جتان ميٽرڪ جو امتحان امتيازي نمبرن ۾ پاس ڪري پوءِ مڪسر ڪاليج ڪراچي مان انٽر ميڊيٽ اعليٰ نمبرن ۾ پاس ڪيائين، ان کان پوءِ گريجوئيشن جي لاءِ زيبسٽ ڪراچي ۾ داخل ٿيو جتان **2013**ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ايل ايل بي جي ڊگري حاصل ڪري هڪ قابل وڪيل بڻيو. روشنين جي شهر ۾ رهندي هن پنهنجي علمي ڪيريئر کي تمام روشن رکيو. هن قانون جي ڊگري وڪالت ڪرڻ لاءِ نہ پر پنهنجي موروثي سياست جي واهر ڪرڻ لاءَ ورتي.

هن پڙهڻ سان گڏ پرجهڻ ۽ پروڙڻ بہ سکيو. پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ هن پنهنجي ناناڻن جو سير ڪيو. هندستان جي سفر دؤران هن جو گلابي شهر جئہ پور وڃڻ ٿيو. جتي هن هوا محل جون هوائون کاڌيون، جتي سوائي مانسنگھ جي جوڙايل جنتر منتر جو بہ جائزو ورتو. هن کي گلابي شهر جي سُونهن کان وڌ اُنهن وشال نيڻن واري وجود موهيو. جنهن جي هٿان هي دل هارائي آيو. ڏاٺ جي هن شهزادي جي ساحر اکين جو سُرمون ٿيڻ لاءِ جئپور جي جوالا مُکين، سهسين سُکائون ڪيون پر هن جي ماٽينگر مُهانڊي جي سونيلي سُونهن ڪنوئا نڪاٽي جي راج ڪماري اُن پدمڻي جي پلئہ پيئي، جنهن کي هن پهرين نظر ۾ پنهنجو ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي هن سوڍي جي الستي عشق نہ رڳو ٻن دلين کي ملايو پر ٻن ديسن جي وچ ۾ نفرت جي وچوٽين کي پڻ گهٽ ڪيو ۽ ٻنهي ديسن جي عوام کي محبت جو پيغام ڏنو.

ڪنور ڪرني سنگھ سوڍي جي مڱڻي وقت رِنگ سرمني **10** جون **2014**ع تي جئہ پور جي ڪنوئا نڪاٽي ۾ ٿي ۽ رسم ٽيڪا سنڌ جي راڻا جاگير عمرڪوٽ ۾ ٿي. ڪنور ڪرني سنگھ جي پتا شري راڻا همير

سنگهه سنڌ جي صدين پراڻي ثقافت کي اُجاگر ڪرڻ لئہ اها تاريخي رسم 7 ڊسمبر 2013ع جي ڏينهن ان ڪري رکي جو ان ڏينهن سموري سنڌ پنهنجا ويڇا وساري ايڪتا ڏهاڙو ملهائي رهي هئي.ايڪتا واري ڏينهن راڻا جاگير ۾ نوابن، راجائن ۽ مهاراجائن جي موجودگي ۾ ملهايل ان رسم ٽيڪا ۾ 20 هزار ماڻهن شرڪت ڪئي.ياد رهي تہ ورهاڱي کان پوءِ اهو پهريون موقعو هو جنهن ۾ ڪنهن ٻاڃ جي شهزادي لاءِ هندستان مان ٽيڪو پاڪستان آيو هو. جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي ماڻهن ڀرپور شرڪت ڪئي هئي. ٽيڪو رڳو گلاب جو تلڪ نہ هو پر ان ۾ ڪيئي ٽيڙ سمايل هئا!

ڪنور ڪرني سنگهه لاءِ ڪنوٽا مان آيل ٽيڪي ۾ هي سامان شامل هو. 151 ٿال هئا، سون ۽ چاندي جو ناريل، بريسلٽ ۽ پير لاءِ سوني ڪڙي ۽ 18 يجمانن لاءِ اوڍاڻيون هيون.ڪنور ڪرني سنگهه سوڍي 20 فيبروري 2015ع جي شام جو ڪنوٽا ٺڪاڻي جي ٺاڪر مانسنگهه چمپاوت راٺوڙ جي گهر ۾ چونئري جا چار ڦيرا ڪائي پنهنجي سنساري زندگي جي شروعات ڪئي، ڪنور جي شاهي شادي ٻنهي ملڪن جي ميڊيا تي سمورو سال ڇانيل رهي، ڪنور صاحب جي ڄڃ ۾ پاڪستان جا نالي وارا سياستدان شامل هئا.جئہ پور جي فائيو اسٽار هوٽل نارائڻ نواس پئليس ۾ ٿيل شادي واري آجياڻي تقريب ۾ هڪ اندازي موجب هندستان جا 02 ڪروڙ فقط هڪ ڏينهن ۾ کاڌي پيتي تي خرچ ٿيا هئا.ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. تہ هي شادي ڪيتري وڏي پيماني تي ٿي هئي!

شاديءَ جي لائيو ڪوريج لاءِ ڪي ٽي اين چينل طرفان ڄڃ ۾ ويل فيض کوسو لکي ٿو تہ ”ٻاڃ جو شهزادو 2 سؤ کان وڌيڪ مهمانن سان گڏ جئہ پور پهتو سنڌ جي سوڍن جيان جئہ پور جي ڪنوٽا ٺڪاڻي جي ٺاڪر مان سنگهه چمپاوت جي پريوار کي بہ شاهي حيثيت حاصل آهي. جئہ پور ۾ رٿيل شاديءَ تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ جيسلمير، ڪڇ ڀُڄ، ٻاڙمير، جوڌپور ۽ اجمير شريف سميت ڀارت جي ٻين علائقن مان بہ هزارين ماڻهون پهتا هئا، جن ۾ راجا مهاراجا، راڻيون، راجڪماريون، نواب ۽ اجمير شريف جو گادي نشين

سرور چشتي بہ شامل هئا. گھوٽ ڪنور ڪرني سنگھ کي هاٿيءَ تي سوار ڪري پالڪيءَ ۾ ويھاريو ويو هو. سندس ڄڃ ۾ پروٽوڪول جا وڏيڪ بہ هاٿيءَ، گھوڙي ۽ اُٺ سوارن جا جٿا ۽ ثقافت جي اهڃاڻ طور هڪ ڏاند گاڏيءَ بہ شامل هئي. ڄڃ سان گڏ هلندڙ تلوارن، گرزن ۽ ڀالن سان هٿيابند راجستان جي راجپوتن ۾ سنڌ جي سوڍن جي جنگي روايتن جي ياد تازي ڪري رهيا هئا. ڄڃ جي آڏو هلندڙ عورتون ڳيچ ڳائي رهيون هيون ۽ ڏانڊيا ناچ بہ نچي رهيون هيون .گھوٽ ۽ ڪنوار پاران اگني ڦيرا ڏيڻ سميت شاديءَ جون سموريون رسمون هندو عقيدن پٽاندڙئي ادا ڪيون ويون“.

ڪنور ڪرني سنگھ سوڍي پنھنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات تازو ٿيل مڪاني ادارن جي چونڊ ۾ بيھي ڪئي آهي.جنھن ۾ هن ضلعي ڪائونسلر جي سيٽ تي پارڪر جي پيٿاپور يونين ڪائونسل ۾ چونڊ وڏي اڪثريت سان سوڀ حاصل ڪئي آهي. پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي ڪٿي آيل هي ڊاٺ جو شهزادو هو تہ ضلعي چيئرمني جو اميدوار پر پاڪستان پيپلز پارٽي هن جي مُڪٽ تي نائب چئرمني وارو تاج پارايو آهي .پنھنجي يومي چڙي ويل راڻي انچل سنگھ جي اباڻي يونين ڪائونسل جي غيور عوام هن کي سوپارو ڪري نہ رڳو پارڪر جي پت رکي آهي، پر انهن راڻن کان پنھنجي وارثي جو وچن ورتو آهي جن سان پارڪر جي سوڍن ڪڏهن بہ سياسي سمجھوتو نہ ڪيو هو.

ڪرني سنگھ کي ڪنور جي پدوي ڪئين ملي.؟ ان جي وضاحت ڪرڻ ضروري سمجھان ٿو .ڪنور جي پدوي (لقب) ان کي ملندي آهي جيڪو راڻي جو جانشين هجي. راڻي جو جانشين راڻي جو پُٽ ئي هوندو آهي، باقي هُئين عام راجپوتن ۾ ڪنور ان کي چوندا آهن جنھن جو پيءُ زنده هجي ۽ پنور ان کي چوندا آهن، جنھن جو ڏاڏو زنده هجي ، ۽ تنور ان کي چوندا آهن جنھن جو پڙ ڏاڏو زنده هجي.

ڊاٺ جي مستقبل جو راڻو ڪنور ڪرني سنگھ سوڍو شاهي پوشاڪ پائڻ جو وڏو شوقين آهي، پر اڪثر ترينتو قميص پائي مٿي تي راجستاني ڦينٽو ٻڌندو آهي. سوير اُٿندڙ ۽ سوير سُمهندڙ ڪنور ڪرني سنگھ جديد

خيالن جو ماڻهون آهي. پراڻين پرمپرائن کان وڌيڪ نئين دؤر جي جديد تهذيب ۽ رسمن رواجن جو حامي آهي، بلڪ پابند بہ آهي! ڪرپشن ۽ ڪوڙ جو سخت مخالف ۽ ڪفايت شعاري جو قائل آهي. فضول خرچن جي پاسي قطعي ڪونهي، راجپوتي روايتي ٻنڌاڻن مديرا ۽ امل ڪسونبي کان انتهائي پري رهندڙ ڪنور ڪرني سنگھ سوڍو هر نشي جي خلاف آهي. تاريخ جي وڏي ڄاڻ رکڻ سان گڏ هندو ڌرم جو وڏو گياني آهي. زراعت سان بہ وڏي دلچسپي رکي ٿو. سير و سفر جو تمام گھڻو شوقين آهي.انڊيا،ڪينيا ۽ ترُڪي جا دورا ڪري چڪو آهي.

***

# راجوير سنگهہ سوڍو

لانڀي سرور جي تروتي ترورن جي ساکي امراپُري جهڙي امراڻي ۾ هڪڙو سوڍو چَتُر سُڄاڻ هُو بہ آهي. هُو جيڪو همروٽ ڇَتيسيءَ جهڙي حَسين سوڍي هانسي جو پاڙيسري آهي. اُهو هانسو جنهن پنهنجي نو ورنيءَ ڪنوار جو مُنهن ڏسڻ کان پهرين ڌرتيءَ ۽ دوست جو سڏ ورائي شهادت ماڻي هُئي. جنهن سهاڳ رات جو سُندريءَ سان سيج رمڻ واري سُک کي تياڳي وطن تان وارجڻ کي وڏيڪ ترجيح ڏني هُئي. هُو جنهن جي تيجسوي اکين جي ترورن ۾ جهانسيءَ جي راڻيءَ جي تلوار جا تجلا جرڪن ٿا. هُو جنهن جي لاکيڻي لوڏ جي هوڏ ڪرڻ کنهن بہ ويڪتي جي وس جي ڳالهہ ناهي. هُو جيڪو هن ديس جو دلبند فرزند آهي. هن جي ويرپال وجود جي دولان ديهي جي ڪارونجهر ڏاڍِن اڳيان ڪڏهن جهُڪڻ سکيو ئي ناهي. هن جي اڏول ڇاتيءَ جو ڇهُنڻ سدائين آڪاش جئين اُڀو آهي. هرڻ چال جهڙي هن جي هر ڳالهہ ۾ مٽيءَ جا منطق ۽ ڌرتيءَ جا دليل هوندا آهن. هُو هن وطن سان ائين محبت ڪري ٿو جيئن موري مڇي ڦاڙهي جي سڱ سان ڪندي آهي. هُو هن محبوب وطن جو اُهو باوقار سياستدان آهي جنهن تي ڌرتيءَ ماءُ مَرڪ ڪري ٿي. هن جي پٽڪي جي ور ور ۾ رڱو راجپوتيءَ جو رنگ ۽ ننگ ناهي پر هن سموري ساٽيهہ جي سونهن سمايل آهي. اُها سونهن جنهن

جي هر جهلڪ ولهار تي وٺل چيٽي چانڊوڪي جهڙي موهي ماريندڙ هوندي آهي. هُو جنهن جي هلڻ سان لانبي جا ٻڙ پلي ڪٽي نه ٻه جهُڪن پر ساڻس پيار ڪندڙ دوستن جون دليون مجروسا جا هٿ ٻڌي ان سوڍي جي شان ۾ ضرور جهُڪنديون آهن. جيڪو دوستن تان ساهه صدقي ڪرڻ وارو گُر اڄ ٻه چڱي ريت ڄاڻي ٿو. جنهن لئه مهمان پڳوان جو درجو رکي ٿو. هُو ڪائي خوش ٿيڻ وارن مان ناهي پر ڪارائي خوش ٿيڻ هُن جو سُگڻ آهي. هُو پڌيلي جي وير بهادر رتن سنگهه سوڍي وانگي ديس واسين جي دلين تي راڄ ڪندڙ بي تاڄ راڻو آهي. هُو جيڪو پٽڪو ۽ تريتو ٻه پائي سگهي ٿو پر سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ کي سندس شان سمجهي ٿو. هُو جيڪو دوستي کي اتم ڌرم سمجهي ٿو.هن لئه سياست ڪان مٿي انسايت آهي. هُو سياسي شطرنج جو ٻه وڏو ڪلاڙي آهي. پر بي رحم سياسيت جي آڪاڙي ۾ اقتدار لئه سندرا ٻڌي لهي پوڻ کي هُو اهميت قطئي نه ٿو ڏي. هُو اهميت ڏي ٿو سوڍڪي شان آن ۽ مان کي. هُو چاهي ها ته سياست ۾ سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهيو پي پر هُن ائين نه ڪيو. هُو سياست ۾ پهريون ڀيرو **2002**ع ۾ آيو هو. تڏهن جڏهن ڪن شاطر دماغ سياستدانن جي هٿ ناٽڪ سبب ڪنور همير سنگهه (موجوده وقت راڻو) جا نامزدگي فارم رد ٿيا هئا. هُن کي سياست جو ڪو ايڏو شوق نه هو پر هن نه ٿي چاهيو ته صفا ميدان سُڃو ڇڏجي ۽ عوام ڪنهن واپاري جي ور چڙهي وڃي. تنهن ڪري هُو مني واري تڪ تان چونڊ وڙهيو هو ۽ سوڀارو ٿي سنڌ اسيمبلي جي سنسد ڀون ۾ پهچي ويو هو. ايم پي اي ٿيڻ ڪان پوءِ ٻه هُو انتهائي سادگي ۽ نرم مزاجي واري حيثيت سان عوام ۾ مقبول رهيو. هُو روايتي سياستدانن واري اجائي آڪڙ ڪان هميشه پري رهيو آهي.ٻيون ڀيرو سياسي ميدان ۾ هن **2008**ع واري عام اليڪشن ۾ قسمت آزمائي هئي پر محترما بينظير ڀُٽو صاحبه واري شهادت جي سيلاب سموري سنڌ سان گڏ هن سوڍي کي ٻه لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هو. عمرڪوٽ جي ننگ دڙنگ سياستدان علي مردان شاهه کي هي سوڍو هارائي نه سگهيو . راجوير سنگهه سوڍو مزاجن ڪلڻون ملڻون تمام پيارو ماڻهون آهي. منهنجي

هن سان ڪڏهن به ملاقات ناهي ٿي پر چوندا آهن ته پلن جا واڪاڻ وطن ڪندا آهن سو هن سپوت سوڍي جي ساراهه به گهڻن ماڻهن جي واتان ٻُڌي آهي. سنڌ جي موجوده سي ايم مراد علي شاهه جو هم ڪلاسي هُئڻ سان گڏ انتهائي ويجهو دوست به آهي.

7 آڪٽوبر 1960ع تي راڻا ارجڻ سنگهه جي ننڍي پُٽ ٺاڪر ٻلوير سنگهه سوڍي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ٺاڪر راجوير سنگهه سوڍي شروعاتي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ڪامرس ۾ بيچلر جي ڊگري B.COMسينٽ پيٽرڪس ڪاليج مان 1982ع ۾ حاصل ڪئي. راڻا جاگير جي هن روپاڙي سوڍي ٺاڪر راجوير سنگهه راجستان جي ٺڪاڻي بيگُو۔ چتوڙ (ميواڙ) مان چونڊاوت شيشودين جي سرواڻ سرگواسي راوَ هريسنگهه جي گهران شادي ڪئي.

راجوير سنگهه کي اولاد ۾ هڪ پُٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي.پُٽ جو نالو تيجوير سنگهه سوڍو آهي.تيجوير سنگهه هن وقت سنڌ اينگرو ڪول مائيننگ ڪمپني ۾ جاب ڪري ٿو.تيجوير سنگهه راجستان جي ضلعي جئپور جي ٺڪاڻي پهاڙيا مان شادي ڪئي آهي .ٺاڪر راجوير سنگهه جي راجڪماري سونل سوڍي گجرات جي ٺڪاڻي لمڙي ۾ پرڻايل آهي. سونل بائي ملائيشيا مان گريجوئيٽ ڪيو آهي. سنڌ جي سُوڍين ۾ هيءَ پهريون سُوڍي آهي، جنهن گريجوئيٽ ڪيو آهي.

راجوير سنگهه سوڍو وڏو زميندار ماڻهون آهي.سندس زرعي فارم آڏتيو نالي سان عمرڪوٽ شهر کان 12 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي. راجوير سنگهه سوڍو هڪ ماحول دوست ۽ فطرت پسند شخص آهي. سندس زرعي فارم آڏتيو تي موجود اوطاري وارو چونئرو ناهڻ وقت موزون جڳهه تي ڪنڊي جو وڻ بيٺل هو جيڪو چونئري جي اڏاوت ۾ رُخنو وجهي رهيو هو. ان ڪري ماڻهن صلاح ڏني ته ان کي وڍي ڇڏيو پر وڻن سان پيار ڪندڙ هن ماحول دوست سوڍي وڻ وڍڻ بدران ان وڻ اندر چونئرو ناهي ڇڏيو آهي جيڪو ڏسڻ وٽان آهي. ان کي دنيا جو انوکو عجوبو چئجي ته به ڪو وڌاءُ نه

ٿيندو. ڪنهن بہ دوست کي اهو چونئرو ڏسڻو هجي تہ راجوير سنگھ سوڍي جي زرعي فارم آڏتيو ۾ وڃي ڏسي اچي. اهڙو ٺڏو چونئرو آهي جهڙو ايئرڪنڊيشنڊ .چونئري اندر ڪنڌي جو ٿُڙ آهي ۽ ٽار ٻاهر آهن. هڪ وڻ کي بچائڻ سموري فطرت کي بچائڻ جي مترادف آهي ۽ اهو سوڍي ڪري ڏيکاريو آهي.

ٺاڪر راجوير سنگھ سوڍو هن وقت پنهنجي سموري پريوار سان گڏ سُکيو ستابو پنهنجي نٽ باٽ ۽ راجپوتي آن مان شان ۽ شوڪت سان سندس جنم ڀومي جاگير ۾ سڪونت پذير آهي. سندس هڪڙو ڀاءُ ٺاڪر وڪرم سنگھ سوڍو پاڪستان ايوي ايشن اٿارٽي ۾ وڏي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ٻيو ڀاءُ ٺاڪر ٽڪيراج سنگھ سوڍو ڪراچي ۾ جئز بئنڪ جو ڊاريڪٽر آهي.سڀئي ڀائر سکيا ستابا پنهنجيون هشاش بشاش حياتيون گُذاري رهيا آهن

***

# راٺوڙ رتن سنگھہ سوڍو

”همروٽ ڇتيسيءَ“ جي خالق ڪوي بانڪيداس پنهنجي امر ڪويتا ۾ امرڪوٽ جي سوڍن راڻن ڪي تمام وڏي ڀيٽا ڏيندي چيو آهي تہ:

**سوڍا امرڪوٽ را سر ڪٽيان شمشير**
**ٻانهين هيٽا ويرهر بانڪا ڀارت وير**

(امرڪوٽ جا سوڍا سر ڏيئي سرها ٿيندا آهن. وڏا ڏيالو ۽ ڏاتار آهن. هيٺن جي همراهي ڪندڙ آهن. دُشمنن لئہ تمام ڀاري آهن.)

**ايڪ ايڪ سون آگلا راڻا امرڪوٽ**
**پرگهٽ هوئا پرماروي ماٽينگر من موٽ**

(امرڪوٽ جا راڻا هڪ ٻئي کان مٿي آهن. بهادري، سخاوت ۽ سُلڇڻائي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. پرمار ونس کي اجاگر ڪندڙ آهن..)

ڊاٽ پرڳڻي جي پراچين راڻي ڪيمراج سنگھہ جي ڪنور ناڪر وجئہ سنگھہ جي ٽئين پيڙهيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ اڻند سنگھہ سوڍي جي گھر ۾ اک کوليندڙ راٺوڙ رتن سنگھہ کو راج تِلڪ راٺوڙ نہ هو پر پنهنجي انوکي ڪرم

جي انوسار رعيت ھُن کي راڻي جي لقب سان نوازيو ھو. سوڍڪي شان ۽ ڏرتيءَ جي مان خاطر پنھنجا پراڻ ڏيئي پرڻ پاريندڙ راڻو رتن سنگھ انتھائي جوشيلو جوان ھو. ھُن لئہ وطن ئي سڀ ڪجھ ھو.ھُن ڪنھن طرح وطن کي وڃائڻ نہ ٿي چاھيو. ڍاٽ پرڳڻو ھُن جو اباڻو وطن ھو.ھن ڍاٽ تي سوڍن کان سواءِ ٻئي ڪنھن جي بہ حُڪمراني پسند نہ ٿي ڪئي.

1843ع ۾ جڏھن سنڌ تي انگريزن قبضو ڪري ورتو ھو تڏھن امرڪوٽ پرڳڻو بہ انھن جي ھٿ ھيٺ اچي ويو ھو. انگريزن جي راج شاھي ۾ سوڍن جو زور گھٽجي ويو ھو.رعيت انگريزن جي غُلامي پسند ٿي ڇُڪي ھُئي. ڪراڙن ۽ مھيشورين وٽان ملندڙ ساڙھي ۽ ٻنڌياڻ بہ بند ٿي ويا ھئا. سوڍن جو راج بس نالي ماتر رھيو. اُن وقت جو گاديدار راڻو مھراج ”مِٽي بہ ماٽ تہ مُٽي بہ ماٽ“ واري ڪار ڪنن تان وار ڍاري ويھي رھيو پر ھن سورھيہ وير سپوت سوڍي”اي نہ وڙ ويڙھيچن“ وانگي ويھڻ وھُ سمجھي سندرو ٻڌي سامھون ٿيڻ جو پڪو پھہ ڪري ورتو. ھن جي سانتيڪي وجود جو وولڪنو بغاوت جي باھ ۾ ڦاٽي پيو ۽ ھن امن پسند انگريزن جي شانتي واري راج ۾ اشانتي ڦھلائي ڇڏي جيڪا انگريز بھادر کي انتھائي ناگوارا لڳي. امراڻي جي ھن وير بھادر جي لَڪ لَڪ تي للڪار گورن جا ٻُت لرزائي وڌا. ڪرنل ٽائر وِٽ راڻي رتن سنگھ کي راضي ڪرڻ خاطر ھر طرح جا ھُربا ھلايا پر راڻو راضي نہ ٿيو. نيٺ رتن سنگھ جي ويجھي ساٿي جي وسيلي ڪرنل ٽائر وِٽ ساڻس ملاقات ڪئي. اُن ملاقات ۾ رتن سنگھ سوڍي انگريز اڳيان پنھنجي پنج نڪاتي ايجنڊا رکي ھُئي. ٽيپدار تيج سنگھ سولنکي پنھنجي اتھاسڪ ڪتاب ”امرڪوٽ ـ سنڌ جو اتھاس“ ۾ لکي ٿو تہ ”تروٽ صاحب امرڪوٽ جي قلعي ۾ راڻي کي چڱي ريت ذھن نشين ڪيو تہ فساد پکيڙڻ مان ڪجھ حاصل نہ ٿيندو تنھن ڪري کيس (راڻي کي) اُبتا پير کڻڻ نہ گھرجن. تروٽ صاحب ائين بہ چيو تہ ”جيڪڏھن اسان جي حُڪومت ۾ اوھان کي ڪو اھنج ايذاءُ ھجي تہ اُھو بيشڪ کولي ورنن ڪيو. آئون ھر ممڪن ڪوشش سان ان جو تدارڪ ڪندس.“

رتن سنگھہ اهڙي وجھہ کي هٿان نہ ڇڏيو ۽ چيائين تہ :

پهريون: اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن کان ٿر ۾ ڍل جو نالو ڪونهي سا ڍل هاڻ بہ نہ ورتي وڃي.

ٻيو: اسان جون زمينون اسان کي واپس ڏنيون وڃن.

ٽيون: ڪراڙن کان ساڙهي وارو ٻنڌياڻ وري اسان کي ملڻ گهرجي.

چوٿون: ڪراڙن جو قرض وصول ڪري ڏيڻ وقت هر هڪ سؤ تي هڪ رپيو ۽ تحفي ۾ لوئي يا شال ملندي هئي. اُها توهان بند ڪرائي، اها بہ واپس ملي.

پنجون: ڪراڙن وٽ لنگر انداز ٿيڻ تي اسان جي گهوڙي جي گاهہ پاڻي جو بندوبست ٿيندو هو اهو وري بہ بحال ٿيڻ گهرجي.

ڪرنل تروٽ نہ رڳو رتن سنگھہ جا اهي سڀ شرط قبوليا پر ڪسٽم ڊيوٽي جو حصو بہ راڻن کي ڏياريائين. تروٽ صاحب سنڌ جي اُن وقت گورنر سر چارلس نيپيئر سان لکپڙهہ ڪئي ان سڀ شرط منظور ڪيا. ”امرڪوٽ سنڌ جو اتهاس“ ۾ بيان ڪيل آهي تہ حيدرآباد جي ڪليڪٽر جي حُڪم سان 14 مئي1847 ع تي راڻي کي فرسٽ ڪلاس پوليٽيڪل جاگير ڏني ويئي. ٿُرت ئي ناري ڊويزن جي ڍل جو مقاطعو پنج سالن لاءِ سن 1850ع کان 1854ع تائين بہ راڻي رتن سنگھہ وارن کي ڏيئي تروٽ سندن دل خوش ڪري ملڪ ۾ شانتي قائم ڪئي.

راڻن کي ساڙهي وارو ٻنڌياڻ ۽ ڪسٽم ڊيوٽي وارو حصو بہ ملڻ لڳو. هاڻي ڪراڙ راڻن کي راڄ جا مالڪ سمجهڻ لڳا هر طرف سُڪون ٿي ويو. سوڍا پنهنجي اباڻي پرڳڻي ۾ اڳوڻي شان سان رهڻ لڳا.

پر بدقسمتيءَ سان اها شرطيہ شانتي گهڻو وقت هلي نہ سگهي. پنج سالن تي راڻن جي مقاطعي جو مدو پورو ٿيو. چوڻ وارا چون ٿا امرڪوٽ جي پاڙيسري ڳوٺ ڪيجهراري جي سيد محمد علي شاهہ اهو ناري ڊويزن واري ڍل جو مقاطعو انگريز سرڪار کان وڏي رقم عيوض پنهنجي نالي حاصل ڪري ورتو. مقاطعي جي حاصلات کان پوءِ محمد علي شاهہ ڍل جي وصولي وقت

صفا رڻ ٻاري ڏنو هو. بنهه بي رحمي سان رعيت کان ڍل وصول ڪرڻ لڳو هو. راڻي رتن سنگهه وارا ايڏي رقم نہ ڏيئي سگهيا. ان ڪري مقاطعو انهن جي هٿ مان هميشہ لئہ نڪري ويو. محمد علي شاهه جي اهڙي جرئت ڪرڻ ۾ چڙهت ڪري مقاطعو ونڻ سوڍن جي غيرت ۾ ڏيئي ۾ تيل وارو ڪم ڪيو. راڻي رتن سنگهه جي هڪ ڏينهن امرڪوٽ شهر ۾ محمد علي شاهه سان ڏند اوڳل ٿي. ان ڏينهن هن سوڍي پڪو پهہ ڪري ورتو هو تہ ان کي ڪنهن بہ حالت ۾ زنده نہ ڇڏبو. انگريز سرڪار جي امن امان واري دؤر ۾ اهڙي ڪنن ڪم ۾ هٿ وجهڻ لئہ بہ دل کپي ٿي. مجال آهي جو ڪير اهڙي جرئت بہ ڪري, پر هن سوڍي پنهنجي سوڍڪاريءَ انا خاطر اهو ڪري ڏيکاريو. هن جو ساٿ ڏنو ٿانجي جي تڙي جي پڳوجي سنگراسي جيڪو تازو پرڻيل هو. ٻئي ڄڻا گڏجي تيز گهوڙين تي سوار ٿي هڪ شام ويلا جو محمد علي شاهه کي هڪڙي ٻني ۾ وڃي رسيا. جتي هُو ڍل وصول ڪري رهيو هو. رتن سنگهه هڪل ڪري چيو هوشيار ٿي.! آئون پڏيليءَ جي اٽند سنگهه جو پُٽ رتن سنگهه توکي مارڻ آيو آهيان. ائين چئي گولي نڪاءَ ڪيائين. محمد علي شاهه پٽ تي مري ويو. هي ٻئي سوڍا موقعي واردات تان فرار ٿي روپوش ٿي ويا. انگريز سرڪار کي اهڙي فسادي واقعي تي ڏاڍي چڙ لڳي. حُڪومت جوابدارن کي پڪڙڻ لئہ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيا. چون ٿا تہ رتن سنگهه سوڍي وٽ تمام تيز رفتار ۽ وفادار گهوڙي هوندي هُئي. رتن سنگهه ان گهوڙي تي چڙهي راجستان پرڳڻي ڏي هليو ويو. گهڻو وقت روپوشي واري حالت ۾ گُذاريائين نيٺ هڪڙي ڏينهن امرڪوٽ کان سوين ڪوهه پري هڪڙي هند پڪڙجي پيو. ان رات هن کي سندس گهوڙي هڻڪارون ڪري سجاڳ ڪيو هو پر هُو گهوڙي جي پُٺي نپري ائين چئي سمهي رهيو تہ ”پٽاري هاڻ گهڻو پڳاسين “ٿوري ئي دير مس ٿي پوليس پڪڙي ورتو. ٿُرت پوءِ پڳوجي سنگراسي بہ پڪڙجي ويو .رتن سنگهه جو ڪيس امرڪوٽ ۾ هليو. آخرڪار **1923** وڪرمي سنبت جو رتن سنگهه کي امرڪوٽ واري قلعي ۾ سوين ماڻهن جي وچ ۾ سرعام ڦاهي تي لٽڪايو ويو. چون ٿا تہ راڻي رتن سنگهه کي مٿان کان انگريز سرڪار معافي نامو موڪليو هو تہ اهڙي وير

بهادر کي ڦاهي نہ ڏني وڃي، پر افسوس جو اهو معافي نامو ڪاردار آفيس ۾ شرمالي برهمڻن جي چرچ تي تيستائين روڪيو ويو جيستائين راڻي جي ڪنڌ ۾ ڦاهي جو ڦندو وڌو ويو. جڏهن رتن سنگهہ جي ڪنڌ ۾ ڦاهي جو ڦندو وڌو ويو تڏهن ڪو پنو ڪٽي ڊوڙندو آيو تہ سرڪار راڻي کي معاف ڪيو آهي. چون ٿا تہ راڻي رتن سنگهہ مُڇن کي تاوَ ڏيندي چيو تہ معافيون مرد ناهن وٺندا. مون کي ڏسڻ لئہ هيڏي جنتا گڏ ٿي آهي آئون معافي وٺي ان جي دل نہ ٿو ٽوڙي سگهان باقي شرمالي برهمڻ اڄ کان پوءِ امرڪوٽ ۾ رهي نہ سگهندا. منهنجي ڳُل جو ڪو بہ ماڻهون امرڪوٽ جي ڪاردار آفيس جو پاڻي نہ پيئندو. ائين چئي هي سوڍو مرڪندي وطن تان وارجي ويو. ”ڌرا سُرنگي ڍاٽ“ ۾ ڪوي شڪتيڏان ڪويا راڻي رتن سنگهہ بابت ڪيڏو نہ خوبصورت ڇهہ سٽو ڏنو آهي.

## ڇپايو ڇهہ سٽو

اکان سمت اُگڻيس ورس تيئيسو وڪرم
راڻ گيو امراڻ رتنسي برهم مائين رَم
ولکا هاٽ باجار نار نر آنسو نيٽي
ڍاٽ پارکر ڌرا سوڪ ڇايو ڳُل سيٽي
پمنگي مُونئي سُم سِر پٽڪ راج فرنگي روليو
مندبيو رتن راڻي مُلڪ امر نام رو اوليو.

راجستان جي باراني ڳوٺ ٻرائي جي مها ڪوي شڪتيڏان ڪويا پنهنجي شهر آفاق تصنيف ”ڌرا سُرنگي ڍاٽ“ ۾ پڙيلي جي سُرتاڻ سوڍن جو ذڪر ڪندي اول ۾ راڻي رتن سنگهہ جي شان ۾ هي خوبصورت دُوها لکيا آهن.

رنگ سوڍا راڻا رتن امراڻي ڌر آءِ
ديا پراڻ هِت ديس ري گيتڙلا جس گاءِ

(اي سوڍا راڻا رتن سنگهہ! توکي جس هُجي جو امرڪوٽ جي ڌرتي

تي جنم ورتو ۽ ديس جي ڪارڻ سر ڏيئي سرهو ٿي ويئن. تنهنجي ساراهہ اڄ گيت ڳائجن پيا.)

**سنڌ تڻو ايجنٽ سو ايڪ ترپوٽ انگريج**
**سمپي ڏرتي ليج سُون تور دکاوڻ تيج**

(سنڌ ۾ انگريزن جو مقرر ڪيل هڪ پوليٽيڪل ايجنٽ ڪرنل ٽائر وِٽ هو جنهن ڏرتيءَ ليز تي ڏيئي پنهنجو ڏاڪو ڄمائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.)

**انيتي ڪي محمد علي ڏکر وصولي ڏاڻ**
**هٽيو وير هٽنال سُون راڻ رتن امراڻ**

(محمد علي شاهہ ڪيجراري واري ڍل وصول ڪرڻ وقت رعيت سان وڏو ظلم ڪيو هو. جنهن کي راٺي رتن سنگهہ پنهنجي هٿن سان ماري مساڻ ڪيو هو.)

**ريو ساٿ رتنيس ري سوڍو ڀڳُو سُچنگ**
**سنگراسي ڀڙ اُنڙ سُڻ ريٽو آکي رنگ**

(رتن سنگهہ سان ساٿ نڀائيندڙ ڀڳوجي سنگراسي وڏو بهادر ماڻهون هو. اي وير بهادر سنگراسي سوڍا! تون ٻڌ توکي چارڻ ڪوي رنگ (شاباس) ڏي ٿو.)

**لاکو هيکو لکان جيُون سنگراسي ري ساک**
**توان ٿانجي رو تڙو ڀڳو سُتن جس ڀاک**

(لاکو هڪڙو لکن جهڙو" وانگي سنگراسي سوڍو هو جيڪو ڳوٺ ٿانجي رو تڙ جي ڀاکر سنگهہ جو پُٽ ڀڳوجي هو.)

**ڦنڦيڙڻ فرنگي ني راڻ رتن ري سنت**
**سميڙو امرو رامسي سوڍا تينهون سمتث**

انگريز سان اٽڪڻ لاءِ رتن سنگهه سان گڏ وڙهيا هئا سميڙ سنگهه، امر سنگهه ۽ رامسنگهه. ٽيئي سوڍا هڪ ٻئي کان مٿي هئا(.

**يوجاڻي رجوت پلي سام ڌرم سر موڙ**
**رتن راڻا منتري رکيو رنگ ڏيسل رائوڙ**

(يوڄاڻي ۾ راجپوتي گُڻ تمام گهڻيرا هئا. تڏهن تہ راڻي رتن سنگهه کيس وزير مقرر ڪري رکيو هو. اي ڏيسل رائوڙ توکي جس هجي.)

**گهوڙي چڙهہ ڏي گهومرا راجس ڪرتو راڻ**
**.سولي چڙتان رتن سنگهه پمنگي تجيو پراڻ**

( گهوڙيءَ قلعي جي ديوارن تي چڙهڻ لاءِ ڦيرا ڏيندي رهي. ڏسندي رهي تہ اهو راڻو ڪٿي آهي جيڪو هتي راج ڪندو هو. رتن سنگهه جي ڦاهي چڙهڻ کان پوءِ گهوڙيءَ ڦٽڪي ڦٽڪي مري ويئي.)

رتن سنگهه جي مارجڻ کان پوءِ سندس گهوڙيءَ کي سرڪار نيلام ڪئي جيڪا هڪ سوناري خريد ڪئي. سوناري گهوڙيءَ جي جام خدمت چاڪري ڪئي پر گهوڙيءَ رتن سنگهه جو منهن ڏسڻ بنا ان پاڻي نہ کائيندي هُئي. نيٺ هڪڙي ڏينهن اڳياڙيون پوياڙيون ٽوڙي اُجايل ٻُڪايل امرڪوٽ واري قلعي جي ديوارن سان مٿو هڻي هڻي ڦٽڪي ڦڪي مري ويئي. گهوڙيءَ جي سُنبن جا نشان اڄ بہ امرڪوٽ واري قلعي ۾ نمايان نظر اچن ٿا. چون ٿا تہ سندس ساٿي پڳوجي سنگراسي کي ڪاري پاڻي(اندمان ڪوبر جا جهنگليءَ ٻيٽ) واري سزا ڏني ويئي...!!

***

# ٺيلات راڻسنگهه سوڍو

هُو جيڪو نہ رڳو صاحبِ اقبال آهي پر صاحبِ جمال بہ آهي. هُو هن وطن جي تَن تي هڪ اهڙو وفا جو تمغو آهي جنهن کي تاريخ صدين تائين سيني تي سجائي رکندي .هو هڪ اهڙو سور وير سوڍو آهي جنهن جي ساراهہ هن واريءَ جو ڪڻ ڪڻ ڪري ٿو .هُو جيڪو نبَن سوڍن جو ٺيلي ڏٺي ٺيلات آهي. هُو جنهن جي هر حڪم کي لبيڪ چئي نہ رڳو نبا هن تان نثار ٿين ٿا پر هر سوڍو هن جو وڏو آدر ڪري ٿو. هُو جنهن جي ڏرا ڏيئي ويل اکين جي ڪينجهر ۾ هن وطن سان ولا جو نير اڄ بہ انڇر آهي .هُو جنهن جي خاڪي پوٺئي جي ور ور ۾ هن ٿر ديس سان دل لڳيءَ جا ڪيئي دليل ويڙهيل آهن. هن جي سفيد شهپرن جي وار وار ۾ رجپوتيءَ جا ڪيئي سِڏانت ونگيل آهن. هُن وٽ ايتري پونجي هُئي جو هُو چاهي ها تہ اڄ هندستان جي ڪنهن ميٽروپوليٽن شهر ۾ حوا محل نهرائي حياتيءَ جا باقي ڏينهن پڳوان جي مالا جپي گُذاري ها پر هن ائين نہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ هن جي من ۾ وطن جي مٽيءَ مروي وانگي مهڪي رهي هُئي. هُن پنهنجي ڏاڏا شري محبت سنگهہ جي گواڙي مٺو اڪيراڄ جي سيمن کي سُڃو ڪرڻ نٿي چاهيو. هُن نہ ٿي چاهيو تہ ڪو سياڻي اڇي اهو چوي تہ محبت سنگهہ جو پوٽو راڻسنگهہ ٺيلات هن وطن کي ٽِڪو ڏيئي ويو آهي .

وطن قرباني گهرندا آهن ۽ هُن وڏي قرباني ڏيئي هن وطن جو قرض لاٿو آهي .پنهنجي ماتا جي ٿڃ جو صحيح حق ادا ڪيو آهي. هن پنهنجي سموري پريوار جو تياڳ ڪري وطن کي ترجيح ڏني. هن جو سڄو ڪٽنب هندستان ويو هليو پر هُو نہ ويو .هُن کي اڪيلو ڇڏي ويا پر هُواج بہ پنهنجو پاڻ کي اڪيلو نہ ٿو سمجهي. هُو چوي ٿو تہ مون سان سمورو وطن گڏ آهي ۽ جنهن سان وطن گڏ هوندو آهي ان کي وقت جي ڪا بہ يوڪنپ لوڏي نہ ٿي سگهي. وطن کان بنان ماڻهون بي پاڙي ول جيان هوندو آهي .

هُو حياتيءَ جو باقي حصو جيئڻ چاهي ٿو هن ڌرتيءَ جي دل ۾..هُو مرڻ چاهي ٿو هن مٽيءَ ۾. هُو هر هر جنم وٺڻ چاهي ٿو هن جند جهڙي سنڌ ۾. هُو چاهي ٿو تہ هن جون هڏيون هن ڌرتيءَ ۾ دفن ٿي ڪا شانتيءَ پراپت ڪن. هُن کي جڏهن سندس اڪيلي پُٽ حاڪم سنگهہ حُڪم ڪندي چيو تہ ”باپُوجي هلو هندستان هلون“ تڏهن هُن هڪڙو ٺڏو ساهہ کڻي، اڇين مُڇن کي تاوَ ڏيئي چيو”ڏکرا منهنجو تہ هاڻ جيئڻ مرڻ هن مروسٽل ملڪ سان آهي“

ائين چئي هُو هڪ ٽُبي ۾ پئجي ويو. شايد سوچي رهيو هو تہ ڪيئن ڇڏيان اُهو وطن جنهن جي ڌرتي ۾ منهنجي ڄائي جون جرون دفن ٿيل آهن. ڪيئن ڇڏيان اُنهن مساڻن جي مٽيءَ جن ۾ منهنجي وڏن جا جسدِ خاڪي اگني سنسڪار ٿيل آهن. ڪيئن ڇڏيان اُنهن سيمن ۽ سيڙهن کي جن جي وڻ وڻ ۾ منهنجي روح جو ريشمي ڌاڳو وچڙيل آهي. آئون ڪيئن ڇنيان اُنهن رڪين سان رشتا جيڪي اڄ بہ مون کي پنهنجو داتا ڪري مڃن ٿا. آئون اُنهن ارڙنهن يجمانن کي اڪيلو ڪيئن ڇڏي وڃان جن جون آسون منهنجي وجود سان وابستہ آهن ڇاڪاڻ تہ آئون ست راجي سماج جي سونپيل سنگهاسن تي براجمان سوڍو آهيان. آئون ويندس تہ منهنجي ڪونڙي سُڃي ٿي ويندي، اُها رتل رهاڻ ڦٽي ويندي جنهن ۾ امل ڪسونبا ڪري سينگوڙن جي سنڪي سان ڪار پنيٽا ڪيا ويندا آهن. جنهن رهاڻ جي رس ۾ چارڻ ڪوين جي ڳُٿيل ڏوهن سان منگتا راجپوتن جي ريتن کي رنگ ڏيندا آهن.

**امليان اُڏ مليان سيٽي هندا سيڻ**
**تجھ بن گھڙي نہ چين آوي ولکا لاگين نيڻ**

آئون ڪيئن وساريان اُنهن چارين کي جن جي تارين کي آنبليو ڪندي توڙيو هو. ڀلا ڪيئن ڀُلايان منهنجي ڳوٺ جي اُنهن ڀِٽُن کي جن جي چوٽين تي چڙهي ڦُوھ جواني ۾ بانسري وڄائيندي ڪيئي گوپيون دل جي ساهيوال ۾ قيد ڪيون هيون. آئون ڪيئن وساريان اُن طائوس جي تنوار جنهن جي پُڪار تي سَحاب سر جهُڪائي پنهنجا شاور کولي ڇڏيندا آهن. آئون چو ڇڏي وڃان منهنجون سوئيڪڙو ٻنيون جن جي سيڙهن تي چرندڙ ڀِتارين جي ڳچين ۾ وڄندڙ چنگن ۽ چڙن سان گڏ منهنجي دل وڄي ٿي. آئون جي هتان لڏي وڃان ٿو تہ منهنجي ڏرا لڄي ٿي. آئون سڀ ڪجھ ڪري سگهان ٿو پر ڏرا لڄائي نہ ٿو سگهان ڇاڪاڻ تہ هُوءَ منهنجي ماءُ آهي ۽ ماءُ کي پُٺ ڪڍهن بہ لڄائيندو ناهي.

سوڍن جي سوروير تاھ کي سچي دل سان ساراهيندڙ ڪوي شڪتيڏان ڪويا پنهنجي شاهڪار تخليق ”ڏرا سُرنگي ڍاٽ“ ۾ نبن سوڍن جي ٽيلات ڪُل جي شان ۽ مان کي هن ريت بيان ڪيو آهي.

**سوڍو محبت وچن سِڌ سُت پوپت سُپياڻ**
**سلام ڪوٽ نَبان سري جالم هر گهڻ جاڻ**

(وچن پاريندڙ مُحبت سنگھ سوڍو پوپت سنگھ جو سُپاتر آهي. اسلام ڪوٽ نبن جي نالي سان سُڃاتو وڃي ٿو. جالم سنگھ جي هر ماڻهون وٽ پنهنجي ڇاپ آهي.)

**محبت سُت ڇهنو مُدي پانچ پُتر تڻ پيک**
**سوڍو ٽيلات سُپت ٻلونت نبا وسيک**

(محبت سنگھ جا پنج پُٽ آهن انهن ۾ مويءَ ڇهنسنگھ
آهي جنهن جي پنهنجي ڏيٽ ويٽ آهي.اهو ئي ٽيلات
آهي.نبن جي ڳُل جو ننگ رکندڙ آهي.)

ڪنهن وقت ۾ ٿر جي هڪ وڏي حصي تي نبن سوڍن جي حُڪمراني هُئي جنهن کي ”نبڪيءَ“ چوندا هئا.اسلام ڪوٽ کان وٺي ڪيرٽي تائين نبن جو ”جالنگ“ هلندو هو.نبن ۾ جالم سنگھ، اڻندسنگھ ۽ محبت سنگھ تمام سپوٽ ٿي گُذريا آهن.انهي نبڪي رجواڙي بابت مڪمل معلومات ڏيندي ڪڪراڙئي جي معزز شخص ماستر منگل سنگھ ورڻ ٻُڌايو تہ ” ننڍو ڪنڍ انگريزن جي قبضي کان اڳ ننڍين ننڍين رياستن ۽ رجواڙن ۾ ورهايل هو جن کي انگريز سرڪار اصل رياستن جي والين کي جاگيرن طور واپس ڏيئي صلح ڪيو هو.اهي رجواڙا ۽ رياستون آگسٽ **1947**ع تائين قائم رهيا ۽ پوءِ پاڪستان يا ڀارت ۾ ضم ڪيا ويا. انهن رجواڙن مان ٿر جو هڪ قديم رجواڙو" نبڪي" بہ هو جيڪو نبن سوڍن جو مشهور رجواڙو هو.اهو رجواڙو هاٽوڪي اسلام ڪوٽ تعلقي ۽ مٺي تعلقي جي ڪجھ اوڀر وارن ڳوٺن تي مشتمل هو.گوڏيار، ويساسر، رنگيلو ڏوڙيو، اڪيراج "مٺو" ساڪريو سلام ڪوٽ، ڪيرٽي ۽ ڀاڏاري وغيره نبڪي جا اهم ڳوٺ آهن جتي هن وقت پڻ نبا سوڍا آباد آهن. بزرگن جي بقول نبڪي جي راجا جئہ سنگھ جي وفات کانپوءِ ڀائرن ۾ پڳ تي اندروني اختلاف برپا ٿيا، اڪيراج جي وڏي ڀاءُ جو مبهم موت ٿيڻ کانپوءِ سندس ماتا اڪيراج کي پنهنجن مائٽن ۾ واگڙ ديس وٺي وڃي اتي رهڻ لڳي. ڪيترائي سال گذري وڃڻ کان پوءِ جڏهن اڪيراج پور جوان ٿيو تڏهن ڪجھ وفادار برادري جي مکيہ ماڻهن اڪيراج کي واپس آڻي پڳ ٻڌائڻ جو ويچار ڪري درويش پاتوجي جاڳو "هريار " وٽ اڪيراج جي فتح لاءِ دعا خاطر پهتا جيڪو مالهڻ ديوي ماتا جو شواڏاري هو. جيڪو هاٽوڪي لالڻ فقير وانگر مشهور هو. درويش جي پڇڻ تي ٻڌايائون تہ دعا ڪريو تہ اڪيراج واپس اچي ۽ نبڪي جو راڻو ٿئي.

درويش راضي ٿي آشيرواد ڏني تہ اکيراج ديوي مالهڻ ماتا جي ڪرپا سان ست پيڙهيون نبڪي تي راج ڪندو. هتي اکيراج کي خواب ۾ ازغيبي آواز آيو تہ واپس وڃي نبڪي جو راڻو ٿي. انهي آڪاش واڻي آڌار اکيراج پنهنجي ماتا سان اها حقيقت ڪري واپس وطن موٽي آيو. واقعي درويش جي دعا ۽ ديوي مالهڻ جي ديا سان ست پيڙهيون راج ڪيائون ۽ ستون ٽيلات راڻسنگهه آهي جيڪو هن وقت پڻ پنهنجي رجواڙي جو ٽيلات ۽ اکيراج ڳوٺ ۾ آهي.هڪ درويش صفت ۽ هردلعزيز ماڻهو آهي. نبڪي جا فيصلا MPA, MNA نہ ڪري سگهيا اُهي هن بزرگ حل ڪري ڏرين کي کير کنڊ ڪيو جنهن جو مثال ٻاراڇ جو تڪرار اسان سيني جي سامهون آهي، اها آهي دعا جي ڪرامت.

پيڙهين جو شجرو هن ريت آهي. راڻسنگهه ولد ڇهن سنگهه ولد محبت سنگهه ولد ڀوپت سنگهه ولد جالم سنگهه ولد مهاسنگهه ولد اکيراج سنگهه“.

راڻسنگهه هن وقت پنهنجي اباڻي ڳوٺ مئو اکيراج ۾ رهي ٿو. پنهنجي ٻنين جي سار سنڀال پاڻ ڪري ٿو. سندس موروثي هارين جي هٿ جي پڇاڙل ماني کائي ٿو. پريوار جي جُدائي هن کي جهوريو ضرور آهي پر ڏرتيءَ سان اٽُوٽ پريم ڀاونا جي ڪري غمگين هوندي بہ ڏاڍو خوش آهي. راج ڀاڳ ۾ وڃي ماڻهن جا فيصلا بہ ڪري ٿو. هُو راجپوتن جي روايتي شان امل ڪسونبي جو بہ عادي آهي تہ دارون کي درپن ڪندي ساجن صحيح سُڃاڻڻ واري روايت کي بہ برقرار رکيو اچي. خاڪي پٽڪي ۽ اڇي تريٽي وارو لباس پائي ٿو. هر سُڀرڀي پرب تي پنهنجي اوطاري ۾ رهاڻ رچائي پنهنجي شاندار ريتن کي قائم رکيو اچي. دل جو صفا ڏاتار آهي. آيل جو آدر ڪرڻ هن جي سُگهڙي عادت آهي. وطن کي پنهنجو پريوار سمجهي اُن جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشيءَ سمجهي ٿو. هُن کي خوش ڏسي سنڌ هر وقت سرهي ٿئي ٿي.

***

# پير لڌُو سنگھ سوڍو

هُو جيڪو ڪُتاني جو ڪُل ديپڪ هو. جنهن جي عقل جا ڏيئا اڄ به پيڙهي در پيڙهي ذهنن کي منور ڪندا اچن. هُو جيڪو ڪڏهن نه رنج ٿيو نه ڪنهن کي رنج ٿيڻ ڏنو .هُو جيڪو پير پٿوري جو پُهتل پنڌرهون گادي نشين هو. جنهن جي چهري تي بيٺل چانپوئي ڏاڙهي درويشي جي ديد پسائيندي هُئي. سدائين هرک جهڙي سفيد لباس ۾ ملبوس هي مها پُرش اڇي پٽڪي ۽ تريٽي سان راجپوتي ريتن کي سچي چمار برقرار رکندو آيو. نيڪ دل ۽ منصف مزاج جو مالڪ هئڻ ڪري سوڍڪي سماج ۾ انتهائي سُرخرو رهيو.

پير لڌو سنگھ ۾ پيراڻا پرڪار پري ڪان پرکندي نظر ايندا هُئا. هُو مرشد پير پٿوري جي ڏسيل مارڳ تي هلندي سموري عمر سِڌ پُرش ٿي رهيو. هُو اهو نيڪ نامي مها پُرش هو جنهن ڪڏهن ويرين سان به وير نه رکيو. انسانيت جي اُتم گڻن سان ڀريل هن املھ ماڻهون جو ڪو مَٽ ئي نه هو. هر ويل منهن تي مُرڪ سجائي هلڻ هن جو لاکيڻو لڇڻ هو. هُو ڪچهرين جو ڪوڏيو هو.

هُو هن دور جو اُهو درويش صفت انسان هو جنهن جي اڇي ڪبوتر جهڙي اُجري دل کي ڪو ڪپھ جهڙي ڪنئوري من جو مالڪ ئي سمجهي سگهيو ٿي. هُو ڪنهن ٻالا ڀولي ٻالڪ جي ڳالھ تي به اک ٻوري اعتبار ڪندڙ اهو ڀورڙو ماڻهون هو جنهن سان وقت وڏيون ڀورايون ڪندو رهيو. هُو غريبن جي اکين ۾ مري ويل اڌورن سپنن کي غور سان ڏسندي ڪيئي ڀيرا

پُريو بہ هو. هُو تہ پکين کي پياسا ڏسي پنهنجي اُڃ وساري انهن لئہ سوچيندو هو. هُو تہ ڪنهن معصوم ٻار جي ميلي ۾ رهجي ويل اڌوري حسرت تي بہ اڌ ٿي پوندو هو. هُو حق ۽ سچ تي هلندي هن ساڙولي سماج ۾ هر وقت سرخرو رهيو.

هن جي من ۾ ڪنهن لئہ بہ منڌي نہ هُئي. هُو هر هڪ لئہ هڪجهڙو هو. هُو تہ صاف شفاف چشمي جهڙو چٽو ماڻهون هو. سڄو ڏينهن ٻين جا عيب ڳوليندڙ هن ايبنارمل سماج جي سينوريل سسٽم ۾ رهندي بہ هُو نيل ڪنول جي گُل وانگي نيارو ۽ پاڻي وانگي پويتر رهيو.

هُو ڪُتاني جي ڳوٺ جو اُهو ڪُلديپ هو جنهن جي سُهائي ۾ سامروٽي هر وقت ٽيڙو وانگي ٽڙي هُئي. هُو عقل جي آڪاش ۾ چمڪندڙ اُهو درو تارو هو جيڪو ماڻهون کي دلربائي ۽ ديداوري جا ڏگ ڏسيندو هو. ڪانب ڪڏي اڌ اڌ رات تائين اوطارن ۾ سچ جو مچ مچائيندڙ ڪچهرين جو ڪوڏيو پنهنجي هشاش بشاش حياتيءَ جي گج کي ٿڪن ۾ ٽانڪي آبشارن جهڙي الوڪ ٻٽائي چڙهيندو هو. هُو جيڪو دوستيءَ جي ڏاڳي ۾ پوئجڻ کان پوءَ "ڇنڻ مُور نہ سکيا"واري سٽ تي سڄي عمر عمل پيرا رهڻ جو هُنر هيڪاندو ڄاڻيندو هو. هُو جيڪو هميشہ هڪ ئي رنگ ۾ رهڻ خُوب ڄاڻيندو هو. پري ۾ هُوندو هو يا ياڪر ۾ پر سدائين سرهو نظر ايندو هو. ڪڏهن بہ سندس منهن جي مرڪ ميري نہ ٿي هُئي. پر سندس مويءَ پُٽ جو وڇوڙو هن جي مقدر ۾ اڻ دعوتي اتٿي وانگي اچي ويو. جنهن هن جي ڏياونت ڏيل کي جهُرئي ڏونگر وانگي جهوري وڌو. پُٽ جي جُدائي جي پيڙا ۾ پل پل پڇري هُو گهڻو وقت زنده نہ رهيو. ٿُرت ئي ابدي سفر ڏي روانو ٿي ويو. سندس مويي پُٽ جي اچانڪ موت کان پوءِ هوُ فقط نو مهينا زنده رهي سگهيو. هُو پنهنجي پُٽ سان بي انتها محبت ڪندو هو. ائين لڳندو ڄڻ انهن ٻنهي ۾ ساهُ هڪڙو ئي هجي. ڄڻ هڪڙي ئي دل جي ڌڙڪن تي ٻئي هلندا هئا. هڪ ٻئي جو جيستائين منهن نہ ڏسندا هئا تيستائين انهن کي ماني ڪونہ وڻندي هُئي. مالڪ جي قدرت سان سرگواسي جي مرتيو وقت پير لڌو سنگھ

گهر ۾ موجود نه هو. پر واري ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪم سان ويل هو. رام سنگهه جي فوتگي جو اطلاع ڏيڻ لئه اُتي جڏهن ڪنهن ٻُڌايو ته توهان جي پُٽ رام سنگهه جي طبيعت ٺيڪ ناهي هلو ڪُتاني. تڏهن هن دورانديش درويش دل انسان جا آنڊا ساري ويا ته ٻڳلا اُڏري ويا آهن. تڏو ساهه پري هن صرف ايترو چيو ته ”مالڪ جي شيءِ مالڪ وٺي ويو.“ منهنجي والد صاحب ماستر ڪاروجي وجاٽي سان پير لڏو سنگهه جي تمام گهٽي شناسائي هوندي هُئي. هڪڙي پيري بابا پير صاحب کي چيو ته ”پاڳارا ڏيو خبر پير پٿوري جي هاٿوڪي ماڙيءَ مان اڳوٽو ساءُ نه ٿو اچي. جيڪو پُراٽي ماڙيءَ مان اڏيُت چمتڪاريءَ احساس ايندو هو.“ تڏهن پير صاحب لڏو سنگهه مُرڪندي وراٽيو ته ” او سنچا اي گڙي گيا او لڏي گيا لوهار“

ڪامل درويش پير پٿوري جو پندرهون گادي نشين پير لڏُو سنگهه ولد مها سنگهه صاحب تاريخ **12** جنوري **2012**ع تي پرلوڪ پڌاري ويو. جنهن جي ڪريا ڪرم کان پوءِ تاريخ **23** جنوري **2012**ع جو شام ڇهه بجي سندس لاڏلي پوٽي پير ڪانجي سنگهه ولد رام سنگهه کي سورهين گادي نشين طور چانديءَ جو تاج پارائي، پير پٿوري جي گودڙي واري ڪاري لوئي ڪلهن تي وجهي پاڳارو مقرر ڪيو ويو. هن جشن تاج پوشي ۾ سوڍڪاريءَ سميت سمورو راج گڏ ٿيو هو. موجوده گادي نشين پير پٿورو پاڳارو ڪانجي سنگهه پير تمام اصول پرست، سادي طبيعت، نيڪ دل، بردبار ۽ راجپوتيءَ گڻن سان سرشار آهي. ننڍڙيءَ وهي ۾ وڏي ذميواري ملڻ کان پوءِ هُن ان ذميواري کي خوب نڀايو آهي.پير ڪانجي سنگهه ڳوٺ رڙيارو رانوڙ مان ماستر لڏُو سنگهه رانوڙجي گهران شادي ڪئي آهي.

پير لڏو سنگهه کي اولاد ۾ ٻه پُٽ ٿيا.پير رام سنگهه ۽ پير صوپراج سنگهه .پير رام سنگهه پيشي جي لحاظ سان ماستر هو. جيڪو حاضر سروس دؤران هارٽ اٽيڪ ۾ تاريخ **16** اپريل **2011**ع تي ڇنڇر جي ڏينهن صبح سوير گُذاري ويو.سدائين منهن تي مُرڪ سجائي هلندڙ پير رام سنگهه وڏو ڀڳتي ڳائڪ ٻه هو. سندس آواز ۾ وڏو سوز سمايل هو. ڪنول جي گُل

جهڙو هي مهان ماڻهون وقت کان اڳ وڇڙي ويو. رام سنگھ کي اولاد ۾ ڇهه پُٽ آهن. پير ڪانجي سنگھ (موجوده گادي نشين پير پٿورو) ارجڻ سنگھ، اندر سنگھ، دليپ سنگھ، لڇمڻ سنگھ، نارائڻ سنگھ. هي سڀ پنهنجو ڪاربار هلائن ٿا. پير لڌُو سنگھ جو ٻيو پُٽ پير صوڀراج سنگھ ڪاروبار سان وابستہ آهي. صوڀراج سنگھ جا پنج پُٽ آهن. ڪيسر سنگھ، کيت سنگھ، کانجي سنگھ، سميڙ سنگھ، اُوگم سنگھ. ڪيسر سنگھ ڏيپلو شهر ۾ ڪاروبار هلائي ٿو. تمام پيارو ماڻهون آهي. حق ۽ سچ تي هلندڙ آهي. ڪوڙ ۽ ڪُپت جي سخت خلاف آهي. دوستن لئہ سر ڏيندڙ سوڍو آهي. کيت سنگھ مادر علمي سنڌ ۾ شوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ۾ گريجوئيٽ ڪري رهيو آهي.هي الفُقرا ۽ يار ويس ماڻهون آهي. هن جو تہ هئين ڪو مُلھ ئي ناهي. خانجي پڙهيو لکيو ۽ ادب ذوق ماڻهون آهي. سميڙ سنگھ ڏيپلو ۾ دڪان داري ڪري ٿو. اُگم سنگھ زير تعليم آهي. پير لڌو سنگھ جو سمورو پريوار سورهو سُکي آهي. مهمان نوازي هنن جي رت ۾ شامل آهي. اڱڻ آيل جي عزت ڪرڻ تہ ڪو هنن کُتاني جي پيرن وٽان سکي.مهمان جي لئہ نيڻ وڇائي دلي آدر ڪرڻ هنن جو اهڃاڻ آهي.

***

# ڪينئراج سنگھه سوڍو

هُو جيڪو صدين جو سونهون هو، هن جي مهمت وجود جي واسنا سان هي وطن ڪنهن دؤر ۾ ڪٿوريءَ جئين ڪِليل هو. هُو جيڪو نرو سوڍو هو. سوڍا جيڪي هن ڌرتيءَ جا نہ رڳو حاڪم هئا پر ٻانهن ٻيلي بہ هئا. سوڍا جن لئہ خالد ڪنيار جهڙي ڪاهوڙي ليکڪ چيو آهي تہ "ٿر جون ٻٽون سوڍن کان سواءِ سڃيون آهن" اهڙن ڌرتيءَ جي ڌنش ڌاري سوڍن جي ڇتيھ ڪُلن ۾ هڪڙو ڪُل نَرا سوڍا بہ آهي. انهن نَرن سوڍن جي ڪُل ديپڪ پرتاب سنگھه سوڍي جي پيڙهي ۾ هڪ اهڙو ڪُڙڪپيتو ڪڙيو هو جنهن جي سُهائي سموري سماج لئہ سهانو سنديسو ثابت ٿي. اهو پرتاب جنهن جي باري ۾ ڪوي شڪتيڏان ڪويا پنهنجي شهر آفاق تصنيف "ڌرا سُرنگي ڍاٽ" ۾ بيان ڪيو آهي تہ:

نرا ونس ۾ نُور هو پهہ سوڍا پرتاب
قرب ڏيو ڪويراج ني سو ڌجراج سماپ

(نرن سوڍن ۾ نُور جهڙو بادشاهہ پرتاب سنگھه پيدا ٿيو هو جنهن چارڻن، شاعرن، ڀاٽن ۽ ڀانن کي تمام گھڻو ڪُرب (دان ڪرڻ جو قائدو) ڏنو.)

هُو جيڪو نَرن سوڍن جي پيڙهين پُراڻي سوڍڪي سڄ ڌڄ جو اهڙو ڪُنڍو نَڪ هو جنهن جي سونهن صدين تائين صحرا ٿر جي ناموس ۽ ننگ

کي ڪوهہ ڪارونجهر جئين بلند و بالا رکندي. هُو جيڪو تيجوان ٽُري جي رڪاب ۾ پير وجهي جڏهن ڪنجڪ کي ڪشي مٺي جي مور بازار مان لنگهندو هو تڏهن هن جي پٺڪي جي چُڳي جي لوڏ ڏسي هر ماڻهون هٿ ٻڌي منجرو ڪندو هو. هن جي سورهيائي، سچائي، سونهن ۽ اَڪابري کي اڄ بہ هن وطن جو وڻ وڻ ياد ڪري ٿو.

هُو جيڪو نہ رڳو نَرن جو ننگ هو پر هُو هر ان سوڍي جو شان هو جنهن جي دل جي ديس ۾ مٽيءَ جو مان مڙني پڌارٿن کان مٿي هو. هُو هر ان ماڻهون لئہ مهان هو جنهن جي اندر ۾ ديسَ جي مريادا سيني کان سياويڪ هئي. هُو ڪاري مٽي وارو اهڙو سفيد ماڻسيو هو جنهن جي رڳ رڳ ۾ رجپوتيءَ رت وانگي شامل هئي. هُو راڄ ڀاڳ جو پرجهلو ٿيندڙ اهڙو رحمدل راجپوت هو جنهن جي دياوان دل ۾ هر هيٺي لاءِ همدردي هر گهڙي موجود هئي. هُن نياڪاريءَ جي نيت ۾ ڪا بہ کوٽ نہ هُئي.

هُو انهن اصول پرست راجپوتن مان هڪ هو جن جي باري ۾ ڪارونجهر جي عاشق مقيم ڪنيار چيو هو تہ ”راجپوت واسطا ۽ وڙ وساريندا ناهن. دوستيون ۽ دُشمنيون سيني ۾ ست پيڙهيون زباني وسيعت تحت نيائيندا آهن“.

هُو هن دڙن سندي ديس جو اهڙو رکوالو هو جنهن جي سوچ ۾ پيڙهين پُراڻين پرمپرائن کي پارڻ کان وٺي جديد ريتن کي ترويج ۾ آڻڻ تائين جو شعور سمايل هو. هُو نہ رڳو پٺڪي جي پت رکڻ ڄاڻيندو هو پر لانگوٽن جي لڄ جو بہ ڳُلن کان مٿي قدردان هو. هُو هڪ اهڙو ستوادي سوڍو هو جنهن جي ڏيهي ۾ شتريہ سماج جا سيئي ڳُڻ سمايل هُئا. هُو هن اکن جي ديس جو اهڙو اڪابر انسان هو جنهن جي اندر جي مندر ۾ عقل جو اکنڊ جوت ڏينهن رات روشن هو.

هڪڙي چونٺري، هڪڙي بندوق ۽ هڪڙي گهوڙي سان سڄي ٿر تي پنهنجي حُڪمراني جو سڪو ڄمائيندڙ اُن مردم شناس مرد جو اسم گرامي آهي کينئراج سنگهہ سوڍو!..

ڪينئراج سنگهه ولد راوتسنگهه سوڍو پيشي جي لحاظ سان پوليس ڪانسيٽيبل هو .سندس ڊيوٽي نئون ڪوٽ ناڪي تي هُئي. ان وقت ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڪٽڪ تي بندش هُئي. صرف راشن تي مقرر ٿيل مقدار ۾ ملندي هُئي. هڪ دفعي پيپل لاهيارن جو جَٿو ڪٽڪ جو لابارو ڪري بئراج مان واپس وريو هو. گڏهن جي قطار ڪٽڪ جي ڪٽن سان ڀريل هُئي. ڪينئراج سنگهه سوڍي تپاس دؤران ڪٽڪ جا ڀريل ڪٽا ڏٺا جيڪي پورهيت غير قانوني ڪٽي وڃي رهيا هُئا. اُنهن پورهيتن سان گڏ انهن جا معصوم ٻچا ۽ عورتون بہ هيون. سوڍي جي دل ۾ ديا جو درياءَ پلٽي پيو. ڪينئراج سنگهه ڏٺو تہ هي معصوم لاهيارا پنهنجي حق حلال جي ڪمائي ڪٽي وڃي رهيا آهن انهن کي روڪي کهڙو محصول وصول ڪيان.؟ سوچي سوچي انهن کي اجازت ڏيئي ڇڏيائين. اها خبر جڏهن سندس بالا آفيسر کي پيئي تڏهن هڪدم هن سوڍي کي حاضر ٿيڻ جو حُڪم ڏنائين. سوڍو ڪينئراج بنان ڪنهن ڪُتڪي جي ايس پي اڳيان حاضر ٿيو. ايس پي سبب پڇيو تہ ڪٽڪ ڪٽي اچڻ جي ڇو ڇوٽ ڏني.؟ تڏهن ڏرتيءَ جي هن سپوت وارٽيو تہ ” بُک قانون ناهي سمجهندي، مون کان انهن جي بُک ڏٺي نہ ٿي“ ائين چئي پنهنجو پوليس وارو پٽو ۽ لٺ ايس پي جي ٽيبل تي رکي ڇيائين تہ مون کي نہ کپي اهڙي نوڪري جيڪا غريبن جي ارمانن جو قتل ڪري، ايس پي صاحب هن سوڍي جي بهادريءَ ۽ ديا دليءَ تي نہ رڳو حيرت ۾ پيو پر فدا ٿي ويو. اهڙي ريت ڪينئراج سنگهه اها نوڪري ڇڏي عوام جي خدمت ڪارڻ باقاعده سياست ۾ پير پاتو ۽ ڪيئي ڀيرا ضلعي ڪائونسل جو ميمبر رهيو ۽ هڪ ڀيرو ضلع ٿرپارڪر (سانگهڙ، عمرڪوٽ، ميرپورخاص) جو وائيس چئرمين بہ ٿيو.

ڪينئراج سنگهه سوڍي جي باري ۾ چون ٿا تہ هُو وڏو ذهين ماڻهون هو. هن کي ٿر جي ماڻهن جي پيڙهياتي جاڻ هُئي. اڳي جڏهن لائوڊ اسپيڪر جو دؤر نہ هو تڏهن شادين ۾ نيئنڊ جو هوڪو ڏيارڻ لئہ ماڻهون مخصوص ٿيل هوندا هئا. اهي تمام طاقتور آواز جا مالڪ ۽ وڏي ذهين ۽ جاڻ پهچاڻ وارا

هوندا هئا. ڪينئراج سنگهہ بہ اهڙن ماڻهن مان هڪ هو. نيئنڌ لڪائڻ مهل ماڻهون رڳو پنهنجو نالو ٻڌائيندو هو تہ ڪينئراج سنگهہ ان جي پيءُ جو نالو ۽ ڳوٺ پاڻهي ٻڌائيندو هو ايڏو وڏو ڄاڻون هو. ان ڪان سواءِ هُو وڏو گهوڙا پُري بہ هو. سئو گهوڙن مان پلو گهوڙو پرکي وٺندو هو. گهوڙن جو هر گُڻ سمجهندو هو. ائين چئجي تہ بہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هُو ”اَشوَ ديوتا“ هو.

ڪينئراج سنگهہ سوڍي جهڙا سپوٽ ماڻهون صدين جون سوڪڙيون هوندا آهن. اهي ڪنهن اهڙي وڄا واري ويلا جا امر ڦل هوندا آهن جنهن ۾ رب جي رحمت وڏ ڦُڙي جيان وسندي آهي. اهڙن منشن جو اُتپن ٿيڻ سماجن لئہ شُڀ سماچار هوندو آهن ڇاڪاڻ تہ اهي معاشري لئہ شُڀ چنتت هوندا آهن. اهڙا مٽيادار ماڻهون ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪٿي پيدا ٿيندا آهن. اهڙا ماڻهون ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ مثل هوندا آهن .اهڙن ماڻهن جي چِتر ڇايا ۾ انسان جي ڪايا ئي پلٽجي ويندي آهي.

ڪينئراج سنگهہ سوڍي جي باري ۾ راوي روايت ڪن ٿا تہ ٿر جي هڪ ڳوٺ جي هڪ ٺاڪر سردار کي ڪنهن طعنو ڏنو تہ اهڙو جيڪڏهن مهمانواز آهين تہ ڪينئراج سنگهہ سوڍي جي مهماني ڪري ڏيکار تہ مڃون. چوندا آهن تہ راجپوت کي مهڻو ماري وجهندو آهي. سو ان راجپوت مهڻي کي من ۾ رکي ڪينئراج سنگهہ کي مدعو ڪيو. ڪينئراج سنگهہ سندس دعوت قبولي هن جي اوطاري پهتا. جڏهن ماني کارائڻ جو وقت آيو تڏهن اُهو ٺاڪر ٻئي هٿ آسمان ڏي اُڀا ڪري پُڪارڻ لڳو تہ ”هي پرماتما اڄ اسان جي پت رکجانءِ“ هُن جي خيال ۾ اهو هو تہ ڪينئراج سنگهہ وڏو ماڻهون آهي سو بہ ٿي مڻ ماني کائيندو. هُن بہ مڻ ٻاجهر جو اٽو پيهايو ۽ بيو ان پيهڻ لئہ ڳوٺ جي عورتن کي گهرٽين حوالي ڪيو. ماني پچائڻ واري رڌڻي کان وٺي دسترخوان واري ڇَني تائين ڳوٺ جي نوجوان ڇوڪرن کي هڪ قطار ٺاهي بيهاريائين تہ جيئن تئي مان مانيءَ نڪري تيئن هٿو هٿ ڪينئراج سنگهہ واري دسترخوان تي پهچي. ڪٿي ماني ۾ رنڊڪ نہ اچي. ڪينئراج سنگهہ سوڍي کي پوجن جيمڻ لئہ سڏ ڪيو ويو جڏهن سوڍي ماني جا ڊڙا ۽

ڇوڪرن جي قطار ڏني. تڏهن ان راجپوت پٽيل کي چيائين تہ ”هي کهڙي ماجرا آهي“؟ تڏهن اُن وراڻيو تہ ”ان ڳالهہ کي ڇڏيو اج اسان وٽ کينئراج سنگهہ سوڍو آيل آهي. بس ايشور پت رکي. “اهو ٻُڌي سوڍي کينئراج کان ٿهڪ نڪري ويو ۽ چيائين تہ” ڇريا تہ ناهيو. آئون انسان آهيان ڪو ڏيڱو تہ نہ آهيان جو ايترو کائيندس. اڌ لولو ٻاجهر جو ۽ ڏهي جو گلاس ڏيو تہ آجيڪار ڪيان.“

کينئراج سنگهہ سوڍي پهرين شادي ڳوٺ ٻارو جو تڙ جي ڏوهٽن مان ڪئي. جنهن مان کيس ٻن ڇوڪرين جو اولاد ٿيو. ٻئي ڇوڪريون هندستان ۾ پرڻايون. هڪڙي راجستان ۾ ۽ ٻي واگڙ ۾. کينئراج سنگهہ سندس پهرين گهر واريءَ جي گُذاري وڃڻ کان پوءِ ٻي شادي ڳوٺ هوٿيئر جي پٽين مان ڪئي جنهن مان کيس هڪ پُٽ لڇمڻ سنگهہ سوڍو آهي.

ڪنهن دؤر ۾ هن اُديوڳيءَ انسان جي هشاش بشاش حياتيءَ واري دهشت ۽ دٻدٻي گهٽن نام ڪنين نيتائن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون. هن جي حُڪم کان سواءِ مٺي ۾ ڪو بہ فيصلو نہ ٿيندو هو. هن جو عروج گهٽن جي زوال جو سبب بڻيو اها ڳالهہ گهٽن جي من ۾ ميخ وانگي چڀي ٿي سو انهن بدلي جي ٻاونا ۾ اچي ويساگهاتي ذريعي هن هيري جي هتيا ڪرائي ڇڏي. مٺي جي ماڻهن تي اک پُور اعتبار ڪندڙ هن با ضمير سوڍي کي آخرڪار **1963**ع ڌاري مٺي جي مهمان نوازي ئي مهانگي پيئي.

***

# دليپ سنگهہ سوڍو

هُو جيڪو جَر تي ڏيئي جهڙو خوبصورت هو. هُن جي للاٽ جي ويڪرائي ڏسي هڪ طبيب حيرت ۾ پئجي ويو هو. وڏو ماڻهون ٿيڻ هُن جي نصيب ۾ هو. هُو جيڪو ابهم وهي ۾ ئي وڏو ٿي هليو ويو. جنوري ۾ آيو ۽ جنوري ۾ هليو ويو. لطيف جي نانءُ کي بڙ جي گهاٽيءَ ڇانوَ سمجهندڙ هي رابيل روپ رونڪڙو ڏهيلا ڏار پکيڙي ڪو ڇانوَدار جهاڙ نہ بڻجي سگهيو. هُن جو جنم پهرين جنوري **1982**ع تي تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ آروکي ۾ رامسنگهہ سوڍي جي گهر ۾ ٿيو. رامسنگهہ سوڍو جيڪو نہ رڳو ٿر جو مشهور سياستدان هو پر راڄنيتيءَ جو بہ تمام ماهر هو. هُن جي هندستان وڃڻ کان پوءِ ٿر جي راجپوتي سماج ۾ راڄوٽيءَ سياست سماپت ٿي ويئي. دليپ سنگهہ سوڍي شروعاتي تعليم **K.G** اسڪول ڪراچي مان ورتي ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي مان حاصل ڪئي. ڪاليج مخدوم بلاول سائنس ڪاليج ٽنڊو محمد خان مان پاس ڪئي. ان کان پوءَ وڪالت جي ڊگري حاصل ڪرڻ لئہ پرڏيهہ پلاڻي ويو .هندستان جي شهر ڀُڄ ۾ قيام پذير هو. قدرت جو قهر ڪڙڪيو ۽ تاريخ ڇويهہ جنوري**2001** ع تي جمعي جي ڏينهن **8:27** منٽن تي انجار شهر مان اُٿيل زلزلي جي زد ۾ هنڌ سنڌ لُڏي ويون ۽ ڀُڄ جي شهر ۾ هي سنڌ جو ڏهڳُٽي ڏيئو گُل ٿي ويو .ڪارونجهر جي

ڇاتيءَ مان اوچنگار نڪتي، آروڪي اوسارا ڪڍي رُني. مارئي جو ماڳ سوڳ ۾ سراپجي ويو. ڪنهن راجڪماري جي جي للاٽ جي لالڙيءَ ڪري پيئي. ڪا چُوڙيءَ بنان ڇڻڪڻ جي سمهي پيئي. ڪا ڇير وڄڻ کان اڳ ڇني پيئي. ڪي ڳيچ ڳلن ۾ اٽڪي پيا. ڪا مينڌي رنگ ڇڏي ويئي . سوڍا! تو وڃڻ ۾ ايڏي جلدي ڇو ڪئي؟ توکي ته اڃان ادب جو طور سينهه سر ڪرڻو هو. توکي ڪنهن ڀيگهي تي ڀڪندڙ ڀاون وير ڀانهياريءَ جي لوڏ جهڙا اُهي لاڪيڻا نظم لکڻا هُئا جيڪي تنهنجي روح ۾ تڏهن رمندا هُئا جڏهن ڪنهن پنيءَ جي پنين تان آنچل اُڏار ڪري ڪو بادل ٻڌجندو هو. توکي ڪنهن نو ورنيءَ ناريءَ جي گهُور جهڙا اُهي غضبناڪ غزل به لکڻا هُئا جيڪي تنهنجي اکين ۾ تڏهن ترندا هُئا جڏهن ترائي ۾ ترندي ڪا جل پريءَ پنهنجي غزال اکين سان گهوري هوائن جا هوش اڏائيندي هُئي. توکي اڃان پئماني ۾ رهجي ويل ووڊڪا جي پڇاڙڪي پيگ جي خُمار جهڙو نشيلو نثر لکي گهڻن تي اثر ڇڏڻو هو. توکي "سوڍائڻ" جا صفحا سنڌي ۾ اُتاري سوڍن جي صحيح تاريخ سنڌورش ۾ متعارف ڪرائڻي هُئي. ڊِلُو تون ڪيڏو نه دُور انديش ماڻهون هُئين! ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ ائين چئي وئين ته "انسان جي عمر بي بقا آهي. جنهن وقت مالڪ ياد ڪيو اُن وقت وڃڻو پوندو. ان ڪري اهو ضروري آهي ته هُو ٿوري وقت ۾ جيترو ٿي سگهي ته اوترو ڀلائي ۽ نيڪي ڪري". متان زندگيءَ جو سچ لهي وڃي. تو تمام ننڍڙيءَ ڄمار ۾ گهڻو ڪجهه سوچيو. تو سخاوت ۾ سنسار جي سونهن تي سوچيو. تو اُتم اخلاق ۽ ان جي اثر تي نوخيز نثر لکيو. تو علم جي اٿاث ۽ ان جي اهميت تي قلم کنيو. بهادري ۽ ان جو شان به تنهنجو ادبي ذوق ٻڌيو. تو سماج ۽ ان جا حق ۽ فرض به سمجهايا. تو صاحب جي صاحبي کي عجب جي اک سان ڏٺو ۽ اهو به تو سمجهايو ته اولاد کي سُڌارڻ مائٽ جو پهريون فرض آهي. تو جانان کي ميارن جا تحفه مُڪيا. تو آتم هتيا ڪندڙ انسانن جي لاءِ آواز اُٿاريو. تو بيروزگار عوام جو بارود سان تحفظ جهڙا عالمي اشوز اُٿاريا. تو ٿر ۾ آيل طوفاني تباهي تي به بنهه بي باڪيءَ سان قلم کنيو.

ميجون ٿا تو تمام ننڍي عمر ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا هئا. تون ”روشن راهون “جهڙو ادبي گُنڪو سنڌي ساهتيہ جي جهولي ۾ وجهي امرتا پائي وئين. پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪتب خانو کولي علم جي لاٽ ٻاري پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري وئين پر يار اجان گهڻو ڪجهہ ڪرڻو هو. توکي پارڪر جي اُنهن پرمارن جي ونين جي وکريل سينڌن تي شاعري ڪرڻي هُئي جيڪي يومي جي ننگ ۽ ناموس تان نثار ٿي ويا. جن جا پاڙيا اڄ بہ پنهنجي مارووڙ جهڙي مٽيءَ ۾ کُتل آهن. توکي لاڙ پٽن ڏي ويندڙ لاهيارن جي لاڏن ۾ رهجي ويل سهيلين جي سُڏڪن تي ڪي ليک لکڻا هُئا.

توکي مورن جي ميگهہ تڙپنا کي تحريرن جا روپ ڏيڻا هئا. توکي ٻاٻهين جي ٻولين، جيجلن جي لولين ۽ شڪارين جي گولين تي بہ قلم ڪميت ڊوڙائڻو هو. ريتن جي پريت پاريندڙ سوڍن جي شان ۽ مان جو ڪارڻ بڻجي سنڌ ڇڏي ويندڙ ڌرتيءَ ڏيئارين لئہ وڇوڙن جي ٻوليءَ ۾ سهرا سرجڻا هُئا .

تنهنجي وڃڻ کان پوءِ تنهنجي مطالعي واري ميز ڪتابن لئہ سڪي ويئي آهي. تون اچانڪ هليو وئين. توکي اجان ”رهجي ويل منظر“ جهڙي محبوب ناول تي دل کولي ڳالهائڻو هو. توکي سارا شگفتا جو سُور نامون ”آنکين“ ضرور پڙهڻو هو. ننڍي کنڌ جي وڏي ليکڪ ”ميگها“ کي پڙهڻ بہ تنهنجي مقدر ۾ نہ هو. ”نيٺ گونگي ڳالهايو“ کي پڙهڻ بہ تنهنجو نصيب نہ بڻيو. توکي امرتا پريتم جي آپ بيتي ”رسيدي ٽڪيٽ“ مان رس ونڻو هو. توکي”آگ ڪا درياءَ“ اک مان ڪيڻو هو. توکي” ميرا داغستان“ واري حُب الوطني مان سُرڪ پيرڻي هُئي. يار تو وڃڻ ۾ وڏي تڪڙ ڪئي.تو ”پيغام لطيف“بہ ڪونہ پڙهيو ۽ نہ وري ”ديار دل دستان محبت“ کي دل سان پڙهيو ۽ توکي تہ اجان”چاندوڪيون ۽ ڇيٺ“ مان چس ونڻو هو. اي سنڌ وطن جا سپوت ڪوي! تون جيڪڏهن ڪرشن چندر جي قلم مان رت بڻجي وهيل ورهاڱي جا وڍ ’’غدار‘‘ ناول پڙهين ها تہ ايڏانهن ڪوچ نہ ڪرين ها. ڪنهن گُل اندام گُجر جي ڳچي جو هار ٿيڻ کان اڳ ۾ هليو وئين. ٿورڙو تہ

ترسين ها يارا ڪن ڪٽڪ رنگين ٻانهُن تولئہ عاج جوا ڇوچوڙو پاتو هو اُن ۾ پنهنجي پريم رس جو ٿونئر تہ ٽانڪين ها. اگني ونس سوڍا اگني ديو ڪي ساکي سمجهي چونئري جا چار ڦيرا ڦري، ڪنهن راول ديس رجواڙي جي روُپونتيءَ رجپوُتاڻيءَ راجڪُماريءَ جي مانگ ۾ سِندُور سجائڻ کان اڳ ۾ ئي الوداع ڪري هليو وئين .ايڏي تڪڙ ڇو ڪيئي؟ توکي تہ اڃان ڪنهن ڪونج ڳچي ۾ هٿن کي هنسليءَ ڪرڻو هو .توکي تہ اڃان ڪن پرسڌ پيرن لاءِ نظمن جا نورا ٺاهڻا هئا. ڪنهن وڏور وينگس جي ڪارن وارن ۾ سينڌ ڦُل ٽيڻ کان اڳ ۾ مُرجهائجي وئين. ڪنهن دلپذير دوشيزه جي ڪنول ڪَت جو ڪمربند ٿيڻ بہ پسند نہ ڪيئي. اي هن ڀومي جا ڇيل ڀمريا! هن ڌرتيءَ جي ڪنهن دادليءَ جي نصيبن جي الي مٿان ٻوريو تہ ٿئين ها. ان جيجل جي هٿن جا سينگاريل سهرا تہ مک تي سجائين ها جنهن جيجل توکي نو مهينا پنهنجي ڪُک ۾ پاليو هو. جنهن جي هر ڪامنا تنهنجي ڪاميابي سان سلهاڙيل هئي.اُن ماتا جو هردو تنهنجي وڇوڙي تي هيرڻ پن وانگي ڦارون ڦار ٿيل آهي. پنهنجي اُن پتا شري رامسنگھ سوڍي جي روح کي ابدي فراق جا فٽ ڪهڙي ڏوھ ۾ ڏيئي ويئن جنهن ڪڏهن ڪنهن ماڪوڙي جو بہ من نہ رنجايو هو. هُو دل جو دياونت هو. هر پراڻي جو آدر ڪرڻ هن جو وڏو گُڻ هو. هُو عقل جو وير تنهنجي وڇوڙي تي صفا جهُري پيو هو. هُو توسان اتيت پريم ڪندو هو. هُو تنهنجي ارٿيءَ جي رک کي اوڏو ٿيڻ لئہ هي وطن ئي ڇڏي ويو. الا آروکي اداس ٿي ويئي. اُها آروکي جنهن جي ڪنهن وقت ۾ سامروٽي واري خطي ۾ وڏي هاڪ هوندي هُئي. مالديو سوڍن جي پنجن ڳوٺن ۾ پرمک ڪردار نڀائيندڙ هي نگري صفا سرو ٿي ويئي. تنهنجي والد صاحب جي وڃڻ کانپوءِ اسان جي ڪميونٽي ۾ وڏو خال پيدا ٿيو آهي. جنهن جي ڀرپائي شايد صدين تائين ٿي نہ سگهي.

اي سُگُٹي سوڍا! تنهنجي مهمير وجود جي واسنا لاءِ آروکي جو آسڻ واجهائي رهيو آهي. اُهي ڀٽون توکي ڀاڪر پائڻ لئہ لُڇن ٿيون جن جي چوٽين تي چڙهي تو مورن سان گڏ ملهاريون ڳايون هيون. تنهنجي ڳوٺ جي

ڏهر واري اُها ترائي تنهنجي ڪنچن ورني تن ڪي ڇُهڻ جي تؤنس ۾ تڙپي رهي آهي جنهن جي اجهاڳ پاڻي ۾ تون پونئري وانگي ترندو هُئين. تولئہ تہ اُن ڄار جا ٿار بہ پار ڪٽي رُنا آهن جنهن جي لامن تي آنپليو ڪندي، ڪنهن جي ڇاتلن ڇتن ڪي ڇيڙيو هو.

توکي خبر آهي تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ تنهنجا دوست ڪيترا دُکي ٿيا آهن.؟ ڇيلهار جو چلولو شاعر يارو مل امراڻي تنهنجي المناڪ الوداعي تي لنپ وانگي جليو آهي. هُو لفظن جون اوڇنگار ڏيندي چوي ٿو تہ ”ڪارونجهر جي چوٽيءَ تان آئون پڇمائي جي پٽڇائي کي ڏسان ٿو جتي تنهنجي مٽيءَ پيل آهي. پر منهنجا محبوب دوست! ڇئن ڏينهن جي بيقراري آهي، سامروٽيءَ جي سڪ تنهنجي ارٿي رک کي ڏکڻ واءُ ۾ اُڏائي اڇي آروکي جي آسڻ ۾ رکندي. ماڪ پنل مٽي جون هوائون تنهنجون سلامي ٿيندون.“ تنهنجي اچانڪ اولاڪي ۾ پريت پال جو اندر پروڻ ٿيل آهي . هُو دُکي دل سان دانهن ڪري چوي ٿو” دليپ ڪارونجهر جي ڪور تي جڏهن مور ٿهوڪا ڪري پيار ۽ پريت جو اهڃاڻ ڏيندا تڏهن تنهنجون يادون اسان جا وڻ ٿي وڄائي ويندیون.“ميوارام ٻالاڻي جو ادب تان ارواح ئي ڪڇي ويو آهي.هو گمنامي جي تاريڪي ۾ گُم ٿي ويو آهي.عبدل ٻجير جي اک مان هڪ ڳوڙهو اڄ بہ تولئہ ڳڙي ٿو.جتي تون جوين جا ٿهڪ ڏيئي سنگت کي چانهہ جون چسڪيون پياريندو هئين اُتي هاڻي منکر ماٺ واسو ڪيو آهي.مٽي وارو سوڍا هائوس هاڻي ميواڙ هائوس ۾ تبديل ٿي چُڪو آهي.تنهنجن پراڻن پڊن جي پاسي مان گُذر ٿئي ٿو تہ روح رڙ ڪري اوهان سوڍن کي ساري ٿو. پر گيهلوتن جي گهٽي ۾ هاڻي ڪو اهڙو سوڍو رهيو ئي ناهي جيڪو حُب مان هٿ ڏي. تنهنجي چوياريءَ وارو باغ پيلاڙجي ويو آهي. تون ڪاليداس جي ديس ۾ ميران جو سُرندو ٻُڌندي سڪون جي ننڊ سُتو آهين.

تولئہ پٽائي جي تنبوري جي هر تند تڙپي ٿي. تولئہ سنڌ سُڏڪي ٿي.

***

# جُوجھار سنگھہ ساڏوُر

سوڍن جي صاحبي واري دلربا دؤر ۾ چارڻ ڪوين جي دعائن ۽ آيل (ماتا جي) جي ڪرپا سان چمڪندڙ چيلھار جي پر سان اڪاٽي ڊاٽي وارو ڳوٺ بہ عروج تي پھتل هو.اهو عروج زوال ۾ تڏهن تبديل ٿيو جڏهن بر ضمير جو ورهاڱو ٿيو. ورهاڱي ڪان بہ وڏا وڏ انھن ٻن جنگين ڏنا. جن ۾ پومي جا پلماڻسيا هميشہ لاءِ هتان هليا ويا. 71ع ۽ 65ع جي پاڪ پارت جنگين ۾ ست راڄيا سوڍا چڙوچڙ ٿي هندستان هليا ويا. انھن ۾ ”آنبجي ري گان“ جي املھ هيري سخي ڏاتار جُوجھار سنگھہ ساڏور جو ڪُٽنب بہ هندستان هليو ويو. جُوجھار سنگھہ جنھن جي باري ۾ ڪوي چمن چارڻ چوي ٿو تہ:

**هل هنيا ڪر هام هلي جوجھو جانچسان**
**منگتان رو وسرام موتو ست مهاسينگھہ رو**

(اي دل جلدي ڪر اتي هل جتي جُوجھار سنگھہ رهي
ٿو.جيڪو ڏيجوانن لاءِ ڏڍ آهي. مهاسنگھہ جو سپوٽ پٽ آهي.)

**جاچڪ پاتو جوجھو آمچ پالتو مهراڻ**
**سوڍو سورج سريڪو آپٽي گب امراڻ**

(امراڻي گڏ وارو سج جهڙو تيج رکندڙ جُوجهار سنگهه ساڏور منگتن لاءِ ڏاتار آهي. هُو اسان کي ائين پالي ٿو جئين مڇين کي سمنڊ پالي ٿو.)

ساڏورڪي جي ٻارنهن ٽڙن ۾ مُک ڪردار نڀائيندڙ پنهنجي ڪل جي پت ۽ نڪ رکندڙ جُوجهار سنگهه ساڏور جو جنم مهاسينگهه سوڍي جي گهر ۾ ٿيو. جُوجهار سنگهه جهڙي مها پرش جو نالو سخاوت ۽ مهمان نوازي واري تاريخ ۾ هميشه لاءِ سنهري شبدن ۾ لکيو ويندو. انتهائي ڪسمپرسي واري هيبتناڪ حالت ۾ به هن ڪڏهن به سخاوت جو سج لهڻ نه ڏنو. ڏاتار طرفان مليل هر آزمائش ۽ امتحان کي پاس ڪيو. چيلهار جي چؤرنگ نگري ۾ نشانبر سندس چار واري ڪوٽڙي (اوطاق) ڪنهن وقت ۾ ساڏورڪي جي سڃاڻپ هئي بلڪ سوڍن جو ننگ ۽ ناموس هئي. سوڍو جُوجهار سنگهه نيڪ نيت صاف سترو ۽ سچو پچو پُرش هو. هميشه هرک جهڙو ويس پائيندڙ ريتن ۽ روايتن جو امين هو. تڏهن ته چارڻ ڪوين هن جي سونهن، سخاوت ۽ سيرت کي شاعري ۾ چوراسي چندن جهڙي پيتا ڏني آهي.

ٿي ڏهي وڙ ٽاٽ نت گرٽي امل گڙي
رنگ هو سگڙي ڍاٽ رنگ جُوجها راجوي

(جُوجهار سنگهه سوڍي جي اوطاري ۾ ماٺهون ڏهيءَ جون وٽيون پري پيئن ٿا. روز امل ڪسونبا ٿين ٿا. اي ڍاٽ! تنهنجي سياڳي ڌرتيءَ جي دڳ دڳ کي جس هجي. جس هجي سوڍي جُوجهار سنگهه کي.)

مور ٿهو ڪي ون ۾ ڏيما پڪ ڪٽـــــي
موٽو ست مها سنگهه رو جُوجهو جگ وٽي

(جئين مور پکي بن ۾ ٺهوڪا ڪري آهستي آهستي هلندو آهي، ائين ئي مهاسنگهه سوڍي جو سپوٽ ڪنور جُوجهار سنگهه دنيا کي وٽي ٿو.)

**ڪوٽان اوپر ڪوٽڙي گدان اوپر ڄار**
**چڙهي چوٽي ڏونگري ڪران نائي نهار**
**جُوجها تانجي جاڙ چيلهاڻو چمڪايو**

(وڏن قلعن تي هن جي ڪوٽڙي ڀاري آهي، ۽ گدن ڪان هن جي ڄار مٿي آهي. جبل تان چڙهي ڏسان ٿو تہ اي جوجهار سنگهہ سوڍا! تنهنجي چار چيلهار ڪي چمڪائي رهي آهي.)

روايت آهي تہ جُوجهار سنگهہ سوڍو روزمره واري روايتي رهاڻ هڪ ڄار هيٺ رچائيندو هو. جتي ڀانت ڀانت جا ماڻهو ايندا هئا ۽ امل ڳُسونبا ٿيندا هئا .چارڻن ڀاٽن ۽ منگڻهارن کي دان پُج ڪيا ويندا هئا.

**چيلاڻي ري چارڻي گايا گڻ اپار**
**جُوجهي رو جهار ڪرسين پيا ڪلجگ ۾**

(چيلهار جي چارڻن هن سوڍي جا تمام گهڻا گڻ ڳايا آهن ۽ دعا ڪئي اٿس تہ جُوجهار سنگهہ جي پوڄا ڪلجگ ۾ بہ ڪئي ويندي.)

مذڪوره دوهي کي مد نظر رکندي ڏسنداسين تہ، سو سيڪڙو سچ ثابت ٿيندو تہ، چارڻن جي ڪويتائن ۾ ڪيل اڳڪٿي ڪڏهن بہ ڪوڙي ناهي ٿيندي آهي. ان جو مثال هي آهي تہ، جُوجهار سنگهہ جو جُهار اڄ بہ ڪيو ويندو آهي. بدي ۽ مانگهہ جي سائي سومر تي هن سخي ڏاتار جي قبر تي خيراتون ڪيون وينديون آهن نہ رڳو ايترو پر برسات جي منٿ پوري ڪرڻ لاءِ آڪو پايو واري رسم بہ هن جي آخري آرام گاهہ تي ڪئي ويندي آهي.

راوي روايت ڪن ٿا تہ، جڏهن برصغير جي بهادر راڻي وڪتوريا امرڪوٽ قلعي تي گولڊن جوبلي وارو جشن ملهائڻ لاءِ پراڻين توپن جا منهن کولي تڙاڪا ڪرايا هئا تڏهن ڏاٽ جي سمورين مهان هستين کي هن مها اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مدعو ڪيو هو. انهن عظيم شخصيتن ۾ چيلهار جو چتر سخي سُورمو جوجهار سنگهہ ساڏور بہ شامل هو. جُوجهار سنگهہ راڻي

وڪٽوريا ڪي چيو هو تہ اسان راجپوتن لاءِ سڀ ڪجهہ اسان جي عزت، آڻ، ماڻ ۽ ملڪ هوندو آهي.

ڄُڳن جا جهونا اڄ بہ ڪنهن مچ ڪچهري يا رهاڻ رس ۾ ماضي جي ڳالهين جي ڳوٺرين جو مُنهن کوليندا آهن ۽ ذڪر جيڪڏهن سخاوت جو نڪرندو آهي تہ اول ۾ هن انسان کي ضرور ياد ڪندا آهن. هي مهان پرش ڏاٽ جي ماٺي جو موڙ هو. هن سخاوت ۽ اصول پرستي سان پنهنجو جيون چريتر سُڌاري ڏاٽ جو ڳاٽ صدين لئہ اوچو ڪري ڇڏيو آهي .

عمرڪوٽ جا جهونا اڄ بہ هن سخي کي ساري ٿڌا ساهہ ڀريندا آهن. سندس سمي جا ساٿاري تہ مٽيءَ جو ڪاڄ بڻجي ويا آهن پر انهن جي پيڙهين مان موجود ڪي جهوني نسل جا ساڃاهہ وند هن سوڍي جي سخاوت جا سبق دل جي درسگاهن ۾ اڄ بہ پڙهندا اچن ٿا ۽ ٻين کي بہ پڙهائيندا اچن ٿا. آڪاڙي مندر واريون ڳالهيون اڄ بہ تاريخ جو طويل باب بڻجي چُڪيون آهن. عمرڪوٽ جي آڪاڙي مندر ۾ ڪنچن ورني ڪايا ۽ سندرتا جي مايا سان سرشار ست راڄيا سوڍا روايتي رهاڻ رچائيندا هئا تڏهن ڏِس ڏِس جا چارڻ ڪوي ڀاٽ ۽ منگتا اُنهن جي امل ڪسونبن واري رهاڻ کي رنگ (سلام ) ڏيڻ لاءِ ايندا هئا. هي رنگ ڏيندا هئا ۽ راجپوت مُڇن کي تاوَ ڏيئي امل ڪسُونبن جا ڪٽورا ڀري پيئندا هئا. يجمانن کي دل سان دان ڏيندا هئا . چوڻ وارا چون ٿا تہ هڪڙي ڀيري انهن ڀومي جي ڀلماڻسين جي رهاڻ رچيل هئي، انهي رهاڻ ۾ چارڻ ڪوي سخين ۽ سُورمن کي رنگ ڏيئي رهيا هئا. آڪاٽي جي شڀ پرڀ جو ڏينهن هو. چاندي جي ڪٽورن ۾ ڪسُونبو وچ تي نانگ وانگي چلڪي رهيو هو .تلوارن کي مياڻن مان ڪڍي رت جا تلڪ ڏيئي پُراڻي پرمپرا پاري پي ويئي. مڇن کي چلي وانگر گول وٽئيندڙ راجپوتن جي اکين ۾ خمارن جا ڪيپ چڙهيل هئا. غنودي طاري ٿيل اهڙي رس ڀري رهاڻ ۾ ڪيئي سخي ۽ سورما پنهنجن پوروجنن کي ساري هشاش بشاش ٿي رهيا هئا. تڏهن راڻي ڀيوت سنگهہ سوڍي رڙ ڪري چارڻ ڪوي کي چيو تہ اي ڪبيشر! تو چيلهار جي هڪ غريب جُوجهي ۾ ڇا ڏٺو آهي،

جو اسان جا ڪوٽ قلعا ۽ سونا روپا دان پڇُ وساري هن جي ڄار کي ياد ڪرين ٿو؟ تڏهن ڀارٽ جي بي اختيار چئي ڏنو تہ:

ڪوٽان اوپر ڪوٽڙي گڏان اوپر ڄاڙ
ڄُوجها ٿانري جات نہ جنميو نہ جنمسي

ڄُوجهار سنگهہ ساڏور راجستان جي هڪ مشهور ڳوٺ ڪوٽڙي مان شادي ڪئي هئي .ڄُوجهار سنگهہ جو پٽ ڇهنسنگهہ هو. ڇنهسنگهہ جو آنبجي ٿيو. جيڪو **1965**ع واري جنگ ۾ پارت لڏي ويو. ڄُوجهار سنگهہ جو پوٽو آنبجي پنهنجي وقت جو ننگ دڙنگ سوڍو ٿي گذريو آهي، جنهن جي باري ۾ چون ٿا تہ هو جڏهن هندستان ويو تڏهن اتي ڪنهن کوهہ تي گهوڙو پيارڻ ويو تڏهن ڪنهن نام نهاد ۽ بي وڙي عورت هن کي تنڪو ڏنو تہ جيڪڏهن ايترو تڪڙو آهين تہ پنهنجي گهوڙي لاءِ الڳ کوهہ کوٽائي پيار هئنير هليو وڃ. اسين پاڻي ڪون پيئڻ ڏينديوسين . ان ئي طعني ۾ هن ڏاٺ جي مور جو هانوَ ٽُني پيو ۽ ستت ئي ان ڳاراٽي ۾ ڳري مري ويو. آنبجي سوڍي کي اڄ بہ ڇيلهار جو ٻچو ٻچو ياد ڪري ٿو. هن جا فيصلا هن جا ٺٺ باٺ ،هن جي چال چلت تي اڄ بہ ٿر فخر ڪري ٿو.

جوجهار سنگهہ سوڍي جي باري ۾ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ هو ڪابہ ڪرپيل شيءِ (پٽ تي ڪريل) نہ واپرائيندو هو. هڪ ڀيري سندس ساهورڪي ڳوٺ ڪوٽڙي ويو جتي ساهورن سندس پرک خاطر هڪڙي وڏي امتحان ۾ وجهي ڇڏيو. ڇا ڪيائون جو جڏهن ڄُوجهار سنگهہ ضروري حاجت خاطر ڪڙسيو (لوٽو) کڻي جهنگ ڏي روانو ٿيو. تڏهن پويان انهن آفيوم جي دبلي ڪٽ تان ڪيرائي ڇڏي. ڄُوجهار سنگهہ آفيوم جو ٻنڌاڻي هو ۽ هن جو سمورو آفيم ان دبلي ۾ هو. ڪوٽڙي ۾ ان وقت ٻيو آفيم ملڻ مشڪل هو. جڏهن هُو ضروري حاجت ڪري موٽي رهيو هو تڏهن رستي ۾ هن کي هڪ چارڻ ڪوي مليو جنهن چيو تہ ”تنهنجي نالي تمام گهڻي نيڪي ٻُڌي آهي، تون وڏو ڏاتار آهين، مون کي توتي ناز آهي، اڄ تنهنجي

ڏسان ڏاتارپي.'' تڏهن جُوجهار چيو ''گهر جيڪي گهرٽوائڻي ..'' چارڻ چيو ''مون کي هينئر هتي جو هتي اُٺ کپي.'' جُوجهارسنگهہ چيو ''هتي جهنگ ۾ اُٺ ڪٿان ڏيان.؟ تون هل منهنجي ڳوٺ جهڙو کپي تهڙو اُٺ ڪاهي وڃ.'' چارڻ وراڻيو تہ ''پوءِ هارمڃ.'' جُوجهار سنگهہ سوچيندو رهيو ۽ پريو کي پٽ رکڻ لاءِ پڪاريندو رهيو. چون ٿا تہ ڪڙسيو واري سان ماڄيندي ان مان سوراخ ٿي ويو. (اڳي رواج هوندو هو تہ جهنگ مان واپسي تي ڪڙسيو واري سان ماڄيو ويندو هو.پتل ۽ ٽامي جو ڪلش هوندو.) ڪلش مان جڏهن سامهون هٺ نڪري ويو تڏهن هن سخي سوڍي جو سڏ پرماتما ٻڌو ۽ ان مهل اتان جوڙئو جي نهڙين جي اُنن جي قطار گذري جيڪي پَن ڪٽي وڃي رهيا هئا. ان قافلي ۾ جُوجهار سنگهہ جا دوست بہ موجود هئا. جُوجهار سنگهہ انهن کي چيو تہ هڪ اُٺ کپي ٿو ڏيو هن چارڻ ڪوي کي ڏيڻو آهي. نهڙي سردارن وراڻيو حڪم کپي سوڍا سڄي قطار حاضر آهي. ائين هي سوڍو پنهنجي پٽ رکي واپس اوطاري پهتو تہ ڏسي مارا امل جي دبي تہ پٽ تي پئي آهي. اُٺ واري امتحان جي پيڙا ۾ هن جو امل اڳي ئي اُتريل هو سو تمام گهڻي تڪليف ٿي. هن کي ماجرا سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ چارڻ کي ڪنهن موڪليو هو ۽ آفيم ڪنهن پٽ تي ڪيرايو آهي. سو ناراض ٿي اتان اٿيو ۽ چيائين تہ اڄ ڪانپوءِ منهنجي پيڙهي مان ڪير اوهان جو پاڻي نہ پيئندو. سوڍي جو سراپ سچو ثابت ٿيو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ سندس پٽ ناناڻي ويو. ۽ اتي ئي مري ويو .هن ڳالهہ مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڏاتار کي رنجائڻ معنيٰ رب کي رنجائڻ برابر آهي. چاڪاڻ تہ سخي خدا کي بہ پيارا هوندا آهن. چوڻ وارا چون ٿا تہ جوجهار سنگهہ سوڍي سندس ڳوٺ ۾ واپس اچڻ کان پوءِ جوڙوئي جي نهڙين کي اُٺ جي عيوض پنهنجي ست اکڙ ٻني ڏيئي انهن جا ٿورا مڃيا هئا.

جُوجهار سنگهہ ساڏور جي باري ۾ هڪ روايت آهي تہ هڪ ڀيري اوطاق تي مهمان آيا هئا پر هن مولائي وٽ گهر ۾ ڪا شيءِ نہ هئي. ڏاڍو پريشان ٿيو. سندس ساهوواڙيءَ هن جي پريشاني ڏسي روئڻ لڳي ۽ پريو کي

پُڪارڻ لڳي تہ اي مالڪ !اسان کي ايترو ڏي جو اسين ڪنهن آيل جو آدر ڪري سگهون. ٻيئي پتي پتنيءَ ڏاڍا پريشان ٿيا. چوَن ٿا تہ شام جو ٽاڻو هو. جُوجهار سنگهہ ڇا ڪيو جو شنان پاڻي ڪري هڪڙي چونئري ۾ در بند ڪري هڪڙي پير تي بيهي اتر طرف مهاڙ ڪري پنهنجي مرشد پير پٺوري کي پڪارڻ لڳو تہ اي مرشدا! اسان جو ڀرم رک. چون ٿا تہ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ چاندي جي سڪن جي ڇڻڻ جو آواز ٿيو. جُوجهار سنگهہ اک کولي ڏسي تہ کوڙ سارا چاندي جا سڪا پيا آهن. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهن کي جلدي وڪڻي، آيل مهمانن جو آدر ڪيو. اهڙا هئا اسانجي ٿر جا ڏاتار جيڪي اڻ هوند ۾ بہ هوند جهڙو آدر ڪندا هئا. جُوجهار سنگهہ کي اڄ بہ منهنجو صحرا سڏڪي سلام ڪري ٿو.

***

# اُڏيسنگهه سوڍو

پهاڙن سان پيار ڪندڙ سوڍا هن ڌرتي جا اُهي سپوٽ پٽ آهن جن جي تاريخ سندن رت جي مس سان وقت جي نبض تي لکيل آهي. اهڙي تابناڪ تاريخ جنهن جو ورق ورق ڌرتي جي پيار سان سرشار آهي. پراڻ ڏيئي پنهنجو پرڻ پاريندڙ اهڙن پومي جي پلماڙِسين جا ڪردار هن ڌرتي جي ماٽي تي سندور جيان سجايل آهن.

هُو بہ انهن سورهيہ وير سوڍن مان هڪ هو جيڪي ننگر جو ننگ هئا. جن پنهنجي پومي جي پلي لاءِ حياتن جا ٻليدان ڏنا. جن پنهنجي سر زمين سنڌ جي مٽيءَ جي سنپال ڪندي دجلا جي لهرن وانگي رت وهايو. هُو ويرا واهہ جي وڏ ڏٽي حاڪم لڏو سنگهہ سوڍي جو اهو موپي پٽ هو جنهن پنهنجي پراڪرمي پيءَ جي ” سُت “ جي لڄ رکندي، ڌرتي تان ٻلهيار ٿي پنهنجي راجپوتاڻي ماتا جي ٿڃ ملهائي.

هُو جيڪو اماوس راتين جو ويرا واهہ جي کيتن ۾ کُڙکيتن جي پويان ڊوڙندي وڏو ٿيو هو. هُو جيڪو سانگا جي چوليون هٽندڙ چِر ۾ ڪنهن وينگس جي چِتن کي چاچولي چڙواڳ بڻيو هو. هُو صفا ارڏو هو. هن پارڪر جي پٽن تي ڪيئي ڪُميت ڊوڙايا هئا. هن جئيڻ چاهيو ٿي، آزاد فضائن ۾

ڪنهن اڏامندڙ پکي جيان پر قسمت ۾ ڪجھ ٻيو ئي لکيل هو. اُڏيسنگھ عرف اُڏمل سنگھ سوڍو هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڪم سانگي پنهنجي من پسند سُرخي گهوڙيءَ تي چڙهي پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ٻيءَ ڳوٺ ويو هو. 1853ع وارو سال هو. هُو ننگر کان الاهي دور وڃي چڪو هو. هن کي ڪائي ڪل نہ هئي تہ سندس ڌرتي پيرن هيٺيان ڇني ويندي. هُو امل ڪسونبي جي خمار ۾ گهوڙيءَ کي سراڙا ڏياريندو هليو ويو ۽ پويان ننگر ٻري پيو هو. 1853ع ۾ ڪنهن خود دار سوڍي جي هڪ ڪلارڪ سان ٿيل معمولي ڏند اوڻل غير معمولي موڙ اختيار ڪندي وڏو ممڻ مچائي ويئي.

شانت سوڍن جي وسيع سينن ۾ بغاوت جي جوار ڀاٽا اٿلي پيئي. سورهيہ وير سوڍن سرعام سرڪاري نافرماني ڪندي پنهنجي آزاد وطن جي گهر ڪئي. سرڪاري دفترن کي دکائي، روڊن کي اکيڙي ۽ ٽيليفون تارن کي ڪٽي سڄي ننگر جو نظام درهم برهم ڪري ڇڏيائون. ڪرنل تروٽ حيدرآباد مان اسپيشل فوج گهرائي ۽ ٽي ڏينهن کان پوءِ حالتن تي ڪنٽرول ڪري سگهيو. پنج هزار ڪولهين جي فوج سان گڏ سوين سوڍن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويو. انهن ۾ اُڏيسنگھ سوڍي جو پيءُ حاڪم لڌوُسنگھ صاحب ۽ روپلو ڪولهي بہ گڏ هئا.

اُڏيسنگھ سوڍو پنهنجو ضروري ڪم ڪار لاهي جڏهن سندس اباڻي ڳوٺ ويرا واھ موٽي رهيو هو. تڏهن گهرتياري ڳوٺ وٽ سندس گهوڙيءَ ڳوٺ ۾ وڄندڙ دهول تي ناچ ڪرڻ لڳي. گهوڙيءَ جي نرالي نرت تي هي شهسوار سوڍو تمام گهڻو سرهو ٿيو هو .هُو گهوڙيءَ تي چڙهيل هو ۽ گهوڙيءَ نچي رهي هئي. اها ماجرا ڏسي ٻير مان لنگهندڙ هڪ ارڏي ڪولهي ڪڙو ويڻ آچيندي چئي ڏنو تہ اي وطن جا وارث ! ” تون هتي گهوڙيءَ پيو نچائين ۽ تنهنجو پيءُ جيل ۾ پيو آهي“ ڪولهي جي هن ڳک جيڏي ويڻ سَت فوٽ سوڍي کي آريءَ وانگي وڍي ڇڏيو. ڪولهي جي ٻار جڻ ٻاھ تي تيل هاريو. اُڏيسنگھ سوڍي لغام کي ڳشي سڌو ننگر جو رخ ڪيو. مينهن واءُ ڪندي پلڪ جهپڪ ۾ ننگر پهچي پهرين جيل جو دروازو ٽوڙيو. پنج هزار ڪولهين

جي لشڪر سميت پنهنجي پيءُ کي بہ آزاد ڪرايو ۽ پوءِ تروٽ جي ڪڍ لڳو. تروٽ کي ڊوڙائيندو بندوق جا فائر ڪندو ويو. چوڻ وارا چون ٿا تہ تروٽ پنهنجو ساهہ بچائيندي هڪ موچيءَ جي گهر ۾ گهڙي ويو ۽ ڏڳيءَ جي کل اوڍي لڪي ويو. ڏڳيءَ جي کل ۾ لڪيل هئڻ ڪري هن ست وادي سوڍي رحم ڪري معاف ڪيو. هن بابت هڪ دوهُو ملي ٿو تہ :

اُڏيسنگهہ آيو جي پورو پڇايو
پوري را ڪر ڪنپيا جي نان موچيءَ بچايو

(اڏيسنگهہ سوڍو آيو جنهن انگريز کي پنهنجي پونءَ تان پڇائي ڇڏيو. انگريز جو انگ ڏڪڻ لڳو ميگهواڙ پنهنجي رڳڻ جي کلن ۾ لڪايو.)

اُڏيسنگهہ سوڍي جي اڏولتا ۽ سورهيائي بابت انيڪ ڏاتڪيءَ دوها ملن ٿا. جن کي پڙهي معلوم ٿئي ٿو تہ، واقعي هن مرد مجاهد ۾ اها مٽيا هئي. تڏهن تہ ڪوين ساراهيو آهي.

ڪارونجهر ري ڪارٽي آيو اُڏيسنگهہ آپ
سوڍي آگڙ ڪوڻ لڙي ويريئي ڪيڏا ورلاپ

(ڪارونجهر جي ڪري اُڏيسنگهہ پاڻ جنگ جي ميدان ۾ آيو. دُشمنن اچي دانهون ڪيون تہ، هن وير بهادر سوڍي سردار اڳيان پلا ڪير بيهي سگهندو.؟)

اڏمل ري انگ جوت جهڙڪا ڪري
ڏيکي روپ ڏهيت رو فرنگي ڀاگو ڦري

(اڏيسنگهہ سوڍي جي سرير مان باهہ جا اُلا نڪري رهيا آهن. هن

ڏهيسر جو روپ ڏسي فرنگي ننگر جي رستن تي وائڙن وانگي ڊوڙي رهيو آهي.)

اڏمل اهڙو روپ جهڙو ڏونگر متي ڏيئو
راکيو پرم پومي نو جُگ جُگ سوڍا جيئو

(اي! اُڏيسنگھ سوڍا تنهنجي سونهن ائين آهي جيئن جبل مٿي ڏيئو. تون ڌرتي جي لڄ رکي آهي، شل جڳا جڳ جيئرو هجين.)

اڏمل سوڍا ويراواھ نان پومي ٿانرو ننگ
مت گنواڙي ماتر دروهيان ري سنگ

(اي! ويرا واھ جا سوڍا اڏيسنگھ هي ڌرتي تنهنجو ننگ ۽ ناموس آهي. غدارن سان گڏجي پنهنجي ماءُ کي نہ وڃائج.)

تلوار اُڏيسنگھ ري ثابت ويج سڙاڪ
ٻگتر وار وادي ٻيوڙا ڏاکڻ ٻٽکي ڏڙاڪ

(اُڏيسنگھ جي تلوار هُوبهو وڄ وراڪن جهڙي آهي.هر وار تي ٻيٽا ودي ويرين کي ڏائڻ وانگي ڪپائي رهي آهي.)

پنهنجي راجپوتاڻي آڻ ماڻ ۽ شان کي برقرار رکنديءَ هن تيجوان سوڍي انگريزن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. ڪارونجهر جي پهاڙن جيان اٽل ارادن جي مالڪ اڏيسنگھ کي انگريز سرڪار ڪيئي لالچون ڏنيون پر هن آڻ نہ مڃي. انگريزن هن لاءِ ڌرتي ٽامو ڪري ڇڏي. نيٺ هو ننگر جي راڻن سان گڏ ڪارونجهر جي غفائن ۾ روپوش ٿي ويو. جتي هن کي ۽ سندس ساٿين کي ماني ٻُڀِي سان گڏ روزانو حال احوال روپلو ڪولهي ڏيندو هو. روپلو سوڍن جو وفادار سپاهي ۽ هڪ محبت وطن شهري هيو. روپلي ڪولهي کي انگريزن نيٺ مقامي غدارن مهاوجي لهاڻي ۽ هنس پُري ٻاووي سان گڏجي گرفتار ڪري ورتو ۽ مٿن مقدمو هلائي ڦاهي ڏني ويئي.

روپلي جي ويرگتي پراپت ڪان پوءِ سوڍي اڏيسنگهہ ۾ سندس پيءُ لڏوبسنگهہ کي جيل ۾ وڌو ويو. ٻنهي کي **14** سالن جي سزا ڏيئي انڊمان ڪوبر جي جهنگلي ٻيٽن ۾ ڪاري پاڻي اُڪاريا ويا. ڏرتي خاطر طرحين طرحين جون تڪليفون ڀوڳي نيٺ هو مٽيءَ جي مٺ پنهنجي مٽيءَ سان ملي امرتا پائي ويا.

**پنهنجي مٽي منجهہ ملان جي آئون امرتا پايان.**

شيخ اياز

**ايڪ نان اُڏيسنگهہ جيسا پارڪر جٽيا پُوت لاک**
**ڪر ڀوري را جڏ ڪانپيا سورج اُگتي ڀري ساک**

(پارڪر جي ڀاڳوند ڀوميءَ لکين سورهيہ پُٽ ڄڻيا آهن، پر هن جهڙو هڪ بہ نہ ٿيو. اُڏيسنگهہ جڏهن تروٽ تي حملو ڪيو تڏهن اُن فرنگيءَ جو روم روم ڪڙو ٿي ويو هو.هن جو بدن ڏڪڻ لڳو هو.جنهن جي شاهدي اُڀرندڙ سج ڀري ٿو.)

ڪنهن مڏ ڀري ماٽڪيءَ جي اکين جهڙي ننگر جي مٽيءَ ۾ ملي امرتا پائي ويندڙ اڏيسنگهہ کي اڄ ڪلهہ جا تعصب پرست مؤرخ ڀلي ڪٽي ياد نہ ڪن پر سانگا هن کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي. هُوءَ هر چولي ۾ هن جو نالو چُلڪائيندي رهندي .ڪجلاسر جي هر ڪجلي هن جي پرجلال نهار کي پنهنجي اکين ۾ ڪجل ڪري پائيندي رهندي. ويرا واهہ جو هر وڻ هن جي سمادي کي جُهڪي سلام ڪندو. ننگر جي ناسي پٿرن تي هلندڙ وقت جو هر سياح وسڪاري ۾ هن جي تجليدار تاريخ پڙهي نہ رڳو واهہ واهہ ڪندو پر هن جي اوڏل ۾ سچي ڪردار تي ڪجهہ لکڻ لاءِ بار بار سوچيندو .ڇاڪاڻ تہ هي ديس جو اهڙو هيرو هو جنهن کي وسارڻ وس ڪان مٿي آهي. افسوس جو اسان جي سرڪار اهڙن املهہ ڪردارن کي صفا وساري ڇڏيو آهي. ورسي بہ نٿي ملهائي، حڪومت کي

گهرجي تہ اهڙن تاريخي ڪردارن جي ياد ۾ ڪي يادگار جوڙائي ۽ انهن تي هر سال ورسي ملهائي، ڌرتي جو حق ادا ڪري. ننگر ۾ انگريزن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ هن مهان سوڍي کي ڏنل سندم پيٽا هڪ نظم هيٺ ڏجي ٿو.

ڪُروشيتر ۽ ڪربلا ۾
رڻ گجڻ جي راڙي جهڙو
ڪَتيءَ جي ڪنهن ڪاڙهي جهڙو
ارڙهين صدي سڄُ اُڀَي ٿو
نيرو نيرو نُڀ لڳي ٿو
ماتم جهڙي موسم پسندي
ننگر ۾ هڪ نار چوي ٿي
اولهہ ڪان ڪا آفت ايندي
منهنجو ڏونگر ڏاري ويندي
ماروئڙا سڀ ماري ويندي
ڪيت اسان جا ڪاري ويندي
مون کي ڳٽني ڳاري ويندي
فرنگي ڦُرندا ڏوٿيءَ پوٿيءَ
ڪير بچائي منهنجي پوميءَ
ننگ لتاڙي نيرا ناسيءَ
پورا پيلي ڌرتيءَ ويندا
ناريءَ جا هي ويڻ ٻُڌي ٿو
ويرا واهَ جي واٺ متي ڪو
اُڌمل مُڇ وٽيندي چئي ٿو
لاڏي جو مان ”سُت“ سڏايان
لعنت آ جي ڪنڌ جهُڪايان

ناريءَ تنهنجي سامهون سامهون
سانگا جو اڄ سَونهنَ ڪٽي مان
ڌرتيءَ سان وردان ڪيان ٿو
سِر لٿي جو ڌڙ لڙي ٿو
اهڙو منهنجو وڙ لڙي ٿو
توکي سيس کپي جي سنڌڙي!
پهرين ڪنڌ کپي وچ منهنجو
پوءَ ٻي جي ڪو توسان وڙهندو
هانسو دودي ٻيڙو هوندو
ڪرنل سان ڪو ڪرن ٻہ لڙندو
سهتا سوڍا سنگ سنگ مرندا
سارنگ سان گڏ رٺمل سوڍو
ٿلتيءَ ۾ ٽاڪوڙا وجهندو
تلوارن سان ڏينهن جا تارا
تروٽ ڪي ڪو ڪلجي ڏَسندو
منهنجي ڪُل جو رت انوکو
پراڻ وڃائي پرڻ بچائي
تنهنجو ڀرم جڳن لئہ رکندو!
ڪارونجهر جئن ڳاٽ وڏي سان
پنهنجو ڌرم جڳن لئہ رکندو!

***

# هانسو سوڍو

وطن تان وارجڻ سوڍن جي صفت ۾ شامل آهي. اگني ونس پرتاپي سوڍن جي اندر ۾ هر وقت ”هلدي گهاٽي“ واري جوالا پڙڪيل هوندي آهي. ديس جي دنگن ۽ ناموسي ننگن ڏي ڪنهن ميري اک کنئي تہ سوڍن جو رت تامڻي تي ويندو آهي. سنڌ جي سورهيہ وير دودي سومري سان دوستيءَ نڀائيندڙ هانسيسر جي هانسي سوڍي جي حُب الوطنيءَ جا گُڻ سنڌ جو روح ڳائي ٿو. ريگستان جي ريتن ۾ دفن ٿيل تاريخ کي تخليق ڪندڙ رائچند راٺوڙ هانسي سوڍي جي حوالي سان لکي ٿو تہ ”سلطان علاوالدين جي لشڪر جڏهن دودي تي ڪاهيو، تڏهن امرڪوٽ جي هانسي سوڍي، دودي جي يار ست ويهون (140) سوڍن جو لشڪر وٺي وڃي دودي جي مدد ڪئي هُئي. ٿر ۾ علاوالدين ۽ دودي جو داستان اڄ تائين ڪڇرين ۾ مڱڻهار ۽ ٻيا سُگهڙ ڪٿندا آهن، جنهن ۾ بہ هانسي سوڍي جي همٿ ۽ مدد جو ذڪر اچي ٿو“.

راوي روايت ڪن ٿا تہ هانسو سوڍو جڏهن پنهنجي پٽني ميگهاوتيءَ سان هٿڙيا جوڙي چونئري جا چار ڦيرا ڦري رهيو هو تڏهن هڪ گهوڙي سوار خاطي روپا ماڙي جي راوَ دودي سومري جو خط کڻي آيو هو. خط ڏيندي هڪل ڪري چيو هو تہ سوڍا ! ڌرتيءَ جو سڏ ٿيو آهي. ڇا تون سرتيءَ کي تياڳي

ڏرتيءَ جي پت رکڻ واري پريکشيا مان پاس ٿي سگھندين.؟ هانسي سوڍي مک تان موڙ هٽائيندي ترڏاري تلوار سان چونئري جو پلو ڪٽي گھوڙي سوار خاطي ڏي ناهر واري نگھا ڪندي وراڻيو هو تہ ”مون جنم راجپوت جي گھر ورتو آهي. راجپوت ڪان مٿي تپسيا ۽ تياگ پلا ڪير سمجھي سگھندو.؟“ ائين چئي هُن خط کولي پڙهڻ شروع ڪيو جنهن ۾ لکيل هو. اي منهنجا وفادار دوست منهنجو پاڻ مون سان ويري بڻجي ويو آهي. تخت جي نشي ۾ انڌي چنيسر جي چُغلي تي دهلي جو بادشاهه علاؤالدين خلجي روپا ماڙي تي رڻ ڪرڻ آيو آهي. هُن منهنجي پيڻ ٻاگھل ۾ نظرون وڌيون آهن. منهنجا سپوت سوڍا هي گھڙي سر ڏيئي سرهو ٿيڻ جي آهي. تون سوڍو آهين مون کي پڪ آهي پوئتي نہ هٽندين. تنهنجي وڏڙن جي اها پرمپرا رهي آهي تہ اُهي مرڻ ۽ مارڻ کان ڪڏهن بہ ڪيٻائيندا نہ آهن. ڪيسريا وڳا ڪري رڻ پومي ۾ آتم سمرپڻ ڪرڻ اوهان جو اوچ ڪرم آهي. مون کي ان ڪرم جي اڄ اوس ضروت آهي. سوڍا هي ڏرتيءَ ماءُ آهي پاڻ ٻنهي جي ماءُ آهي. ماءُ جي مريادا رکڻ هر حلالي فرزند جو اولين فرض آهي .پاڻ ٻنهي هڪ ئي ٿڻ (سنڌُو درياءَ) مان ٿڃ ڌائي آهي اُن ٿڃ جو قرض چُڪائڻ جو موقعو مليو آهي. اهو هٿان نہ وڃاءِ اڄ تہ ٻئي گڏجي آخري ساهُن تائين وطن لئہ وڙهون.

**هل هانسا چڙه گھوڙي ڏرتيءَ هيلا ڪري**
**ڪَس تُري رو تنگڙو پيو دودو ڏيان ڏري**

(اي هانسا! جلدي ڪر گھوڙي جو تنگ چڪي پر ۽ هلي روپا جي ميدان تي پهچ. تنهنجو دوست دودو تنهنجي راهہ تڪي پيو.)

**هانسا ڪر همت آوَ هلي ڪيلان پُڌ گھمساڻ**
**پجاڙي ويري پومي تٽون راڪان ڪُل رو ماڻ**

(اي هانسا! همٿ ڪري هليو اچ تہ ميدان جنگ ۾ پاڻ ملهايون. دُشمن کي ڏرتيءَ جي دنگن مان ڀڄائي پنهنجي خاندان جي لڄ ۽ پت کي قائم ۽ دائم رکيون.)

هانسي خط پڙهي دنگ ڪيو ۽ قاصد کي چيائين.

دودي هندا دُوت هيڪ سنديسو ڏيجو
ڏرتيءَ هَندو پُوت هانسو آوي هستو

(اي دودي جا قاصد! دودي کي هڪ نياپو ڏجانءِ تہ ڏرتيءَ جو پُٽ هانسو کلندي کڏندي ڀُڏ لئہ اچي پيو.)

مت هاري هينوڙو مت جهُڪائي سِيس
سوڍو ٿانري سنگ ويري وڍسي وِيس.

(اي دودا! دل مَ لاهيج نہ ئي دُشمن اڳيان سر جهُڪائج، هي سوڍو توسان گڏ آهي. اهو تہ هڪڙو دشمن آهي اهڙا ويھ خلجي هُجن تڏهن بہ ماري مساڻ ڪري ڇڏيان.)

هانسي ميگهاوتيءَ کان موڪلايو. هن جي اکين مان هڪ ڳوڙهو نڪتو جيڪو ميگهاوتيءَ جي مانگ ۾ پيل سندُور کي صاف ڪندي ڳلن تان ڳڙي ويو. هن ميگهاوتي جو منهن بہ نہ ڏٺو ۽ ڏرتيءَ جو سڏ ورائڻ لئہ سنيري پيو. رُخصتيءَ ۾ ڏوري بدران رزميہ شاعري جا رنگ اُٿلي پيا. هڪ سهاڳڻ ناريءَ جون هڙئي حسرتون سهاگ رات ۾ سيج رمڻ وارو سُک ماڻڻ کان اڳ ۾ ئي وطن تان وارجي ويون. ”گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا“ واري ڪار هانسي ميگهاوتي جي نرڙ تي چُمي ڏيئي اهو چيو ”اي ستوتي! آئون هاڻ هلان ٿو. وري ٻئي جنم ۾ ملنداسين.هن جنم ۾ پنهنجو ساٿ بس ايترو ئي لکيل هو“.

**چونٽري ڦيرا چار سوڍو سُندري سانگ**
**ميگها ٽانري مانگ سُوني ڪر گيو سوڍيو**

چونري جي چئن ڦيرن تائين هانسو پتنيءَ سان گڏ هُيو. اڃان چونٽري لٿوئي ڪون تيستائين ڏرتيءَ جو سڏ ٿيو. سوڍو ميگھاوتيءَ جي مانگ سُڃي ڪري ويو.

**مت جهلي مارگيا مت جهلي تُري ري واگ**
**ملسان ٻيجي ماگ اڄ لکيوڙو اتو هَتو**

(اي ميگھاوتيءَ! منهنجو رستو نہ روڪج ۽ نہ ئي گهوڙي جي لغام کي جهلج. هاڻ ٻئي جنم ۾ ملنداسين. هن جنم ۾ بس ايترو ئي ميلاپ لکيل هو.)

**نهين گونگهٽ کوليو نهين سيج رماڙيو سُک**
**ميگها ٽانرو مُک هون جوئيس ٻيجي جنم ۾**

(نہ گونگهٽ کولي تنهنجي ديد جو ديدار ڪيم ۽ نہ ئي سهاگ رات ورو سُک ڏنم. اي ميگھاوتيءَ! هاڻ تنهنجو منهن ٻئي جنم ۾ ڏسندس.)

**ڌن ڌن ٽانري مات پتا ڌن هو سوڍاڻ ڌرا**
**ست جنم ٿي سونپيا وهيلا وڙجو ٻمرا**

(شابس تنهنجي ماءُ پيءُ کي هجي ۽ شابس ان سوڍاڻ (ڍاٽ) جي ڌرتيءَ کي هجي جنهن تو جهڙو سپوٽ پٽ ڄڻيو. مون منهنجا ست جنم تنهنجي حوالي ڪيا آهن. جلدي ڪنهن جنم ۾ ملجانءِ.)

**هون سياڳڻ سوڍيا هون ٻلهياري ٽانري نام**
**ٽي جائو جنم سُڏارڻ مانري پٽ راڪسي پرسرام**

(اي سوڍا! آئون ڪيڏي نہ ڀاڳن واري آهيان جو منهنجو ور ڏٽي پنهنجي ڌرتيءَ ۽ دوستيءَ جو فرض نڀائڻ پيو وڃي. آئون تنهنجي نالي تان نهال ٿيان. منهنجي لڄ مالڪ رکندو)

**چونٽري پلو ڪاٽتي هانسو هليو رڻ ڪيت**
**سومري سنگ سوڍي ڏيڌو سِيس ڏيس ري هيت**

(هانسو چونٽري جو پلو ڪٽي ميدان جنگ ڏي روانو ٿي ويو. روپا ماڙي جي ميدان ۾ سومري سان گڏ سوڍو بہ سِر ڏيئي سرهو ٿيو هو.)

***

# اپيسنگهہ سوڍو

ننگر جا نڏا سوڍا هن وطن جي شاندار سُڃاڻپ هئا. انهن وٽ مٽيءَ جي مريادا جي اهميت عام ماڻهن کان الڳ هئي. اُهي جتي وطن جي سرحدن جي حفاظت لئہ سر گهوري سرها ٿيندا هئا اُتي وطن جي هر پڏارٿ سان بي پناھ پيار بہ ڪندا هئا .اُهي سندن وڏڙن کان وراثت ۾ مليل پيڙهياتين پرمپرائن کي پارڻ چڱي ريت ڄاڻيندا هئا. اُهي پرجاپتيءَ ۽ رعيت جا رکوالا هئا. اوطاقون هلائڻ بہ انهن جو اعليٰ ظرف هو. ننگر جي انهن نامور سوڍن ۾ اپيسنگهہ سوڍو بہ هڪ هو .اپيسنگهہ جنهن جي اوطاري ۾ ويهي ماڻهون محبتون پرائيندا هئا. اهو اپيسنگهہ جيڪو پنهنجي ديس جي غريب جنتا جي نہ رڳو رکشا ڪندو هو پر، انهن جي ننگ ۽ ناموس کي پنهنجي عزت سمجهي عزت ڏيندو هو. هُو سموري عمر مٽي تي پٽڪو ٻڌي هلندو هو. مٽي اُگهاڙو هلڻ هن جي صفت ۾ ئي نہ هو. هاريءَ ناريءَ جو وڏو خيال ڪندڙ هي با اخلاق سوڍو سدائين ريتن جو رکوالو رهيو. سانگا جي جل ٿل جوين جهڙو هي پُرجلال سوڍو نہ رڳو امل جي اهميت کي سمجهندو هو پر، دل جو درياءِ ۽ سخي هئڻ سان گڏو گڏ وڏو مهمان نواز بہ هوندو هو. سندس گهر جي پِر ۾ موجود ڪچسري ڪوٺڙيءَ جو ڪک ڪک اڄ بہ

شاهدي ڏيندو تہ اپيسنگهہ جي امل ۾ ڪنهن لئہ بہ ٻيائي نہ هوندي هئي. امير غريب هر ڪنهن کي هڪڙي ئي رنگ ۾ هڪڙي ئي ريت سان امل ڪرائيندو هو. اهو ڪو اپاڳو ڏينهن هوندو هو جو اپيسنگهہ جي ڪوٽڙيءَ تي ڪو مهمان نہ هجي. امل جي دٻلي سدائين ڪيسي ۾ پيل هوندي هئي. ڄام خان وانڊيئي جي ڄام خاصخيلي سان سندس تمام گهري دوستيءَ هوندي هئي. هُو هر روز ڄام خان جي اوطاري واري ڄار جي ڇاتلن ڇتن هيٺ ويهي امل ڪسونبو ڪندو هو. ڄام خان آفيوم کونہ کائيندو هو پر هن سوڍي جو هٿ نہ واريندو هو. اپيسنگهہ کان امل وٺي پاڻ وٽ رکي ڇڏيندو هو ۽ بعد ۾ ٻئي ڪنهن ٻنڌاٽي کي ڏيئي ڇڏيندو هو. اپيسنگهہ کي بہ خبر هوندي هئي تہ ڄام خان امل واپرائي ئي کونہ پر، ڄام خان کي ڏيڻ کان سواءِ هن کي امل اُڳندو ئي کونہ هو. اها هُئي دوستيءَ. ڇون ٽا تہ ايڪهتر جي پاڪ ڀارت جنگ ۾ ڄام خان هن جي وڏي رکشا ڪئي هئي. هڪ ٻئي تي ساهہ ڏيئي پساهہ ڏيندا هئا. راڄ مهاڄڻ جا مامرا بہ گڏجي سُلجهائيندا هئا .ايڪتهر ۾ انڊيا لڏي وڃڻ کان پوءِ ڄام خان جو جيءَ جهري پيو. هن جي اوطاري جي اڱڻ ۾ بيٺل ڄار جي وڻ جو ڪنڌ جهڪي ويو. اپيسنگهہ جي ڪوٽڙيءَ جا ڏيئا گُل ٿي ويا. سانگا سُڪي ويئي. ڪجلاسر جي اک مان ڪجل هاڻو ڳوڙهو ڪري ڌرتيءَ ۾ گم ٿي ويو. اپيسنگهہ ٿراد مان نيم سان پنهنجي جگري يار کي خط لکندو هو. هن آخري خط ۾ لکيو هو تہ "يار ڄام خان ٻيو تہ ٺيڪ آهي جيئرو آهيان پر يار جمعدار اوهان ۽ ويراواهہ کان سواءِ امل (آفيم) لڳي ئي نٿو" هن ننڍڙي خط ۾ هن پوري دؤر جو درد اوتي ڇڏيو هو. پنهنجي يار ۽ وطن کان سواءِ مڙي ساهہ ڪٽي جيئڻ ۽ آفيم جو نشو نہ ٿيڻ ڪيڏي نہ پيڙا پُر ٿيل آهي ان هڪڙي خط ۾. ان پيڙا کي فقط ڄام خان ئي صحيح نموني سمجهي سگهيو هوندو. جنهن پاوڙياري ڳوٺ وٽ پنهنجي جگري يار کي آلين اکين ۽ ٽٽل دل سان الوداعي هٿ لوڏي وداع ڪيو هوندو.

ويراواهہ جي واڳ ڌڻين جو جڏهن بہ ذڪر نڪرندو تڏهن اپيسنگهہ سوڍي جي امل کي ضرور ياد ڪيو ويندو. ويراواهہ جي هن آخري گادي نشين

راجپوت جو امل سان عشق جي حد تائين پيار هوندو هو. هُن جو امل سان عشق ان ڪري هو جو هُو راجپوتن جي ثقافتي رسم رهاڻ جو ڪوڏيو هو. راجپوتن جي رهاڻ آفيم سواءِ اڌُوري هوندي آهي. هن ثقافت کي صدين لئه جيارڻ چاهيو ٿي. هُن چاهيو ٿي تہ اسان جي رهاڻ ٻين کان الڳ هجي، ان ۾ راجپوتي رسيا رنگ هجن. ان ۾ اسان جي پوروجنن کي يجمان رنگ ڏين. هُو جيستائين ننگر ۾ هو هن پنهنجي پرمپرا ۽ پنهنجي اصول کي پل بہ نہ وساريو.

اپيسنگهه انتهائي سادي قسم جو ماڻهون هو. هڪڙي ڀيري ڏاني دانڏل ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي کُلي ڪچهري رکيل هُئي. جتي خطي جا چڱا مُڙس سڀ گڏ ٿيل هئا. ڪمشنر ماڻهن جا مسئلا ٻُڌي رهيو هو. مسئلا ٻُڌڻ کان پوءِ آخر ۾ ڪمشنر تقرير ڪئي .تقرير ڪندي بار بار اهو جملو ورجائيندو رهيو تہ اوهان ڳالهين تي عمل نہ ٿا ڪيو. اپيسنگهه هڪڙو ڀيرو ٻُڌو، ٻيو ڀيرو ٻُڌو نيٺ وڏي آواز سان چيائين سائين روز امل (آفيوم) کيان ٿو. پارڪري لهجي ۾ چيائين ڪمشنر سمجهيو ڪونہ .ڪمشنر وري بہ تقرير جاري رکندي چوڻ لڳو تہ توهان عمل نہ ٿا ڪيو. هاڻ اپيسنگهه کان رهيو نہ ٿيو ۽ هُن پري ڪچهري ۾ آفيوم جي دٻلي کولي ڪمشنر کي ڏيکاريندي چيو تہ سائين رام جو سوڳند هڪڙو آئون نہ پر، هي سڀ روزانو امل ڪندا آهن. تڏهن ڪمشنر ٽهڪن ۾ ٻُڌي ويو ۽ هن سوڍي جي سچي دل ۽ معصوميت تي موهت ٿي داد ڏيندي چيو تہ سوڍا اڄ آئون بہ امل ڪندس .

پارڪر ۾ سوڍن جي انگريزن خلاف بغاوت جي شروعات بہ ويرا واهہ جي واڳ ڌڻين وٽان ٿي هئي. انهن پنهنجي ڀومي کي ڀيلڻ نہ ڏنو. پنهنجا پراڻ ڏيئي پنهنجو وطن بچائي ويا پر وطن انهن کي بچائي نہ سگهيو الئہ چو...؟ تاريخ جي تَن ۾ تير جيان چُڀندڙ اهو سوال صدين تائين هڪ معمو بڻجي رهجي ويو آهي تہ اهڙن مريادا پرشوتم ماڻهن کي ڌرتيءَ ڇو ڪونہ سَنا؟ ارڙهن هزار ايڪڙ فرسٽ ڪلاس جاگير جي مالڪ جڏهن ڌرتيءَ

چڙهي هوندي تڏهن يقينن هُن جي دل به درد مان تڙپي اُٿي هوندي. هُن پنهنجي سانگا ڏنڍ کي آخري ڀيرو ڏسڻ مهل جيڪو سرد شوڪارو ڀريو هوندو ان جي ڪيفيت فقط هُو پاڻ ئي سمجهي سگهيو هوندو.

اپيسنگهه جي جگري يار ڄام خان جي پوٽي ساگر خاصخيلي وايراواهه جي هن آخري تخت ڏٽي کي سارينديٰ لکيو آهي ته ”اهو ڪشادو اڱڻ نرين جي بجاءِ کِپ جي ڇاڃي سان ڍڪيل اورڙو اندروني ڏيک ۾ اڇي نوار سان ڀيل کٽ، ڏيئن کان سواءِ اداس جارا، ڀُري ويل پتيون ۽ آفيم واري رس رهاڻ کان محروم ٿي ويل ڪوتڙي! بس اهو ڪو گذريل پوڙهي صدي جا عڪس آهن جيڪي اتهاس جي ڪينواس ۾ اجان ڪروٽون موڙين پيا اهي ويراواه جي انهي آخري راجپوت گادي نشين اپيسينگهه جي انهي نگاه جو رهجي ويل منظر آهن جيڪا هن ويندي ويندي پاوڙياري جي ڳوٺ وٽ بيهي ڦيري هئي .هُو ٿورو مُرڪيو هو ۽ پوءِ هليو ويو هو! اها ڳالهه مونکي ساڻس گڏ انهي پٽو بجير ڪافي سال اڳ ٻڌائي هئي! مونکي خبر ناهي ته اها سندس پاڇل پڇتاءُ جو ڪو پيغام هو يا انهي مُرڪ ۾ انهي مٽيءَ لاءِ ڪو سنيهو هو جنهن تي هو ڪڏهن به مٽي اگهاڙو نه هليو هو! پر چڱائي انهي مرهيات گابر خاصخيلي ۽ سندس پُٽن جي به نه وڃائڻ ڪپي جيڪي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي غريباڻي حال سارو اڄ به انهي اپسينگهه جي رجواڙي جي رکوالي ڪندا اچن! مونکي هڪڙي ڀيري منهنجي ڪاڪي ٻڌايو هو ته اپيسينگهه هتان وڃڻ کان پوءِ ڀارت مان مسلسل ڏاڏي ڏانهن چٺي چپاٽي لکندو رهندو هو. آخري خط ۾ هُن پارڪري لهجي ۾ هيئن لکيو هو( يار جوم خون ڀيجو تو ٺيڪ سي جيوتو سون پڻ يار جمعدار تمون هون وگر نه ويراواه هون وگر امل اوگتوئي ئي نٽي) ترجمون “ يار ڄام خان ڀيو ته ٺيڪ آهي جيئرو آهيان پر يار جمعدار اوهان ۽ ويراواه کان سواءِ امل (آفيم) لڳي ئي نٿو“ اهو آخري خط هو جيڪو اپيسينگهه ڏاڏي کي لکيو هو!

اپيسنگھہ سوڍو امر سنگهہ سوڍي جو گود جو پُٽ هو. هُن واگڙ مان شادي ڪئي هئي ۽ ٿرادي لهجي ۾ ڍاٽڪي ڳالهائيندو هو. تمام امن پسند انسان هو.

اهڙن سُرنگن سوڍن جي وڇوڙي جتي وطن کي ويراڳ ۾ وڪوڙي ڇڏيو اُتي گهڻن ديش ڀڳتن جي دلين کي بہ ڏاري ڇڏيو. اهي تہ ويا هليا پر انهن جون سارون اڄ بہ سيني بہ سيني نسل در نسل هليون اچن. جيستائين پارڪر جي پهاڙن جي عظمت جو اهڃاڻ ڪارونجهر ڪنڌ مٿي ڪڻي بيٺو هوندو تيستائين اُڏيسنگهہ جي تلوار جي تجلن، ڪيسُوياءَ جي حُب الوطنيءَ، ڪلجي جي بهادريءَ ۽ اپيسنگهہ جي امل کي ڪير بہ وساري نہ سگهندو. هُو صدين جي صدا بڻجي مارو‌ڙا جهڙي مهڪ سان ديس جي وڻ وڻ کي واسيندا رهندا

***

# ڪيسُو ڀاءُ سوڍو

ننگر جي نزديڪ آباد ڳوٺ پورڻ واءَ جي پٽيل ڪارو ڀاءُ سوڍي جي ڪنور ڪيسوڀاءُ سوڍي کي ڀلا ڪير وساري سگهندو. هُو جيڪو هن ڌرتيءَ جو اهو حلالي فرزند هو جنهن جي جلالي جوڀن ۾ ملڪ سان ڪيل محبت کنهن بہ ذي فهيم کان ذرو بہ لڪيل ناهي. هُو جنهن جي منشور ۾ ملڪ جي مٽيءَ کان مٿي ڪو بہ نُڪتو اهم نہ هو.هن لئہ ڪارونجهر جو جبل ئي عظمت جو اهڃاڻ هو.هُو جيڪو ڪنهن بہ ڌاڍي اڳيان ڌرڻ سکيو ئي نہ هو. هن سُتي ۾ ئي اهڙي سُرڪ ڀري هُئي جنهن ۾ وطن سان محبت جو خمار اپرم پار هو.ڀوڏيسر جاگير جو مالڪ ڪيسوڀاءُ سوڍو ڀهريون گهر هندستان مان پرڻيو هو. ڪيسوڀاءُ جي قسمت ۾ اُن راجپوتاڻي راڻيءَ جو ساٿ بس چند سالن تائين لکيل هو. ڪيسُوڀاءُ وڏو رومانٽيڪ سوڍو هو. ننگر جي هڪ ناريءَ جي نيرين اکين جو هي عاشق مزاج سوڍو اسير بڻجي ويو. ڪارونجهر جي عشق هن کي قيد ڪري ڇڏيو. ڪيسُوڀاءُ جي عشق جي جڏهن سندس ساهُوواڙي کي سنڌ پيئي تڏهن اُها ناراض ٿي هميشہ لئہ پنهنجن مائٽن ڏي هندستان هلي ويئي ۽ ڪيسُوڀاءُ کي سمجهائي هندستان وٺي وڃڻ لئہ اُتان وقت جي مشهور ڌاڙيل ٻلونت سنگهہ ٻاڪسر واري کي موڪليائين جنهن ننگر ۾ اچي هن ڌرتيءَ جي دادلي کي چيو تہ هل هندستان هلون. تڏهن ڪيسُوڀاءُ سوڍي پنهنجي مُڇن کي تاوَ ڏيئي وراڻيو تہ

ٻليا..! تنهنجي هٿيارن ۾ ايڏي همٿ ئي ناهي جو پورڻ واءَ جي هن ڪيسرئي ڪي ڪيرائي سگهن. دنيا ۾ اجان اهڙي گولي ئي ايجاد ناهي ٿي جو ڪيسُوياءُ جي ڇاتي مان پار ٿي سگهي. سو ماٺ ڪري موٽي وڃ. منهنجو جيئڻ مرڻ هن ڀومي جي ڀاڱ سان واڳيل آهي. مون کي جيڪڏهن وٺي هلڻ چاهين ٿو تہ ڪارونجهر کي ڪوري ڪٽي هل .ڪارونجهر کي ڏسڻ کان سواءِ آئون پل بہ جيئرو رهي نہ سگهندس. چون ٿا تہ اهڙي ارڏي ورندي ڏيڻ تي ٻلونت سنگهہ ماٺ ڪري واپس هليو ويو ۽ هي ڌرتيءَ جو سپوت پُٽ هميشہ لئہ ملڪ جي مٽيءَ ۾ رهي پيو.

پنهنجي ڪُٽنب جي جُدائي جي ڳاراٽي ۾ ڳرندڙ ڪيسُوياءُ سوڍي نيٺ هتان ٻي شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس هڪ پُٽ ۽ ست نياڻين جو اولاد ٿيو. پُٽ جو نالو بابُو هو. بابُو بہ گُذاري ويو آهي. بابُو جو پُٽ يعني ڪيسُوياءُ جو پوٽو بادشاهہ آهي جيڪو هن وقت پورڻ واءَ ۾ رهي ٿو. ڪيسُوياءُ جي پُراڻي اوطاق کي بادشاهہ اڄ بہ آباد رکيو اچي.

پنهنجي ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ سان ساهُن جي آخري هچڪي تائين وفا جو وچن نڀائيندڙ هي البيلو عاشق ڦهرين اپريل **1978**ع تي هن دنيا مان هميشہ لئہ الوداع ڪري ويو. پارڪر جي ڀاڙن سان ٻي انتها محبت ڪندڙ هن مهان ماڻهون کي ڀوڏيسر تلاءَ جي پير ۾ اگني سنسڪار ڪيو ويو. ڪيسُوياءُ ڌرتيءَ خاطر پنهنجي ڪُٽنب مان جدا ٿي ويو پر وطن مان جدا نہ ٿيو. نہ پاڻ جهُڪيو نہ ڪارونجهر کي جهُڪڻ ڏنو. ڪارونجهر جو ڪنڌ اڄ بہ فخر ۾ اوچو آهي، جنهن کي ڏسي ڪيسُوياءُ جو روُح ڀوڏيسر جي پير ۾ اڄ بہ مور جيان رقص ڪري ٿو. ڪيسُوياءُ جي قبر پرائمري اسڪول ڀوڏيسر جي ڏکڻ ۾ هڪ ڇاتليءَ جار هيٺ نهيل آهي. جنهن تي هندي ۽ سنڌي ٻنهي زبانن ۾ ڪيسُوياءُ جو نالو لکيل آهي تہ: ڪيسر سنگهہ ولد ڪارُوياءُ سوڍو ڀوڏيسر ۽ جوڙائيندڙ جو نالو لکيل آهي تہ: بابُو ولد ڪيسر سنگهہ سوڍو ڀوڏيسر ۽ ديهانت جي تاريخ بہ لکيل آهي ۽ سندس قبر تي اهو بہ لکيل آهي تہ، هن جي پسگردائي ۾ موجود هڪ ايڪڙ ٻني گئوچر ڇڏيل آهي جنهن جي پوکي

منع ٿيل آهي. ڪيڏي نه افسوس جهڙي ڳالهه آهي جو هزارين ايڪڙ پوڏيسر جاگير جي مالڪ جي حصي ۾ آخرڪار هڪ ايڪڙ زمين آئي. وطن خاطر پنهنجو اهل و ايال ڇڏي ڏيندڙ اهڙي محب وطن سوڍي جي پنهنجن جي مساڻن کان الڳ قبر ڏسي اکيون پرجي اچن ٿيون. هن وطن خاطر هيڏي وڏي قرباني ڏني جو جيئري ته جدايون پوڳيون پر مُئي پُڄاڻان به پنهنجن سان ملي نه سگهيو. حيف هُجي اسان جي سوڍڪي سماج کي جنهن اهڙي ساير سوڍي جي ڪڏهن ورسي به نه ملهائي جنهن کي ڌرتيءَ جي شاعرن ۾ ليڪڪن پنهنجي تخليقن جون شالون اوڍائي سماج ۾ سُرخرو ڪيو آهي. جس هجي مالسرئي جي مور، ننگر جي نامور شاعر ناشاد سمي کي جنهن پنهنجي نخريلي نثر ۾ ڪيسُوياءُ جي قدرشناسي هن ريت ڪئي آهي ته،” ڪيسوياءُ سوڍو سُونهن سيرت رومانس ۾ وطن دوستي جو اهڙو ڪردار آهي جنهن جي هاڪ ڪارونجهر جيئن اڄ به ڏيهان ڏيهه ڏيئو ٻڻجي اتهاس جي اڱڻ تي چمڪي ٿي. ڪيسوياءُ ميران جي اکين ۾ اهو وطن مرڪندي ڏٺو هو جنهن ۾ مورن جو هر ٿهوڪو چنديرام پاٽ جو دوهو محسوس ٿيندو هو. جنهن ۾ پتياڻي ڪنهن ستي جو روح ٻڻجي سُڏڪندي رهندي هئي. جنهن ۾ ڪجلاسر جي ڪجل - ريک چر ۾ رڳو ڪنوارين ڪجلين اکين جا سپنا ئي نه هوندا هئا پر ڳاڙهن ڳيروئن جي اها آخري نهار به ترندي رهندي هئي جيڪا هو ڌرتي دروهين سان سينو ساهڻ لاءِ وڃڻ مهل پنهنجي پريمڪائن جي نشيلن نيڻن ۾ صدين جي سار طور سوکڙي ڪري ڇڏي ويندا هئا. جنهن ۾ پپيهن جي هر پُڪار سارنگا جو سڏ محسوس ٿيندي هُئي .جنهن ۾ هر اپرندڙ سج اڏيسينگهه سوڍي جي تلوار جي چمڪي جيئن چمڪندو هو. هر رات چندن گڊ جي چاوي ٽيڻ جي گواهي ڏيندي هئي هر شام روپلي جي انڪار جو وچن ورجائيندي محسوس ٿيندي هئي. هُن ان ڪري ئي پنهنجو ولهار جهڙو وطن ڇڏڻ نه ٿي چاهيو ۾ ٻلونت سنگهه (ٻليئي) ڏاڙيل کي سينو کولي چيو هو ته منهنجو انڪار ڪارونجهر اٿئي

ڪارونجهر ڪي پنهنجي مقرر ماڳ تان ڪير جيئن هٽائي نہ سگهيو آهي ايئن مونکي بہ منهنجي انڪار تان ڪير پوئتي پير ڪرائي نہ ٿو سگهي“.

شابس هُجي خليل ڪنڀار ڪي بہ جنهن پنهنجي لاجواب ڪويتا ۾ هن ڪي صدين لئہ امرتا بخشي ڇڏي. ڪيسُوياءُ سوڍي ڪي خليل ڪنڀار نظم ۾ هن طرح ڀيٽا ڏني آهي تہ :

ٻليا تو ۾ ٻل ئي کهڙو،
تو وٽ موت اجل جون ڳالهيون،
تون آن ڦورو، ڌاڙا مارين،
تو وٽ سون پتل جون ڳالهيون
ماٺهو منجهہ مٽي ڪيئن مهڪي،
توکي ڪونہ سمجهہ ۾ ايندو.
رت اُبڙڪا ڪائي ٿهڪي،
توکي ڪونہ سمجهہ ۾ ايندو
مونکي ساڻ وٺڻ تو چاهين،
ڪارونجهر کي ڪوري ڪڻ تون،
۽ هي سارو ديس ڪٽي هل،
جنهن ۾ ٽاڪ منجهند جو اڪٽر،
موکئي وارو رڻ گجي ٿو،
ڪجلاسر تي ريک ڪجل جي،
ڀوڏيسر جو ڀر سُجهي ٿو،
ناريل جو وڻ نشاني،
سارنگا جو گهر سُجهي ٿو،
اُپيسنگهہ جو امل بہ تازو،
چام خان جي اوتاري ۾،
مون لئہ تازي چانهہ چڪي آ
ڪولهي اٺ ڪپاريئي جا ۽،

هڪ حسيني چانڊيو آهي،
ذات ۽ پات جو ويچو ڪونهي،
ڌرتي دين ڌرم جيئن آهي‘
صابوسڻ جي پاڙهيارين جي،
هڪڙي ڇيل ڇبيلي ٽولي،
سانوڻ ڪنهن پرپور جيان آ‘
ٿلندي مور ٽڪور جيان آ‘
ڪارونجهر جي سونهن جواني،
ڪولهي ڇڙ تہ ڪڇي ٿو ڪاتر،
گهرٽياري گهاٽ مٿان ڪو،
ناتر جو ٽڪساٽ بہ ڪونهي‘
ڌرتي هڪڙي جاٽ بہ ڪونهي،
پو ۽ بہ منهنجو ديس ڪڏهن هي،
پرديسن ۾ ڪين نہ پني ٿو،
رُت سنياري، ڪڪريون ڪائي‘
مور بہ ناتو ڪين نہ چني ٿو،
هي نظارا ۽ هر منظر،
هينئڙي بار جيان ٿي بيهندو،
توسان جيڪر هلندس آئون،
منهنجو ديس اڪيلو ٿيندو،
تون نہ ڪٿيرو ڪيس بہ ڪونهي،
ٽونئر، ٽڪون ۽ ويس بہ ڪونهي،
ها پر توکي ديس بہ ڪونهي
ماٺو منجهہ مٿي ڪيئن مهڪي،
توکي ڪوڏ سمجهہ ۾ ايندو.

توکي کونہ سمجھ ۾ ايندو.

ڪيسُوياءُ سوڍي جي حُب الوطنيءَ کي نہ رڳو خليل پنهنجي ڪُڙڪُٻيتي جهڙن خيالن ۾ چٽيو آهي پر عبدالواحد آريسر جي نثر جون سڪون لاهيندڙ ننگر جي نامور ليکڪ ساگر خاصخيلي بہ پنهنجي نرالي نوعيت ۾ انوکي انداز ۾ ڪيسُوياءُ کي ڪمال جي ڀيٽا ڏني آهي.ساگر لکي ٿو تہ”ڪيسو ياءِ سوڍو جيڪو مردانہ حُسن جو اَمُلهہ ماڻڪ هو ۽ جيڪو پنهنجي ڌرتي سان دل لڳي جو انتهائي انوکو ۽ حَسين حوالو هو. ڪيسو سوڍو جنهن جي اندر ۾ مٽيءَ جي مريادا ڦوڳ جي ڦولار جيئن هر ويل هُٻيل هوندي هئي. هُو سچي ڪيسر جي سڳنڌ جهڙو ڪيسو ياءُ راجپوت جنهن جي شهپرن جي موڙ کان وٺي ڦينٽي جي هر ور ۾ راجپوتي روايتن جا من موهيندڙ رنگ رقص ڪندا هئا.هُن مٽيءَ جي سورهيہ سپوت راجپوت پٽ کي ثقافت، تهذيب ۽ اصولن جو پرم سُتي ۾ پياريل هو. هُو رومانوي رنگ جو رسيا راجپوت جنهن سدائين جنم ڀومي جي ڀاڪرن ۾ رهي خزائن ۽ بسنتين کي ڀليڪاريو هو. پارڪر جي پٿريلي ڀونءِ جي اتهاس جي سفر تي جڏهن بہ ڪنهن مورخ پنهنجي قلم جو ڪرهو پلاڻيو تہ ڪيس ڪيسوياءُ سوڍي جي ڪردار کي اڳئين قطار ۾ جاءِ اَوس ڏيڻي پوندي“.!

منهنجي ساڃاهہ وند سوڍن کي مؤدبانہ گُذارش آهي تہ مهرباني ڪري اهڙن هيرن جو قدر ڪيو جن کي ڌرتيءَ جا ساڃاهہ وند پنهنجي تخليقن جا تاج پارائي صدين لئہ دوام بخشي رهيا آهن. اوهين بہ گهٽ ۾ گهٽ هنن جي نالي کو يادگار جوڙايو .ڪڏهن ڪڏهن ورسيون ملهايو. صفا وساري نہ ويهو. صفا وسارڻ واجب ناهي.

***

# پيرڏان سنگھ سوڍو

پابوهر جي رجواڙي ۾ راوت سنگھ سوڍو انتهائي نيڪ دل سخي ۽ مهمان نواز ماڻهون هو جنهن انتهائي ڪسمپرسي واري ڦهري حالتن ۾ اٿهوند جي باوجود پنهنجي روايتي پرمپرا ڪي پيٺ تي پٽر ٻڌي ٻہ پاريو هو. چون ٿا تہ راوت سنگھ سوڍو پنهنجي ٻني پاڻ پوکيندو هو. صبح جو سوير ٻاجهر جي ماني ۽ جهڙ ڪٽي ٻني ڏي ويندو هو اُتي ايستائين ماني نہ کائيندو جيستائين ڪو مهمان اچي. ڪڏهن ڪڏهن مهمان جي انتظار ۾ اُلڪي ۾ سج لهي ويندو هو ماني ڪون کائيندو هو واپس گهر ڪٽي ايندو هو. رڳو ان الڪي ۾ تہ متان ڪو ناسيٺو يا ڪو عزيز اچي وڃي ۽ ماني نہ هجي تہ منهنجي پت ڇا رهندي. ان ڪري پاڻ لنگهڻ ويهي رهندو. ڇا تہ سوڍي جي سخي دل هُئي. اُن ڏاتار جي گهر ۾ ٻہ پُٽ پيدا ٿيا. هڪڙو وينجهراج سنگھ سوڍو ۽ ٻيو پيرڏان سنگھ سوڍو. وينجهراج سنگھ جا ٻہ پُٽ ٿيا تپيدار سوائي سنگھ سوڍو ۽ منگل سنگھ سوڍو. شريمان راوت سنگھ سوڍي جي گهر ۾ **4** جون**1930** ع تي جنم وٺندڙ پيرڏان سنگھ سوڍو بہ پنهنجي دؤر جو دلبر ماڻهون هو .راجپوتن ۾ انتهائي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندڙ پيرڏان سنگھ سوڍو نرن سوڍن ۾ نامور سوڍو ٿي گُذريو آهي. جنهن جي عقل ۽ ڏاهپ جا گُڻ اڄ بہ راجپوتي رجواڙن ۾ ڳائجن پيا.

پيرڏان سنگهه سوڍي شروعاتي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ پابوهر ۾ پرائي ۽ ثانوي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي مان حاصل ڪئي. جتي هُو پوزيشن هولڊ هو. اڄ تائين سندس نالو مٺي هاءِ اسڪول ۾ بورڊ تي لکيل آهي. **1952**ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ يونيورسٽي آف سنڌ حيدرآباد مان پاس ڪيو. **28** جون **1952**ع تي سرڪاري ملازمت ملي ويئي ۽ ٿرپارڪر جي روينيو کاتي ۾ جونيئر ڪلرڪ طور ڊيوٽي جوائن ڪئي. سرڪاري ملازمت ملڻ کان پوءِ شاهه عبداللطيف گورنمينٽ ڪاليج ميرپورخاص ۾ شام واري سيشن ۾ بي-اي جي داخلا ورتي جتان **1956**ع ۾ بي-اي فائنل پاس ڪيو. تعليم کي اڳتي جاري رکندي **1966**ع ۾ قانون جو امتحان ايل-ايل-بي پاس ڪيو. آڪٽوبر **1958**ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو روينيو کاتي وارو ڊپارٽمينٽل امتحان ڏنو ۽ ڪواليفاءِ ڪري سينئر ڪلرڪ طور ترقي ماڻي. **1966**ع ۾ اسسٽنٽ طور پروموشن ملي.

پيرڏان سنگهه سوڍو ڪجهه عرصو هيڊ منشي/ سب ٽريزري آفيسر ۽ ٿرڊ ڪلاس ماجسٽريٽ طور ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص جي مختلف تعلقه آفيسن ۽ برانچن ۾ ڪم ڪيو. **1972**ع ۾ مختيارڪار طور **16**هين گريڊ ۾ ترقي ملي. **1974**ع ۾ فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ جا پاور مليا ۽ ٿرپارڪر،ٺٽو،دادو ۽ بدين ضلعي جي مختلف تعلقن ۾ مختيارڪار ۽ فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ جي حيثيت سان ڪم ڪيو. **1979**ع ۾ ڊويزنل مارشل لا ايڊمنسٽريٽر طرفان بهترين ڪارڪردگي جو ايوارڊ حاصل ڪيو. سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ مختيارڪار طور ڪم ڪندي اي-ڊي-بي-پي جي بهترين رڪوري تي ٻه ڀيرا ڪيش انعام (هڪ هزار روپيا) ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽن سميت ڪمشنر حيدرآباد هٿان وصول ڪيا. **1983**ع ۾ **17**هين گريڊ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر **(A-C)** طور ترقي ملي ۽ ايڊيشنل سٽي ماجسٽريٽ جي حيثيت سان حيدرآباد ۾ ڪم ڪيو. گڏو گڏ مليٽري ڪورٽ حيدرآباد ۾ ميمبر طور پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا.

اسسٽنٽ ڪمشنر طور چار سال حيدرآباد ڪمشنر جي ماتحت ڪم ڪندي آخر ڪار اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ سب ڊويزنل ماجسٽريٽ طور ماتلي ضلع بدين ۾ ڊيوٽي ڪئي جتان 4 جون 1990ع تي رٽائرڊ ٿيو. پيرڏان سنگھ سوڍو گڙنگ زميندار ۽ وڏو مهمان نواز ٿي گُذريو آهي. ماتلي تعلقي جي شهر مالڪاٽي شريف جي ويجهو سندس ٻني ۾ وهنڊڙ پنهنجي نالي سان واٽر اج بہ موجود آهي. سندس ٻني تي موجود پڪسري اوطاق اج بہ اٿنين لئہ وڏي آسائش آهي جتي سندس سپوت پوٽو نرپت سنگھ سوڍو مهمانن جي آجيان ۾ اج بہ پنهنجا نيڻ وڇائي ڏاڏي جي ڏُکايل ڏيئي جي وٽ کي وسامڻ نہ ٿو ڏي. پيرڏان سنگھ سوڍي جي دوستي جو دائرو انتهائي وسيع هو. سنڌ جا وڏا وڏا زميندار، جاگيردار، ڪامورا، سياستدان، شاعر، ليکڪ، فنڪار مطلب هر مڪتب فڪر جي ماڻهون سان هن سوڍي جي دوستي هوندي هُئي. پيرڏان سنگھ سوڍي جو هڪڙو اهم اصول هوندو هو تہ هُو روز ڊيلي ڊائري لکندو هو. پيرڏان سنگھ سوڍي جي لکيل ڊائري ۾ هڪڙو دؤر محفوظ ٿيل آهي. اهو دؤر جيڪو سوڍڪي شان جو عروج وارو دؤر هو . پيرڏان سنگھ سوڍي جي ڪيرٽي واري خانجي سوڍي سان وڏي دوستي هوندي هُئي .خانجي سوڍو ۽ پيرڏان سنگھ نہ رڳو هڪ ٻئي کي ڀائرن وانگي ڀائيندا هُئا پر هڪ ٻئي جو وڏو آدر ڪندا هئا. سماج ۾ هڪڙي جي ڪيل ڳالهہ تي ٻيو اک پوري اعتماد ڪندو هو.

پيرڏان سنگھ سوڍو انتهائي دوُر انديش ماڻهون هو. هن وٽ ماڻهون ماڻهون جي پرک هوندي هُئي. هُو پري کان سُڃاڻي وٺندو هو تہ همراه ۾ ڪيترا ڳڻ آهن .مالڪ هن کي هن انوکي ذات سان نوازيو هو. عقل هُن وٽ جائي جم کان هٿيڪو هو .عقل، ڏاهپ، فهم ۽ فضيلت جي ڪري ئي هن کي ڀاڻ جي راٺي راڻا چندر سنگھ وزير اعظم نواز شريف جي شفارش سان ري امپلائيمينٽ وارو آرڊر ڪرائي پنهنجو اسسٽنٽ ڪري رکيو هو نہ تہ ٿر ۾ پڙهيل لکيل تہ ٻيا بہ جام هئا.پر هن ۾ ڪا اهڙي انوکي ذات هُئي جو راڻي صاحب جو هن تي وڏو وشواس هو.

23 نومبر **1992**ع تي پيرڏان سنگھ سوڍي جو فيڊرل منسٽري ۾ راڻا چندرسنگھ جي پرسنل اسسٽنٽ طور ري امپلائيمينٽ آڊر ٿيو ۽ سرڪاري ملازمت ملي. راڻا چندر سنگھ ان وقت نارڪو ٽيڪس ڪنٽرول جو وفاقي وزير هو.

رٽائرمينٽ کان پوءِ راجپوتن جي سماجي ڀلائي لئہ پاڻ پتوڙيندي آخرڪار 17 آگسٽ **2012**ع تي دم ڏٽي حوالي ڪيو.

پيرڏان سنگھ سوڍي ننگر پارڪر جي ڳوٺ ميگھ مالٺهور مان کاوڙيہ راڻوڙن مان شادي ڪئي هئي.پيرڏان سنگھ جا چار پُٽ ٿيا.پريم سنگھ، هنيسنگھ ،ڪانجي ۽ ڏنجي سنگھ .پريم سنگھ ايگريڪلچر کاتي ۾ ڊپٽي ڊاريڪٽر ٿي رهيو آهي .ڪانجي تپيدار هو رٽائرٽمينٽ کان پوءِ هندستان ويو هليو. هنيسنگھ فوڊ انسپيڪٽر هو. هنيسنگھ گُذاري ويو آهي.ڏنجي اسسٽنٽ مختيارڪار ٿي رهيو آهي .سمورو اولاد پڙهيو لکيو ۽ وڏن عهدن تي رهيو. پريم سنگھ جو هڪڙو پُٽ آهي نرپت سنگھ سوڍو جيڪو انتهائي بهترين انسان يار ويس ماڻهون ۽ دلڙي دوست آهي.هن جي من ۾ مون ڪڏهن بہ ڪنهن لئہ بہ مندي نہ ڏٺي. هر ڪنهن لئہ سدائين سُٺو سوچيندڙ نرپت سنگھ سوڍو انتهائي سادگي سان ڀرپور ۽ انسان دوست ماڻهون آهي.هن جي منهن تي سدائين مرڪن جا پوپٽ پرواز ڪندا رهندا آهن.

***

# خانجي سوڊو

هُو جيڪو ڪيسر مڪواڻي جي ڪڙلي نگر (ڪيرتي) جو والي وارث هو. هُو جيڪو مگهجياڻي پريوار جو ڪُل ديپڪ هو. هن جي سهائي ۾ سمورو ڳوٺ ڪنهن پڻرسي فانوس وانگي روشن هو. پڳ واءِ (ڪوھ جونالو) جو پاڻي پِي وڏو ٿيل هي سورج سريڪو سوڍو وڏو ديالو مرد هو. هن جي سڀاوَ ۾ شيتلتا ۽ ڪوملتا اپرم پار جهلڪندي هئي. هن جي قول ۽ فعل ۾ ڪو بہ تضاد نہ هوندو هو. هن جي گفتار ۾ پيار جو هُڳاءَ ۽ انسان جي اڏولتا جا احساس ڀهڪندي نظر ايندا هئا. هن کي مون حياتي ۾ ڀهريون پيرو پير پٿوري جي درگاھ تي باس باسيندي ڏٺو هو. هو مٿيءَ جي سير لاءِ مرشد پير پٿوري جي چائنٺ ائين چمي رهيو هو جئين موهن ڪلپنا پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ جي درشن لاءِ خواجہ معين الدين چشتي جي درگاھ جي چائنٺ جو ڏاڪو ڏاڪو چميو هو. نہ موهن کي سنڌ ملي ۽ نہ ئي هن سوڍي کي نرينہ اولاد !! هن جي من ۾ پٽ جي هڪ تمنا هئي جيڪا اکين مان جهلڪي رهي هئي. سڄي عمر درويش اوگهڙ ناٿ جي آستان ۽ سيد مڙد شاھ جي مزار تي ماٿو ٽيڪي ٽيڪي هن سڄي دل سان باسون باسيون پر پرماتما شايد هن جي قسمت ۾ نرينہ اولاد جو نالو ئي نہ لکيو هو. يا سندس وڏڙن کي مليل سراپ ستن پيڙهين تائين هن جو بہ پيڇو ڪندو رهيو.

اها ڳَل ڪلتار ڪي ئي آهي، هُو جنهن جي ٻاتڙي ٻولي ۾ ڪنهن ٻوگهلي ٻار جي اهڙي صدا سمايل هئي، جنهن ڪي دل سان سڻندي ماڻهن جي من ساگر ۾ محبت جا درياءِ اُٿلي پوندا هئا. هُو وڏن سان وڏو ۽ ننڍن سان ننڍو ٿي وڏي پيار ۽ پاٻوھ مان ملندو هو. هُو گوتم ٻُڌ جي گيان ”اپو ديپو ڀوا “ ( پنهنجو ڏيئو پاڻ ٿي ) تي پورو پورو عمل پيرا هوندو هو. هن جي اندر ۾ مهاتما گانڌي وارو اهنسا وادي انسان بہ موجود هو. تہ مهاوير وارو ” جيوَ پراڻي “ سان پريم ڪرڻ بہ هن جي رڳ رڳ ۾ شامل هو. هُو ماڻهون تہ ڇا پکين ۽ جانورن سان بہ پيار ڪندو هو. هن سان ڪير ڪاوڙ ۾ ڪڙو ڳالهائيندو هو تہ هُو مرڪي جواب ڏيندو هو .هُن جي من ۾ بدلي جي ڀاونا ڪڏهن بہ ڪر نہ ڪنيو. هُو اڪثر چوندو هو تہ گانڌي جي هن قول تي ڪير سوچي تہ دنيا روشن ٿي پوي ” اک جي بدلي اک گهرنداسين تہ دنيا انڌي ٿي ويندي“ هن ڪڏهن بہ ڪرم جي بدلي قل جي اڇا نہ گهري. سدائين ٻين ڪاڻ جيئڻ ۾ ئي جيون جي سڦلتا سمجهي! . .

ڀهرين جنوري **1936**ع تي شريمان سونسنگھ سوڍا جي گهر ۾ جنم وٺندڙ هن آدرشوادي انسان شروعاتي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ ڪيرتي مان حاصل ڪئي. **1951**ع ۾ هن ست درجا سنڌي فائنل پاس ڪيو . مئٽرڪ **1954**ع ۾ ڊي_ ايل _بي هاءِ اسڪول مٺي مان پاس ڪئي. ساڳي سال يعني **24** سيپٽمبر **1954** ع تي سرڪاري ملازمت ملي .ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي حيدرآباد آفيس ۾ بطور ڪلارڪ پنهنجا فرض سرانجام ڏنا. ايمانداري سان پنهنجو فرض نڀائيندي تمام وڏي ترقي ڪئي. آر ٽي اي ۾ اسسٽنٽ آفيسر جي عهدي تي **31** ڊسمبر **1995**ع تي رٽائرٽمينٽ ورتي. حيدرآباد ۾ نوڪري دوران سندس رهائش گاھ وحدت ڪالوني بي **12** وارو فليٽ هئي، جيڪا ٿر واسين لاءِ ڪنهن اوطاق کان گهٽ نہ هئي. اڄ ڪلهہ تہ ٿر بہ وڏي ترقي ڪئي آهي .هر سهوليت تقريبن سولائي سان ميسر آهي، پر سٺ ستر ۽ اسي واري ڏهاڪي ۾ بلا جي ڪکايل جو علاج بہ حيدرآباد کان اورتي نہ ٿيندو هو. تڏهن هي سخي سوڍو حيدرآباد ۾ ويندڙ هر ماڻهو جي

وس آهر مدد ڪندو هو. نہ رڳو ايترو پر اجهو بہ ڏيندو هو. خانجي سوڍي جي ان خدمت ڪي ٿر جا انيڪ ماڻهون اڄ بہ ياد ڪن ٿا .سوڍي ڪان ڪير ڪڏهن اوکيءَ ۾ بہ پئسا گهرندو هو تہ هُو بنان ڪنهن پڇا ڳاڇا جي هڪدم ڪيسي ۾ هٿ وجهي بند مُٺ ۾ بنان ڳڻپ جي پئسہ سامهون واري جي ڪيسي ۾ وجهندو هو ۽ چوندو هو تہ ”ٻڌي مُٺ لاک لهي “ اهي پئسہ هن ڪڏهن بہ ڪنهن کان واپس نہ ورتا. هن کي ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ وڏو مزو ايندو هو. خانجي سوڍي نہ رڳو اوکي ۾ ماڻهن جي سهائتا ڪئي پر نہ ڄاڻ ڪيترن بيروزگارن کي روزگار لڳرايو.سرڪاري نوڪريون وٺي ڏنيون. اڄ ڪلهہ اهي احسان فراموش ٿي ويا آهن تہ ٻي ڳالهہ آهي، پر هن انهن جي زندگين کي سنوارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو.

خانجي سوڍي جي ملازمت واري دور ۾ ٿر ۾ تعليم جي بہ سهوليت نالي ماتر هئي .ٿر جي راجپوتن جا انيڪ ڇوڪرا هن وٽ ٻي **12** واري فليٽ تي رهندا هئا، جن کي نہ رڳو تعليمي خرچو ڏيندو هو پر ماني ٽڪي ۽ ڪپڙو لٽو بہ ڏيندو هو.خانجي سوڍو فقط هڪ انسان نہ هو پر هُو هڪ ادارو هو. اهڙو ادارو جنهن جي ڇپر ڇانوءَ ۾ انيڪ بيروزگارن کي روزگار مليو انيڪ غريبن کي تعليم جهڙو زيور مليو ۽ انيڪ مريضن کي هن جي مدد کان پوءِ شفا ملي..

خانجي سوڍي ڳوٺ منڙيو پتي مان پوپال سنگهہ پتي جي گهران شادي ڪئي اولاد ۾ کيس فقط هڪڙي ڌيءَ هئي. جنهن کي ڪڇ ڀڄ ضلعي جي ڳوٺ رام پورا ويڪرا جي صاحب جاڙيجي پرٿوي راج سنگهہ سان پرڻائي نياڻڪو بار پنهنجي ڪلهن تان لاهي ويو. نرينہ اولاد نہ هئڻ ڪري ڏجئہ سنگهہ سوڍي جي موپي پٽ رٽڇوڙسنگهہ کي گود ۾ ورتو. سوڍو خانجي تمام سادي طبعيت جو مالڪ هو. سدائين اڇي ويس ۾ ملبوس هوندو هو. سڄي ڄمار هڪڙي سواري رکيائين ٽويوٽا جيپ ۽ ڊرائيور بہ هڪڙو ئي ڪارو ُ ياءُ ڪوٽڙيو جهپيو وارو !.سياسي طور بہ سدائين سرگرم هوندو هو. ڏاٽ جي روپاڙي راڻي راڻا چندر سنگهہ سان تمام ويجها تعلقات هئا. راڻا چندر

سنگھ هن جي هر ڳالھ رکندا هئا. هن ايڏي وڏي سياسي ايپروچ جو ڪڏهن بہ غلط استعمال نہ ڪيو. سدائين هر ڪنهن جو ڀلو ڪيو.ڇا ڪاڻ تہ هُو خود ڀلو هو.

دڙن جي هن ديس واسي جي مٽيءَ جو پنهنجي مٽيءَ سان نہ ملڻ وارو ڏک رڳو ڪيرتي جي نبن سوڍن کي ناهي پر سموري ٿر جا اهي اهل دل ڏکارا آهن، جن جي هن سوڍي سان بي انتها محبت هوندي هئي . هالم سنگھ جي هونهار ۽ هر دلعزيز پُٽ وشن سنگھ تپيدار سان گڏ، پنهنجي اڪيلي ڌيءَ سان ملڻ خاطر **2005**ع ۾ سرحد پار ويو هو. جتي **26** جولاءِ**2007** ع تي دل جي دوري پوڻ سبب هميشہ لاءِ موڪلائي ويو.سوڍي خانجي جو پنهنجي ڀومي کان پري پرائي ڌرتي تي اگني سنسڪار ڪيو ويو .هن صدمي گهٽن جي دلين جون ڌرتيون لوڏي ڇڏيون هيون .

***

# وڪيل رائسنگهه سوڍو

هُو جيڪو ست راڄين سوڍن جو اهڙو شاندار اهڃاڻ آهي، جنهن کي وقت جو ڪو بہ واءُ هن وطن جي واريءَ تان متائي نہ ٿو سگهي. هُو جڏهن رنگ منچ تي چڙهي پنهنجي گرجدار لهجي ۾ ڪا ڳٽن ڀري ڳالهہ ڪندو آهي تڏهن سندس سانورين اکين جي اوجيس مان سوڍڪي سُونهن جا هڙئي حوالا ڏونئري ڏينهن جيئن چٽا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هُو جيڪو ريگستان جي رڻ ڀومين راجپوتن جو اهڙو لاڪيٽو لعل آهي، جيڪو ڌرتيءَ جي ماٿي تي ڳاڙهي تلڪ جيان سجايل نظر اچي ٿو.هُو جيڪو راجپوت سماج جو وارث آهي. جڏهن اسان جا ”اُني ويني وارا“ گهٽا ٽٽا راجپوت وطن سان وفا جا هڙئي وچن بريف ڪيسن ۾ بند ڪري، روهہ مچي سيما جي هُن پار هليا ويا، تڏهن هن مرد مجاهد، رنگ رسئي راجپوت پنهنجي تريٽي جي لانگوٽي جو پلو واريندي، مايوس راجپوتن کي چيو هو تہ، آئون اوهان جي وارثي ڪندس.۽ هُن وارثي ڪري بہ ڏيکاري.

هُن ڊاٽ جي چٽيهين راٺي جي جشنِ تاج پوشي وارو ڪارج ڪري اُنهن گهٽن جي ڪنن مان هوا ڪڍي ڇڏي هُئي، جيڪي هر وقت چوندا هُئا تہ راجپوت هاٽي ٿر ۾ رهيا ئي ناهن. جشن تاج پوشي واري ڏينهن جڏهن رنگين ڦينٽن سان هاءِ اسڪول وارو گرائونڊ چمڪڻ لڳو تڏهن بي بي سي

جي نمائيندي علي حسن چيو هو تہ ”ايسي لگ رها هي جيسي آسمان زمين پي آگيا هي.“ جشن تاج پوشي واري ڪاريہ ۾ مجون ٽا سيني راجپوتن جو وڏو ساٿ هو پر ان جي سرواڻي ڪري ان ڪي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ ۾ هن سوڍي جو وڏو هٿ هو. جنهن ڪي تاريخ ڪڏهن بہ نہ وساريندي. هن نہ رڳو اتي دنگ ڪيو. هن ٻيا بہ راجپوتن لئہ ڪيئي ڪم ڪيا. جيڪي سڀ سماجي ڀلائي جي زمري ۾ آيا ٿي. هُن تعليمي طور پُنتي پيل راجپوتن ڪي تعليم ڀرائڻ لئہ سُنو پليٽ فارم مهيا ڪري ڏنو. المهراڻ پبلڪ اسڪول مٺي (جيڪا هاڻي هاير سينڪنڊري اسڪول جو درجو رکي ٿي) ڪي ڪولرائڻ ۽ ان جي رجسٽريشن ڪرائڻ ۾ وڪيل رائسنگهہ سوڍي جو وڏو ڪردار شامل هو. ان اسڪول ڪلڻ سان راجپوتن ڪي تمام وڏو تعليمي ۽ تدريسي فائدو ٿيو ۽ ٿي رهيو آهي. ماڻهون مجن نہ مجن تاريخ ڪڏهن بہ اهڙن ڪردارن جو پورهيو رائگان ٿيڻ ناهي ڏيندي. هُن چاهيو ٿي تہ ٿڙ پکڙ ٿيل راجپوتن ڪي هڪ مُٺ ۾ آڻي ڪا اهڙي مالها ناهجي جيڪا جڳ ڪي وٽي پر اها ڪامنا مها راڻي پرتاپ سنگهہ ڪان بہ پوري نہ ٿي تہ رائسنگهہ جهڙي صُلح پسند ماڻهون ڪان ڪٿان ٿيندي.

چوندا آهن تہ ”پِٽ سواءِ ڇِٽ ئي ناهي ٿهندو“ سو هُن سوڍي جو بُڻ بنياد انتهائي مضبوط آهي. هُو جيڪو پاٻُوهر واري ڪارو ياءُ نَري سوڍي جي ڪنور راڻسنگهہ سوڍي جو پوٽو آهي.اُهو راڻسنگهہ جنهن جي ڪڙڪ آواز ڪي اڄ ڏينهن تائين ڪير بہ وساري ناهي سگهيو.

اُهو راڻسنگهہ جنهن پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ اهڙي ايمانداري سان نوڪري ڪئي جو هن ڪي اڄ بہ ياد ڪيو وڃي ٿو.هن نوڪري دوران قانون ڪي ئي سڀ ڪجهہ سمجهيو. قانوني معاملي ۾ هُن پنهنجي سيٽن ڪي بہ بخش نہ ڪيو.راڻسنگهہ سوڍي جي عقلمند پُٽ مهاسينگهہ سوڍي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ وڪيل رائسنگهہ سوڍو انتهائي صوبر قسم جو ماڻهون آهي. ڏيرجوان، دوانديش، قانوني ماهر هئڻ سان گڏ وڏو مهمان نواز بہ آهي. هُن جي اوطاري جو دسترخوان سدائين کليو ئي پيو آهي جتي هر مڪتب فڪر جي ماڻهون

جي هي دلي آجيان ڪندو آهي. هُو جيڏو قد جو قداور آهي ايڏو ئي وڏو مهمان نواز ۽ عظيم ماڻهون آهي.

12آڪٽوبر 1976ع ۾ جنم وٺندڙ رائسنگھ سوڍي شروعاتي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ مان پرائي. مڊل ۽ ميٽرڪ کان وٺي انٽر تائين مٺي ۾ پڙهيو. بعد ۾ بيچلر ڊگري لاءِ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد ۾ داخل ٿيو. جتان 2005ع ۾ ايل-ايل-بي جو امتحان پاس ڪيو. ڪجھ وقت ميرپورخاص ۾ ناميارِي وڪيل وٽ وڪالت جي پريڪٽس ڪرڻ کان پوءِ هن وقت مٺي ۾ وڪالت ڪري ٿو. شيشن ڪورٽ کان وٺي هاءِ ڪورٽ تائين جا ڪيس وڙهي ٿو.

وڪيل رائسنگھ سوڍو ڪلٺو ملڻو ۽ انتهائي محبتي مزاج وارو ماڻهون آهي .ڪچهري ۾ طنز و مزاح سان دوستن جي دلي تربيت ڪندي، سُٺيون صلاحون بہ ڏيندو آهي. دوستن جا پنهنجا هٿرادو نالا بہ رکندو آهي اصلي نالي سان ڪنهن هڪ اڌ کي سڏيندو آهي نہ تہ هر ڪنهن جو نقلي نالو رکندو آهي، ان ئي نالي سان سڏيندو آهي. اهو بہ مزاح سان ڀرپور. اهو بہ ان جو هڪڙو فن آهي.

سُوم رس جي سُرورن ۾ سؤ فيصد سچ منهن تي چئي ڏيڻ وارو هي نيت جو صاف ماڻهون آهي. پرپُٺ ڪنهن جي گلا ڪرڻ هن جو وڙ ئي ناهي. جيڪو چوڻو هوندو منهن تي چئي ڏيندو پوءِ ڀلي ڪير ناراض ٿئي تہ پنج پچائي وجي ڪائي. ٻار جي ڳالھ تي بہ اعتبار ڪري ويندو آهي. دوستن ۾ خرچ ڪرڻ ۽ کارائي خوش ٿيڻ بہ هن جو وڏو گُڻ آهي.

راجپوتي ثقافت ۽ راجپوتي پرمپرا سان هُو وڏي محبت ڪري ٿو. جڏهن بہ ڪو سنڌ جي ثقافت جو ڏهاڙو ايندو آهي تڏهن هُو مٿي تي راجپوتي ڦينٽو ٻڌي، تريٽو ۽قميص پائيندو آهي. پيرن ۾ راجائي اسٽائل واري رنگين موجڪي جتي پائيندو آهي. هن وٽ ثقافت جو وڏو قدر آهي. هُو هر ڳالھ ۾ پهرين راجپوت آهي پوءِ ٻيو. هُو راجپوتيءَ تي سمجهوتو ڪڏهن بہ نہ ٿو ڪري سگهي. وڪيل رائسنگھ سوڍو راجپوتن جي تاريخ

تي تمام بهترين دسترس رکندو آهي. راجپوتن جي بهادري، قرباني ۽ محبت جا قصا مون کيئي ڀيرا هن جي واتان ٻُڌا آهن. هن جو حافظو بہ ڪمال جو آهي. هڪ دفعو ٻُڌل ڳالهہ هن کي تقريبن زندگيءَ ڀر وسرندي ناهي.

هُو اڪثر ڪري ڪچهرين ۾ چوندو آهي تہ سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف جي ڳايل ست سُورمين ۾ ٽي راجپوت آهن. مومل،سورٺ ۽ ليلان.آهي تہ مارئي بہ راجپوتاڻي پر ان کي اڄان سنڌ جي تاريخدانن راجپوت طور مڃيو ناهي. هُن کي راءِ ڍياري سمي جي وارتا بہ برزبان ياد آهي تہ سندس پيڙهي ۾ سپوت ٿيل صوڀارسنگهہ سوڍي جي سڳي ماسي موندري جي ستي ٿُول ٿيڻ واري ڪربناڪ ڪٿا بہ هُن جي هردي ۾ هر وقت ڏيئي وانگي ٻري ٿي. هُو راجپوتن جي تاريخ کي بيان ڪندي عجيب ڪيفيت ۾ پئجي ويندو آهي.

ڏِگهي قد ۽ ڪاري ڪوٽ وارو هي نوجوان اڄ ڪلهہ مٺي جو نامور ۽ ننگ دڙنگ وڪيل آهي. هُو گولڊ ليف سگريٽ جا ڏِگها ڪش هڻندي جڏهن سياست ۽ قانون تي وڏا وڏا بحث ڪندو آهي تڏهن ڪنهن فاتح سپہ سالار جيان سُهڻو لڳندو آهي. هُو سُهڻو تہ تڏهن بہ لڳندو آهي جڏهن ڪنهن پنچائتي فيصلي ۾ سماج جي مُنجهيل سُٽ جهڙي مامري کي راڄوڻي ريت سان پريت ۾ حل ڪندو آهي. وڪالت واري پيشي سان وابستہ هئڻ ڪري شايد ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڪوڙا قسم بہ کڻندو هُجي پر مُنافقي هن جي من ۾ ئي ناهي. هُو جهڙو ٻاهر آهي اهڙو ئي اندر آهي. مڃون ٿا تہ ڪا ڪمي ڪوتاهي هن ۾ بہ هوندي، هي بہ ماڻهون آهي فرشتو ناهي پر مجموعي طور ائين ئي چوندس تہ هي اهو ماڻهون آهي جنهن جي زندگيءَ جي قمر ۾ ڪوتاهين جا داغ آهن بہ تہ ڏسڻ ۾ نہ ٿا اچن.ڇاڪاڻ تہ ماڻهون چنڊُ جي چانڊوڪيءَ ڏسندو آهي ان جا داغ نہ.وڪيل رائسنگهہ سوڍي ڳوٺ مورانتلي مان اڳوڻي ايم پي اي رام سنگهہ سوڍي جي پيڙهيءَ تپيدار هيمراج سنگهہ جي راجڪماري پتياڻيءَ سان شاديءَ رچائي آهي.ڪيس اولاد ۾ بہ پُٽ آهن جن جا نالا ڪُلديپ سنگهہ ۽ منديپ سنگهہ آهن.

***

# وينجهراج سنگھہ سوڍو

مڪواڻا راجپوتن جي راڄڌاني ڪيرٽي ڪنهن بہ تعارف جي محتاج ناهي. ڪيرٽي جنهن ڪيسر مڪواڻي جهڙي مهاوير بهادر جي سورهيائي کي پنهنجي تاريخ جي سيني ۾ سنڀالي رکيو آهي. ڪيرٽي جنهن جي ”پڳ واءِ“ جي پيڊلين تي پير رکي پاڻي پريندڙ پاڻهيارن جي گلاب رنگ پيرن جا پدم اڄ بہ صحرا ۾ ساهہ کڻن ٿا. پارڪر جي پرمار راڻي گووند راءِ جي ڪنور راڻي چندڻ جي ناناڻڪي نگري طور تاريخ ۾ مشهور ڪڙلي نگر کي مختلف وقتن تي مختلف نالن سان سڏيو ويو آهي. ڪريم فقير جهڙي ڪوئل ڪنٺ راڳي جي هن جنم ڀومي کي ڪڏهن ڪڏهن ڪيرنتي گڏ جي نالي سان سُڃاتو ويو آهي. نبن سوڍن جي هن نامور نگري ۾ ڪيئي ماڻينگر مرد مجاهد پيدا ٿيا آهن. ڪيئي ڪوپا ڪونڌر ۽ سُورا پورا راجپوت هن ڌرتيءَ جي ڪُک مان اتپن ٿيا آهن.مگھجي، وجئہ سنگھہ، اڻندسنگھہ خانجي، اوناڙسنگھہ سوڍو ۽ وينجهراج سنگھہ سوڍو گڻن ڀريئي هن ڳوٺ جا جڳ مشهور ڪردار هئا.جن جا جيون چريتر اڄ بہ سماج ۾ رول ماڊل واري حيثيت رکن ٿا.

پهرين مئي 1933ع تي سردار سنگھ سوڍي جي گهر ۾ اک ڪوليندڙ وينجهراج سنگھ سوڍو عقل جو وِير هو. انتهائي گهڻ پڙهيو هئڻ ڪري تعليمي ۽ تدريسي نظام کي پنهنجي نرالي نوعيت ۽ انوکي اک سان ڏسندو هو. هُن جي دورانديش ذهين ۾ هر وقت اها ئي ڳالھ گردش ڪندي هُئي تہ ڪنهن بہ سماج جي ترقي ۾ تعليم لازمي آهي. تعليم کان سواءِ ڪو بہ سماج، ڪو بہ ملڪ ۽ ڪا بہ قوم ترقي نہ ٿي ڪري سگهي. ترقي جي لئہ تعليمي نظام کي سُڌارڻ انتهائي ضروري هوندو آهي. زندگيءَ ۾ سدائين سچ جو ساٿ ڏيندڙ، ڪوڙ کان ڪوهين ڏُور ڀڄندڙ هن مردم شناس مرد جي روشن جيون چريتر تي ڪو بہ بدگماني جو داغ نہ هو. نہ تہ اسان وٽ اڪثر ڪامورا ڪرپشن جي الزام وارن اگهارن سان ڪارا ٿيل هوندا آهن. هن سموري عُمر تعليم لئہ پاڻ پتوڙيو. جڏهن استاد هو تڏهن هُن استاد ٿي ٻارن کي پڙهايو. جڏهن هو آفيسر ٿيو تڏهن هڪ ايماندار آفيسر وانگي تعليمي نظام ۾ سُڌارا آندا. هن تعليمي معاملي ۾ ڪڏهن بہ، ڪنهن سان بہ سمجهوتو نہ ڪيو. پنهنجن ويجهن رشتيدارن کي بہ تعليمي معاملي ۾ بخش نہ ڪيو. هُو هڪ بهترين انتظاميہ ۽ انتهائي ڪٽڙ قسم جو عملدار هو. هُو وقت جي ڪنهن بہ چڱي مُڙس جي سفارش نہ مڃيندو هو. هن تي ڪنهن بہ سياستدان جي چٺي چپاٽي اثر نہ ڪندي هُئي. هُن جي زندگيءَ جو اهم مسئلو هو تہ ڪنهن جو بہ ٻار هُجي، کهڙي بہ ذات سان، کهڙي بہ مذهب سان تعلق رکندڙ هُجي پر تعليم پرائي. هُو تہ انهن کي بہ چوندو هو جيڪي هن سان نہ نهندا هئا تہ پنهنجا ٻار ڏيو تہ سُڌاري ڏيان ۽ هن الئہ ڪيترن غريبن جا ٻار پنهنجي ذاتي خرچ سان سُڌاريا. وينجهراج سنگھ جا پڙهايل الئہ تہ ڪيترا هونهار شاگرد اڄ تمام وڏن عهدن تي ويٺل آهن. مهمان نوازي سندس ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليل هُئي. مهمان جو آدر ڪرڻ هن جي رت ۾ شامل هو. راجپوتي ريتن، روايتن ۽ پُراڻين پرمپرائن کي پارڻ ۾ بہ هي سوڍو مڙني کان مٿي هو. ڪنهن وقت ۾ سوڍن ۾ تي ماڻهو انتهائي سُپيريئر طاقت رکندڙ ماڻهون هُئا، ائين ڪٿي چئجي تہ هنن جي چوڻ کان

سواءِ سوڍن ۾ پن بہ ڪون چُرندو هو. اُهي هُئا، وينجهراج سنگھ سوڍو ڪيرتي، خانجي سوڍو ڪيرتي ۽ پيرڏان سنگھ سوڍو پاٻوهر. هي اُها ٽمورتي هُئي جيڪا سوڍڪي سماج ۾ ڪا نئين روايت بہ ترويج ۾ آڻڻ جي سگھہ رکندي هُئي. هنن جي گڏيل فيصلي کي سمورو سماج سويڪار ڪندو هو.

وينجهراج سنگھ سوڍي شروعاتي تعليم مٺي مان حاصل ڪئي. 1949ع ڌاري مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ٿُرت ئي 26 جون 1954ع تي پرائمري ماستر طور سرڪاري ملازمت ملي ۽ مٺي ۾ ڊيوٽي جوائن ڪيائين. ان کان پوءِ اڳتي تعليم جاري رکندي گريجوئيٽ (B.A) ۽ پوسٽ گرجوئيٽ (M.A)جا امتحان پاس ڪيا. گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي ۾ (J.S.T) طور تعليمي خدمتون سر انجام ڏيڻ کان پوءِ مڊل اسڪول اسلامڪوٽ ۾ بہ (J.S.T)طور ڪم ڪيو. ان کان پوءِ گورنمينٽ مڊل اسڪول آهو ۾ هيڊ ماستر طور پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا. ان کان پوءِ پروموشن ٿي ۽ بيٽ آفيسر جي عهدي تي مٺي ۽ ڏيپلو جي مختلف بيٽن تي ڪم ڪيو. ان کان پوءِ گورنمينٽ مڊل اسڪول ميرپورخاص، رسول آباد، جيمس آباد (ڪوٽ غُلام محمد) ٿري نظاماڻي ۽ ڪيرتي ۾ هيڊ ماستر طور H.ST واري عهدي تي تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون. وينجهراج سنگھ سوڍو ڪجھ وقت بدين ضلعي جي پنگريو ۽ ننڊو شهر جي گورنمينٽ هاءِ اسڪولن ۾ بہ هيڊ ماستر ٿي رهيو. ان کان پوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نئون ڪوٽ ۾ بہ ڊيوٽي ڪيائين. 1985ع ۾ تعليم کاتي ۾ ترقي ملي ۽ سب ڊويزنل ايجوڪيشن آفسير (S.D.E.O) واري عهدي تي شروعات ۾ ٽنڊو محمد خان سب ڊويزن ۾ نوڪري ڪيائين ۽ پوءِ 1988ع ۾ سب ڊويزن مٺي ڏيپلو ۾ فرائض سرانجام ڏنائين. ان کان پوءِ وري پروموشن ملي ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (D.E.O) طور مٺي ضلعي ۾ ڪم ڪيائين جتان 30 اپريل 1993ع تي رٽائرٽمينٽ وٺي پنهنجي شاندار ڪيريئر جي شاندار پڄاڻي ڪيائين.

وينجهراج سنگهہ سوڍي ڳوٺ منڙيو پتي مان پوڄراج سنگهہ ولد سردار سنگهہ پتي جي ڌيءَ ڏيلان بائي سان شادي ڪئي. ان مان ڪيس پنج نياٽين ۽ ٽن پُٽن جو اولاد ٿيو. پُٽ هر هڪ نالي پورجي (نگجي) ، هيمراج سنگهہ ۽ ڀهادر سنگهہ آهن .پورجي زرعي ريونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان (B.E) ڪئي آهي. هيمراج سنگهہ (B.Com) ڪيو آهي ۽ ڀهار سنگهہ (M.A.....English) جو امتحان پاس ڪيو آهي. سيئي پڙهيا لکيا ۽ سورها سُڪي پنهنجي مڇي ماني وارا آهن ۽ هن وقت سڀ هندستان جي رياست گجرات جي پڇ ضلعي جي نکتراڻي تعلقي ۾ ڳوٺ نيترا ۾ سڪونت پذير آهن.

وينجهراج سنگهہ سوڍي جي هونهار شاگرد ۽ ويجهي ماضي ۾ ٿر جي مشهور ڊاڪٽر ڪانجي ڳوٺ ڏونئار حال ۾ نکتراڻا ڪڇ پڇ ڪان مون وينجهراج سنگهہ سوڍي بابت راءِ پُڇي تڏهن ڊاڪٽر ڪانجي آر سوڍي لکي موڪليو تہ”وينجهراج سنگهہ سوڍو رعبدار چهرو, مضبوط جسم, سندر سياءُ, اڻٿڪ محنت ڪش, نسوارٿ, سماج شيوڪ, ستيہ وادي, مهمانواز, سخت انتظاميہ, ڪڙڪ عملدار ۽ تعليم يافتہ انسان هئا.مهمان نوازي سندس خانداني گُڻ هو پر چاپلوسي ۽ مکڻ پاليسي ڪڏهن بہ نہ ڪندا هئا. اتفاق سان ڪڏهن ڪنهن سان تڪرار بہ ٿي ويندو هو تہ چاهي دنگ جو هُجي يا سيڙهي سنڌي جو گئوچر جو هجي يا سياسي هجي پاڻ هميشہ پريم سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.اگر ڪير نہ سمجهندو هو تہ سرعام سامهون اچي مرد مجاهد طور مقابلو ڪندا هئا. پرپُٺ گلا ڪري مُک ۾ رام بغل ۾ ڇُري وارو ڪم نہ ڪندا هئا.

رهي ڳالهہ سخت انتظاميہ جي سو ڪنهن بہ ٿرواسي کان لڪيل ناهي. مون وٽ ڪيئي مثال آهن پر مختصر طور هڪڙو ئي مثال ڏيندس تہ ڪيرٿي جي اسڪول جي وزٽ دؤران سندس سڳو پاڻٽيو چندن سنگهہ غير حاضر هئڻ ڪري معطل ڪري ويا.سدائين چوندا هئا آفيس جي ٽائم آئون هڪ آفيسر آهيان ۽ گهر گرهستي ۾ اوهان جو مائٽ ۽ دوست آهيان. سندس جسماني سگهہ سان گڏ منوبل يعني ذهني طاقت بہ ايشور اپرم پار

ڏني هئي. ڌارمڪ گُڻ ۽ سهڻا سنسڪار ڪيس وڏڙن کان وراثت ۾ مليل هئا. سندس والد صاحب محترم سردار سنگھ اٽپڙهيل هئڻ باوجود نيڪ دل ۽ چاٽون ماڻهون هو. سندس چاچو اوناڙ سنگھ سوڍو راڄنيتيءَ ، صلح پسندي ۽ محبت جو پيدار هو. اڄ بہ ڪيرتي جو نالو اوناڙ سنگھ جي نالي سواءِ اڌورو آهي ”.ڊاڪٽر ڪانجي واري راءِ مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ وينجهراج سنگھ سوڍو هڪ مثالي اُستاد, هڪ مثالي بيوروڪريٽ ۽ هڪ مثالي مهمان نواز سان گڏ پنهنجي ڪم سان سو سيڪڙو ڪميٽيڊ هڪ مهان ماڻهون هو. جنهن جي ڪمي اڄ نہ رڳو ڪيرتي کي محسوس ٿئي ٿي پر سمورو ٿر هُن کي ساري ٿو. هُن جي دؤر ۾ رهندڙ اُستادن جي ڪنن ۾ اڄ بہ هن جو ڪڙڪ آواز گونجي ٿو ۽ هن جي گهوڙي جي ٽاپولي اڄ بہ ڌُگ ڌُگ ڪري پيئي. سنڌڙيءَ جو هي سپوٽ سوڍو **1994**ع ۾ وطن کي جدائي جو تحفو ڏيئي هميشہ لئہ هند هليو ويو. جتي سندس ساھ جو سڳو سنڌ کي سارينديُ تاريخ **26** جون2007 ع تي ٽُٽي پيو.

***

# سوائي سنگهہ سوڍو

ڪوي شڪتيڏان ڪويا ”ڏرا سرنگي ڏاٽ“ ۾ پڏيليءَ جي سوڍن ڪي هن ريت ساراهيو آهي.

**سوڍا پڏيلي را سري رتن هرا ڪُل روپ**
**پير سون ٻھُون پرات رو اوجل سُجس انوپ**

(پڏيليءَ جا سوڍا سپني ڪان سرس آهن. رتن سنگهہ جي پيڙهي ۾ جنم وٺندڙ پيرجي ۽ سون سنگهہ ٻنهي پائرن جي وڏ ۾ وڏ واڪاڻ ٿئي ٿي.)

سوڍاڻ ڌرتيءَ جي سُريلي ڳوٺ پڏيليءَ جي سُرتاڻ سوڍن جو ٿر جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. انگريزن ڪي رُڪ جا چٽا چٻائيندڙ رتن سنگهہ سوڍي ڪان وٺي سروپ سنگهہ سوڍي تائين سپئي مٽيادار ماڻهون هن وطن جا اُهي املهہ ڪردار هُئا جن ڪي تاريخ ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهي. تاريخ پلا اُنهن بهادر پُوپن ۽ ڪونڌر ڪُوپن ڪي ڪيئن ٿي وساري سگهي جن رت ڏيئي پنهنجي ڌرتيءَ جي پت رکي. اهڙن وطن جي وڏماڻسين ڪي ڪو وطن جو ويري ئي وساري سگهي ٿو. باقي هن مٽيءَ سان محبت ڪندڙ هر ماڻهون جي دل جي ديول ۾ انهن لاءِ پيار جا ديپ هر ويل جڳمڳائيندا ئي رهندا.

راڻي رتن سنگهه جا ٽي پُٽ هئا. موهڙجي، رڻجيت سنگهه ۽ جيوراج سنگهه. موهڙجي ۽ رڻجيت سنگهه بنان اولاد جي ئي فوت ٿي ويا. ٺاڪر جيوراج سنگهه کي ٻه پُٽ ٿيا هر هڪ پيرجي ۽ سون سنگهه. جن امرڪوٽ ڇڏي اچي سون پور ديهه ۾ پڏيليءَ نالي ڳوٺ جو بنياد وڌو. ٻنهي ڀائرن ڏُکين حالتن ۾ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ بدران پنهنجي مدد پاڻ تحت وڏي محنت ڪئي. محنت ۽ لگن سان ٻه هزار ايڪڙ پوکي لائق زمين هٿ ڪرڻ کان پوءِ ان کي آباد ڪيائون. زمين جي اُپت مان پنهنجي اُدر پالنا عزت سان ڪرڻ لڳا. ٺُرت ئي انگريز سرڪار سندن والد صاحب ٺاڪر جيوارج سنگهه کي ڊاٽ جو بينئچ ماجسٽريٽ مقرر ڪيو. جيوراج سنگهه سوڍي کي شڪتيڏان ڪوي هن طرح ڀيٽا ڏني آهي.

ساير سوڍو رتن سنگهه جيوراج سُت جيڻ
پٽياڻي جايو پلو تور سوايو تيڻ

(رتن سنگهه سوڍو انتهائي سپوت هو. جنهن جو پُٽ جيوراج سنگهه آهي.
پٽياڻي جي ڪُک مان پيدا ٿيندڙ هن سوڍي جا تيور ئي پنهنجا آهن.)

سوائي سنگهه سوڍي جي جيون چريتر تي روشني وجهڻ کان پهرين جيوارج سنگهه جي وڏي پُٽ ۽ سوائي سنگهه جي سڳي چاچي پيرجي جي پريوار جو ذڪر ڪرڻ آئون ضروري ٿو سمجهان. ڇاڪاڻ ته ان جو ٻه ٽر جي سوڍن جي سياسي ۽ سماجي زندگي ۾ وڏو اثر رهيو آهي. جيوراج سنگهه جو وڏو پُٽ پيرجي وڏو ادب ذوق انسان هو. هُن کي سنڌيءَ، هنديءَ ۽ گُجراتيءَ ٻولين تي وڏو عُبور حاصل هو. هُو ڊاٽ ۽ مارواڙ جي راجپوتن جي تاريخ جو وڏو ڄاڻون هو. پيرجي گونر جو درٻاريءَ ۽ لوڪل بورڊ آف امرڪوٽ جو اڳواڻ ٻه رهيو هو. سوڍڪي سماج ۾ هن مهان ماڻهون جي وڏي عزت هوندي هُئي. هي **1958**ع ۾ گُذاري ويو. ٺاڪر پيرجي جو هڪ پُٽ ۽ ٻه ڌيئرون ٿيون. پيرجي جي پُٽ جو نالو ڪُماڻ سنگهه هو.جيڪو وڏو زميندار ٿي گُذريو

آهي .هي سندس والد صاحب پيرجي کان اڳ ۾ **1949**ع ۾ گُذاري ويو. ڪُماڻ سنگھ جا ٻه پُٽ ٿيا.پرٿوي سنگھ ۽ جيتمال سنگھ.پرٿوي سنگھ جي شادي گڊسيسر (بيڪانير) جي ٺاڪر شوڏان سنگھ جي راجڪماري سان ٿي هُئي. پرٿوي سنگھ جا چار پُٽ آهن. رڻوير سنگھ، رامچندر سنگھ، مهاوير سنگھ ۽ دليپ سنگھ. هن وقت هي سڀ هندستان جي صوبي راجستان جي شهر جوڌپور ۾ رهن ٿا. پرٿوي سنگھ **1975**ع ۾ گُذاري ويو.

ڪُماڻ سنگھ سوڍي جو ٻيو پُٽ جيتمال سنگھ سوڍو گهڻ پڙهيو ماڻهون هو. **1927**ع ۾ جنم وٺندڙ جيتمال سنگھ سوڍي انگريزي ادب ۾ ماسٽر (ايم- اي) ۽ سائنس ۾ بيچلر (بي -ايس-سي) ڪرڻ سان گڏ قانون جو امتحان (ايل-ايل - بي) به پاس ڪيو هو. اولھ پاڪستان جي سُپريم ڪورٽ ڪراچي-سنڌ ۾ وڪالت ڪرڻ سان گڏ امرڪوٽ تعلقه ۽ ٿاڻا ڪائونسل جو ميمبر به رهيو. يونين ڪائونسل ڪاروڙو جو چيئرمين ۽ فيڊرل ايڊوائيزري ڪائونسل آف مينارٽي افيئرس آف پاڪستان اسلام آباد به رهيو.سنڌ ايگريڪلچر پاليسي ڪميٽي گورنمينٽ آف سنڌ جو ميمبر به رهيو. جيتمال سنگھ سوڍي راجستان سيشن ڪورٽ جي جج شري پڳوت سنگھ چانپاوت (هرياڍاڻا) جي راجڪماري سان شادي ڪئي. جيتمال سنگھ سوڍو ڪجھ عرصو اڳ پنهنجي پريوار سميت هندستان لڏي ويو. جتي هينئر جوڌپور ۾ رهي ٿو. اُتي پاڻ آسٿا نالي اسپتال به کولي آهي. جيڪا سندس پُٽ ڊاڪٽر ڪيلاش سنگھ هلائي ٿو. جيتمال سنگھ جا ٽي پُٽ ۽ ٽي ڌيئرون آهن. پُٽ هر هڪ مهيپال سنگھ، پرهلاد سنگھ ۽ ڊاڪٽر ڪشور عرف ڪيلاش سنگھ. جيتمال سنگھ جي وڏي راجڪماريءَ جو وهانءَ مهاراجا چندروير سنگھ راٺوڙ (رتمال ايم. پر) سان ٿيو. وچيٽ راجڪماريءَ جو وهانءَ يادوينڊر سنگھ راٺوڙ گهنٽيل(بيڪانير) سان ٿيو ۽ ننڍي راجڪماريءَ جو وهانءَ مهاراجا ڪرڻ سنگھ جهالا بڙي سادڙي (ميواڙ) سان ٿيو. جيتمال سنگھ سوڍي جو وڏو پُٽ مهيپال سنگھ سوڍو آسٿا اسپتال جوڌپور جو ڊاريڪٽر آهي. ٻئي پُٽ پرهلاد سنگھ ڪمپيوٽر سسٽم ۾ بي-

اِي ڪئي آهي. هن وقت پنچمهل سٽيل لميٽڊ ڪلول(بڙودا) ۾ اي-جي-ايم ڪمپيوٽر سسٽم واري عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي. ننڍي پُٽ ڪنور ڪيلاش سنگهه لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد سنڌ مان ايم-بي-بي-ايس جو امتحان پاس ڪيو هو. هن وقت آستا اسپتال پاوٽا جوڌپور ۾ ايڊمنسٽريٽر ۽ مينيجنگ ڊاريڪٽر آهي. سڄو پريوار سُک ۽ سنمپتي سان رهي پيو. هاڻ اچون ٿا سوائي سنگهه جي جيون چريتر ۽ ان جي پريوار جي حال احوال ڏانهن.

انگريز حُڪومت پاران اعزازي طور مقرر ڪيل آنرري پوليس پٽيل سون سنگهه سوڍي ڪي اولاد ۾ هڪ پُٽ ۽ هڪ ڌيءَ ٿي. سون سنگهه سوڍي پنهنجي راجڪُماريءَ جي شادي ڪنور چمن سنگهه (داسپان-پينمال) سان ڪئي.

سون سنگهه سوڍو **1927**ع ۾ گُذاري ويو. سندس اڪيلي پُٽ جو نالو سوائي سنگهه سوڍو هو. سوائي سنگهه سوڍي ٻاڪاسر جي مشهور ڌاڙيل ٻلونت سنگهه چوهاڻ جي ڀيڻ سان شادي ڪئي هُئي. جنهن جي شاهدي ڪوي شڪتيڏان ڪويا جي هي ڪويتا ٻه ڏي ٿي ته:

**سروپ سنگهه رگهوير سنگهه هري دلپت ات هيج**
**ٻاڪاسر ٻلونت را ڀڙ چيارون ڀاٽيج.**

ٺاڪر سوائي سنگهه سوڍو سنڌي، هندي ۽ گُجراتي جو ماهر هو. ادب، سياست، تاريخ ۽ ثقافت سان انتهائي دلچسپي رکندو هو. مهمان نوازي هن جو وڏو گُڻ هئي. هُو مهمان ڪي ماني ڪارائڻ بنان پاڻ ڪڏهن ماني نه کائيندو هو. ائين ڪڏهن اتفاقن ڪو مهمان وٽن نه ايندو هو ته لنگهڻ سمهي رهندو هو. اوطاق تي آيل هر ماڻهون هن لئہ مهان هو. راجا ۽ رنڪ کي هڪڙو ئي طعام ڪارائيندو هو. مهمان ڪي ماني پاڻ پنهنجي هٿن سان وڏي ڏيندو هو. هُن وٽ اوچ ۽ نيچ جو ڪو تصور ئي نه هو. هُو هر روز نيم انوسار صبح جو سويل اوطاري ۾ وچي ٻنڌاٽين کي امل ڪسونبي جون وٽيون ڀري پياريندو ۽ پيئندو هو. ڪار ڀنچڻي لئہ آنٽڻي واري ڏهي مان تاسريون ڀري پياريندو هو.

هن سوڍي جهڙي مهمان نوازي ويجهي ماضي ۾ شايد ئي ڪنهن ڪئي هُجي. هُو چارڻ ڪوين کي دان ڏيڻ مهل ايڏو خوش ٿيندو هو جو هُن جي اکين مان خوشي ڏياريءَ جي ڏيئن جيان ڏيک ڏيندي هُئي.

ڪوي شڪتيڏان ڪويا چوي ٿو تہ:

سوڍ سوائي سون سُت رکي سوائي ريت
پريت سوائي پالٽان ڪرب سوائي ڪريت

(سون سنگھ سوڍي جي پُٽ سوائي سنگھ سوڍي سڀني کان مٿي ريت رکي. هُن آيل کي عزت ۽ پيار بہ سرس ڏنو. چارڻن کي قائدي موجب دان ڏيڻ وارو ڪُرب بہ هن تمام سُنو ڪيو.)

پيماويري جي پلوڙ ڪوي ڪومڏان لانگيڏان بارٿ سوائي سنگھ سوڍي کي پنهنجي نرالي ڪويتا ۾ هن طرح پيٽا ڏني آهي تہ:

اڙ سُپ پڏيلي اوپرا سوڍا نرپ سونيس
اڍگ ڏيس جامين امل وڏتي پاگ وسيس

(پڏيليءَ جي پاڳوند پومي تي سون سنگھ جو پُٽ سوائي سنگھ سوڍو راج ڪري ٿو جيڪو عام جنتا کي امل ڪسونڀ جا ڪٽورا پياري هن ڌرتيءَ جو مان مٿانهون ڪري ٿو.)

اوپي نيلي اڙا پر ٿانڪ سوڍان ٿير
آپڪا سنڌُو اوجلا نهران ڪڙڪي نير

(سائي سرزمين سنڌ تي سوڍن جو راج سُونهي ٿو. توهان جو سنڌُو ڪيڏو صاف شفاف آهي جنهن جو پاڻي نهرن ۾ ڇُلڪي رهيو آهي.)

سوائي سنگھ سوڍو سياست ۾ بہ انتهائي سرگرم ماڻهون هو. هُو سن **1952**ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر بہ ٿيو هو ۽ ”جسٽس آف پيس“ بہ رهيو هو. سوائي سنگھ سوڍي کي اولاد ۾ چار پُٽ ۽ ٽي ڌيئرون ٿيون. پُٽ هر هڪ

نالي سروپ سنگهه، رُگهوبر سنگهه، هري سنگهه ۽ دلپت سنگهه آهن. وڏو پُٽ سروپ سنگهه سياسي طور انتهائي سرگرم رهيو هو. سُونهن ۾ سروپ سنگهه سوڍو پنهنجو مَٽ پاڻ هو. ماڻهنگر منهن تي سدائين مچن جا ونگ وريل هوندا هُئا. هُن کي ڏسي ماڻهون سوائي سنگهه سوڍي جون سکون لاهيندا هُئا. ڪوي شڪتيڏان ڪويا سروپ سنگهه سوڍي کي ساراهيندي" ڏرا سرنگي ڍاٽ" ۾ هن ريت فرمايو آهي تہ:

**جنگي آڻ جبان ۾ انگ منُوٽ انُوپ**

**سوڍ سوائي سنگهه رو سُت پاٽوي سروپ**

(هن جي شيرين زبان مٺاس سان ڀري پيئي آهي. هُو هر ڪنهن سان حُب مان ملي ٿو. سوائي سنگهه جو پُٽ سروپ سنگهه گادي دار راڻي جهڙو گُڻن ڀريو لڳي ٿو.)

پيماويري جي پلوڙ ڪوي کومڏان لانگيڏان ٻارٺ سوائي سنگهه سوڍي جي پُٽ سروپ سنگهه سوڍي کي پنهنجي دلربا دوهي ۾ هيئن ڀيٽا ڏني آهي.

**سُتن سوائي سنگهه رو سروپ سنگهه سُڄاڻ**

**داني اديڪ دلير پڙ وڏ وڏ رنگ وکاڻ.**

(سوائي سنگهه جو سپوٽ پُٽ سروپ سنگهه سوڍو تمام وڏو ڏاتار آهي. دليري هن جي رت ۾ شامل آهي. هن جا ڪهڙا واکاڻ ڪري ڪهڙا ڪيان.)

سروپ سنگهه سوڍو بہ پيرا ٿرپارڪر ضلع ڪائونسل جو ميمبر بہ رهيو. آخر ۾ عام اليڪشن ۾ صوبائي سيٽ تي چونڊ بہ وڙهيو. ڪٽي بہ ويو پر سياستدان جي چرچ تي ري ڪائونٽينگ ڪرائي ويئي ۽ ان ۾ سنڌ جي سپوت پُٽ کي زوري هارايو ويو. ان ڏينهن پڏيليءَ جي هن پُوپ جي دل ٽُٽي ويئي. پڏيليءَ پُري پيئي. پرم پجي پيو. هُو ملول من سان هي ملڪ ئي ڇڏي ويو. ڇاڇرو ڇورو تي پيو. سنڌ سُڏڪو پريو. ٿر يتيم ٿي ويو.

***

# ڏُجئہ سنگهہ سوڍو

هُو جنهن جي سياءُ ۾ پرماتما سادگيءَ ائين اوتي آهي جيئن پرئي ٽُرئي سانوڻ ۾ ڪو بانورو بادل آڪاش تان پلر اوتي ڪنهن سُڪل ترائي کي سيراب ڪندو آهي. هُو جيڪو ڏاتار ۽ ديوتا قسم جو ماڻهون آهي. هُو جيڪو ٻارن لئہ ٻار ٿي پوندو آهي تہ وڏن لئہ وڏو احترام ٿي ملڻ وارا هڙئي گُر هٿيڪا ۽ هيڪاندا ڄاڻيندو آهي. هُو جيڪو سگريٽ مٿان سگريٽ دُکائي، نيرڙي دونهين کي هوا ۾ تحليل ڪندي هر وقت، هر ماڻهون جي ڀلي لئہ سوچي ٿو. هُو سوچي ٿو تہ، ڪٿي بہ ڪو ماڻهون ڪنهن ماڻهون سان نہ وڙهي بلڪہ جانور جو بہ خيال رکي. هر هند ۽ هر وقت ميلا ۽ محبتون هجن. ڪو بہ ساهہ وارو ڪنهن بہ زنده وجود کان زخم نہ کائي. هُو جڏهن بہ، جتي بہ ڪنهن پنچائتي فيصلي لئہ ويندو آهي تہ، اول انصاف جي تقاضا ڪندو آهي. هُو وسين لڳي ڪنهن سان بہ ناانصافي ٿيڻ ناهي ڏيندو.

هُو مزاجن تمام محبتي ۽ قربائتو ماڻهو آهي. مهمان نوازي تہ سندس پيڙهياتي پرمپرا رهي آهي .اهو گُڻ وڏڙن کان وراثت ۾ مليو آهي. مهمان سان وڏي حُب ۾ ملندو آهي. سندس اباڻي اوطاري تي اڄ بہ هر وقت هڪ ٻہ مهمان اوس هوندا. وار پرب تي تہ هُئين رهاڻ رتل ۽ محفل مٽل هوندي آهي پر آڏي ڏينهن تي بہ ڪيئي تولا ٻري ڪسونبا ٿي ويندا آهن. مهمان کي دل سان کارائيندڙ هي ڏاتار سوڍو ڪڇهريءَ جو بہ ڪوڏيو آهي. ريگستان جي راجپوتن جي باري ۾ هن کي وڏي معلومات آهي. هر ڳوٺ جي گناتپين جا گس گهيڙ ۽ واسطا وڙ پيڙهياتا ياد آهن. سدائين اڇي پٽڪي ۽ قميص

ترڻتي وارو ويس پائيندو آهي. هر ڪنهن جي مرڻتي پرڻتي تي مري جهُري بہ پُڄڻ هن جي سُگڻن ۾ شُمار ٿئي ٿو. حياتيءَ جي سفر ۾ هن سُک بہ ڏٺا آهن تہ مها ڏُک بہ ڏٺا آهن. سندس جوان پُٽ ۽ سڳي ڀائٽئي جي ابدي وڇوڙي هن کي وکيري ڇڏيو آهي پر هي اٽل آدمي دل شڪستو ناهي ٿيو. ڏُکن کي پرماتما جي پريکشيا سمجهي جيئي ٿو.

ڏجئہ سنگهہ سوڍو پهرين جنوري **1958**ع تي ٿرپارڪر جي قديمي ۽ تاريخي ڳوٺ ڪيرتي ۾ محترم راوت سنگهہ نبي سوڍي جي گهر ۾ جنم ورتو. محترم جسرج سنگهہ سوڍي کي پنهنجو اولاد نہ هئڻ ڪري ڪيس گود جو پُٽ ڪري پاليو ان ڪري ڏجئہ سنگهہ سوڍو اڄ بہ والد جي ناليءَ ۾ جسراج سنگهہ لکي ٿو. هن ابتداعي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ ڪيرتي ۾ پرائي. ميٽرڪ **1970**ع ۾ ڊي–سي **(D.C)** سيڪنڊري اسڪول مٺي مان پاس ڪئي. انٽر **1972**ع ۾ گورنمينٽ ايس–ايس **(S.S)** آرٽ ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي. بي–اي **1976**ع ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيو. **1975**ع ۾ پي–ٽي–سي **(P.T.C)** جو متحان گورنمينٽ ٽرسٽ ايليمينٽري اسڪول ميرپور خاص مان پاس ڪيو. ايم–اي **(M.A)** اڪنامڪس ۾ **1979**ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪئي .بي– ايڊ **(B.Ed)** **1980**ع ۾ ۽ ايم –ايڊ **(M.Ed)** **2000**ع ۾ پاس ڪيو.

**2** مارچ **1973**ع ۾ پرائمري ماستر طور سرڪاري ملازمت ملي ۽ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ ڊنڊورو تعلقہ ننگرپارڪر ۾ ڊيوٽي جوائن ڪئي. **1982**ع ۾ جي–ايس–ٽي **(J.S.T)** طور ترقي ملي ۽ گورنمينٽ مڊل اسڪول ڪيرتي ۾ نوڪري ڪئي. **1987**ع ۾ ايچ–ايس–ٽي **(H.S.T)** طور پروموشن ملي.**1991**ع ۾ سپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن آفيسر **(S.P.E)** جي حيثيت سان ڪم ڪيو.**2004**ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪيرتي ۾ هيڊ ماستر جي عهدي تي پنهنجا فرض سرانجام ڏنا. **2008**ع ۾ ڊپٽي ڊي–اي–او **(D.E.O)** ٽيڪنيڪل ضلع ٿرپارڪر ٿي رهيو.**2010**ع ۾ ڊي–اي–او

(D.E.O)ايليمينٽري طور ترقي ملي جتان 2013ع ۾ رٽائرمينٽ وٺي پنهنجي بهترين ڪيريئر جي شاندار پڄاڻي ڪيائين.

ڏُجڻ سنگھ سوڍي ڇاڇري تعلقي جي ڳوٺ ويجهيار مان ڇهنسنگھ ڏوهٽ جي گهران شادي ڪئي. اولاد ۾ ڪيس ٽي نياڻيون ۽ پنج پُٽ آهن. سندس موٽي پُٽ رڻڇوڙ سنگھ خانجي سوڍي کي گود ۾ ڏنل آهي. اُن کان ننڍو پُٽ ستيڏان سنگھ آهي، جيڪو زميندراي ڪري ٿو ۽ ان کان ننڍو سُورن سنگھ سوڍو آهي، جنهن سنڌ يونيورسٽي مان علم شُماريات (Statistics)۾ ماسٽر ڪئي آهي. هن وقت پاڪستان پيپلز پارٽي جو سرگرم ڪارڪن آهي. ننڍا پُٽ گمان سنگھ ۽ موهن سنگھ سوڍو زير تعليم آهن ۽ ٻئي تمام ذهين ۽ سُلڇڻا آهن

***

## حوالا


1. تاريخ ريگستان (پاڱو پهريون) رائچند راٺوڙ
2. ڌرا سُرنگي ڀاٽ (هندي) پروفيسر شڪتي دانُ ڪويا
3. **پرمپرائوں کی وراثت** (هندي) ڊاڪٽر مهندر سنگھ نگر
4. امرڪوٽ ـ سنڌ جو اتهاس تپيدار تيجسنگھ سولنڪي
5. همروٽ چتيسي ڀارومل امراڻي سوٿهڙ
6. چتر ٻولي چارڻان ڀارومل امراڻي سوٿهڙ
7. ٽاڊ راجستان ڪرنل جيمس ٽاڊ

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


سوڍا چتر سڄاڻ
ليکڪ امر رائيسنگهه راجپوت
انگريزي ٻوليءَ جي مشهور تخليقڪار جان ڪيٽس جي
لاءِ چيو ويجي ٿو ته هن شاعرانه تخليق جي سڄاري نديءَ جي وهڪري
۾ پنهنجو نالو لکيو هو. سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر ۽ ليکڪ امر
رائيسنگهه راجپوت جي شاعرانه نثر کي پڙهي جڏهن سگهجي ٿو ته
راٺوڙ خاندان جي هن نوجوان راجپوت فلسڪار پنهنجي انوکي ذات ۾
ذات، سان صحرا جي واريءَ تي پنهنجو نالو لکڻ جي جستجو ڪئي
آهي. ريت جي رولاڪ هن آدمي جو پرڪشش لهجي ۽ دل کي ڇهندڙ
نظم نواز نثر ۽ اڪيل رومانوي مواد پڙهي مون اڪثر اها راءِ قائم ڪئي
آهي ته امر مسلسل اٿين محبت ڪري محبت سان ذات جا ڏينا پاريندو
رهيو ته، پنهنجي دور جو ڪٿي ڪاليداس نه ٿي سگهي، پر عشق جي اُپن
ڪاڻن تي هلندي محبت جي اروڙي سان وصال جي لاءِ خيالن ۾ خوابن
جا ڪميت ٻوڙائيندي ڪوي ڪاليداس جي ڪردار رشي وڪرم ڪان
گهٽ اڳتي نظري ويندو.
پارومل امرائي سُوٿهڙ